(ii) $25x^4+40x^3+26x^2+8x+1$

(iii) $4x^4+8x^3+20x^2+16x+16$

(iv) $\frac{x^2}{y^2}+\frac{y^2}{x^2}+47-\frac{14y}{x}+\frac{14x}{y}$

(v) $x^2-2x+3-\frac{2}{x}+\frac{1}{x^2}$

(vi) $x^2+\frac{y^2}{9}+9z^2+\frac{2xy}{3}+2yz+6xz$

(vii) $(x^2+\frac{1}{x^2})^2-8(x^2+\frac{1}{x^2})+16$

(viii) $x^6+\frac{1}{x^6}-4\left(x^3+\frac{1}{x^3}\right)+6,\ x\neq 0$

3. $4x^4+4x^3+17x^2+8x+9$ ۾ ڇا جوڙ ڪجي، جو هڪ مڪمل چورس بڻائي.

4. $9x^6-12x^5+4x^4-18x^3-12x^2+18$ مان ڇا ڪٽ ڪجي جو هڪ مڪمل چورس بڻائي.

5. جو اهڙو ملهه جيڪو m', $9x^4+12x^3+34x^2+mx+25$ کي هڪ مڪمل چورس بڻائي.

6. p ۽ q جي ڪهڙن ملهن لاءِ $x^4+8x^3+30x^2+px+q$ اظهار هڪ مڪمل چورس ٿيندو.

ورجايل مشق 5

.1 غلط ۽ صحيح سوال

هيٺين جملن کي غور سان پڙهو ۽ صحيح بيان لاءِ "T" غلط بيان لاءِ "F" تي گول لڳايو.

(i) y^2-4 ۽ y-2 جو و ع پ و y-2 آهي.	T / F
(ii) a^2-1 ۽ a^3-1 جو و ع پ و a+1 آهي.	T / F
(iii) x^3+1. ۽ x+1 جي ن ع پ ا، x^3+1 آهي.	T / F
(iv) x^2+y^2 ۽ x^2-y^2 جي ن ع پ ا، x^4-y^4 آهي.	T / F
(v) $a+3$. ۽ a^2+5a+6 جو و ع پ و a^2+4a+3 آهي.	T / F

.2 خال ڀريو.

(i) ڳڻ رقمين جو و ع پ و معلوم ڪرڻ لاءِ ________ طريقا آهن.

(ii) ٻن اظهارن جي ن ع پ ا x و ع پ و = ________ آهي.

(iii) y^2-5y، $y+6$ ۽ $y-2$ جو و ع پ و ________ آهي.

(iv) y^2+5y+6 ۽ y^2+3y+2 جي ننڍي عام ڀينج اپٽ ________ آهي.

(v) $y^2-\frac{1}{y^2}$ ۽ $y+\frac{1}{y}$ جو و ع پ و ________ آهي.

.3 صحيح جواب تي (✓) ٽڪ لڳايو.

(i) x^3-8y^3 ۽ $x^2-4xy+4y^2$ جو و ع پ و آهي.

(a) $x-4y$ (b) $x^2+2xy+y^2$

(c) $x+2y$ (d) $(x-2y)$

(ii) $(2y+3z)^5$ ۽ $(2y+3z)^3$ جي ن ع پ ا آهي.

(a) $2y+3z$ (b) $(2y+3z)^3$

(c) $(2y+3z)^2$ (d) $(2y+3z)^5$

(iii) x^3-y^3 ۽ x^2+xy+y^2 جو و ع پ و آهي.

(a) $x+y$ (b) x^2+xy+y^2

(c) $x-y$ (d) $(x-y)^2$

(iv) $(x-y)^4$ ۽ $(x-y)^3$ جي ن ع پ ا آهي.

(a) $(x-y)$ (b) $(x-y)^3$

(c) $(x-y)^4$ (d) $(x-y)^7$

(v) $\dfrac{y}{x^2-y^2}+\dfrac{1}{x+y}$ جي سادي صورت آهي.

(a) $\dfrac{y+1}{x^2-y^2}$ (b) $\dfrac{x}{x^2-y^2}$

(c) $\dfrac{y}{x^2-y^2}$ (d) $\dfrac{x+y}{x^2-y^2}$

(vi) $\dfrac{1}{5x-y}-\dfrac{y}{25x^2-y^2}$ جي سادي صورت آهي.

(a) $\dfrac{5x}{25x^2-y^2}$ (b) $\dfrac{5x}{5x^2-y}$

(c) $\dfrac{-5x}{5x+y}$ (d) $\dfrac{-5x}{25x^2-y^2}$

(vii) $\dfrac{a^3x^3+a^3y^3}{a^2(x+y)}=$ ________ :

(a) ax^2+ay^2 (b) x^2+y^2

(c) $a(x^2-xy+y^2)$ (d) $a(x^2+xy+y^2)$

(viii) $\dfrac{b}{a+b}-\dfrac{a}{a-b}=$ ________ :

(a) $\dfrac{a^2+b^2}{a-b}$ (b) $\dfrac{a^2-b^2}{a^2-b^2}$

(c) $\dfrac{a+b}{a^2-b^2}$ (d) $\dfrac{a-b}{a^2-b^2}$

(ix) ن ع پ ا = ________

(a) $\dfrac{\text{HCF}}{\text{P×Q}}$ (b) $\dfrac{\text{P×Q}}{\text{HCF}}$

(c) $\dfrac{\text{P}}{\text{HCF}}$ (d) $\dfrac{Q}{\text{HCF}}$

(x) x^2-x+1 ۽ x^3+1 جي ن ع پ ا آهي.

(a) $x+1$ (b) x^2-x+1 (c) x^3+1 (d) x^2+x+1

خلاصو

- الجبري اظهارن جو و ع پ و ۽ ننڍي عام ڀنج اپت معلوم ڪرڻ لاءِ ٻہ طريقا آهي.
  (1) جزن ذريعي (2) وندڻ ذريعي
- ٻن اظهارن جي ن ع پ ا x و ع پ و = ٻن اظهارن جي ضرب اپت
- ن ع پ ا ۽ و ع پ و جي مدد سان آلجبري اظهارن جي جوڙي ڪٽ ضرب ۽ وندڻ معلوم ڪري سگهجي ٿي.
- آلجبري اظهارن جو ٻيومول معلوم ڪرڻ لاءِ ٻہ طريقا آهن.

(i) جزن واري طريقي سان ٻيومول

(ii) وندڻ واري طريقي سان ٻيومول.

يونٽ 6

هڪ درجي مساواتون ۽ اڻ برابري

Linear Equation and Inequalities

شاگردن جي سکيا جا حاصلات

هن يونٽ جي پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا ته:

- هڪ بدلجندڙ (variable) واري هڪ درجي مساوات (equation) دهرائيندا.
- ناطق عددي سرن (مَنِي) سان هڪ درجي مساواتون حل ڪندا.
- بيئي مول جي نشانين واريون هڪ درجي مساواتون ساديون ڪندا ۽ انهن جو حل لهندا.
- قطعي ملهه (Absolute Value) بيان ڪري سگهندا.
- هڪ بدلجندڙ ۾ قطعي ملهه واريون مساواتون حل ڪندا.
- اڻ برابري $(<, >)$ ۽ $(\leq, \geq)$ واضح ڪندا.
- اڻ برابري جون خاصيتو سڃاڻي سگهندا، جهڙوڪ: (ٽه رخي، متعدي، جوڙاپت ۽ ضرب اپت)
- ناطق عددي سرن (مَنِي) واريو هڪ درجي غير مساواتون حل ڪندا.

6.1 هڪ درجي مساواتون

6.1.1 هڪ متغير (بدلجندڙ) (Variable) واري هڪ درجي مساوات (Equation) دهرايو.

جيڪڏهن هڪ ڪليل جملي ۾ "=" شامل هجي ته اهڙي جملي کي مساوات چئبو آهي. هڪ متغير (بدلجندڙ) (Variable) سان هڪ درجي مساوات جيئن: $ax+b=0$ ۾ $a \neq 0$ مساواتون آهن. جتي متغير (بدلجندڙ) (Variable) کي "1" سگهه آهي جيڪا عام طور تي ظاهر نہ ڪبي آهي.

6.1.2 ناطق عددن واريون هڪ درجي مساواتون حل ڪريو.

اڻ ڄاتل متغير (بدلجندڙ) (Variable) جيڪو مساوات ۾ ڏنل آهي انجي ملھ لاءِ مساوات درست تي وڃي تہ انکي حل يا مساوات جو مول چئبو آهي.

مثال 01 حل ڪيو $3x-1=5$

حل

$$3x-1=5$$
$$\Rightarrow \quad 3x=5+1$$
$$\Rightarrow \quad x=\frac{6}{3}$$
$$\Rightarrow \quad x=2$$

جيئن تہ $\{2\}$ حل سيٽ آهي.

مثال 02 حل ڪيو $\frac{2}{3}(x+3)=3+\frac{5x}{9}$

حل

$$\frac{2}{3}(x+3)=3+\frac{5x}{9}$$
$$9\times\frac{2}{3}(x+3)=9\times 3+9\times\frac{5x}{9}$$

ٻنهي پاسن 9 ضرب ڪرڻ سان

$$\Rightarrow \quad 3\times 2(x+3)=27+5x$$
$$\Rightarrow \quad 6(x+3)=27+5x$$
$$\Rightarrow \quad 6x+18=27+5x$$
$$\Rightarrow \quad 6x-5x=27-18$$
$$\Rightarrow \quad x=9$$

جيئن تہ $\{9\}$ حل سيٽ آهي.

مثال 03 پيءُ جي عمر پٽ جي عمر کان تيرهوڻي آهي. اها چئن سالن کانپوءِ صرف پنجوڻي تي وڃي تي تہ ٻنهي جون موجوده عمريون ٻڌايو.

حل

فرض ڪريو تہ پٽ جي موجوده عمر x سال آهي

۽ پيءُ جي موجوده عمر $13x$ سال آهي

ڏنل شرط مطابق $\quad 13x+4=5(x+4) \quad \therefore$

$\Rightarrow \quad 13x + 4 = 5x + 20$

بنھي پاسن کان $5x$ کٽ ڪرڻ سان $\Rightarrow \quad 13x - 5x + 4 = 5x - 5x + 20$

$\Rightarrow \quad 8x + 4 = 20$

بنھي پاسن کان 4 کٽ ڪرڻ سان $\Rightarrow \quad 8x + 4 - 4 = 20 - 4$

$\Rightarrow \quad 8x = 16$

بنھي پاسي ونڊ ڪرڻ سان $\Rightarrow \quad \frac{8x}{8} = \frac{16}{8}$

$\Rightarrow \quad x = 2$

جيئن تہ: پٽ جي موجوده عمر 2 سال

۽ پيءُ جي عمر $13 \times 2 = 26$ سال آهي.

مثال 04 جڏھن ھڪ عدد جي $\frac{1}{3}$ حصي ۾ 16 جوڙ ڪرڻ سان جواب اصل عدد جو $2\frac{1}{3}$ اچي تہ عدد لھو.

حل: فرض ڪريو تہ عدد x آهي،

ڏنل شرط مطابق $16 + \frac{1}{3}x = 2\frac{1}{3}x$

$$\Rightarrow \quad 16 + \frac{1}{3}x = \frac{7}{3}x$$

$$\Rightarrow \quad 16 = \frac{7}{3}x - \frac{1}{3}x$$

$$\Rightarrow \quad 16 = \left(\frac{7}{3} - \frac{1}{3}\right)x$$

$$\Rightarrow \quad 16 = \left(\frac{7-1}{3}\right)x$$

$$\Rightarrow \quad 16 = \frac{6}{3}x$$

$$\Rightarrow \quad 16 \times 3 = 6x$$

$$\Rightarrow \quad \frac{48}{6} = x \qquad \Rightarrow x = 8$$

6.1.3 مساوات جنھن ۾ مول شامل آهن، ھڪ درجي مساوات جي نموني سادي ڪريو ۽ انھن جو حل لھو.

ھڪ بدلجندڙ واري مساوات جنھن ۾ مولي اظھار شامل ھجن انکي مولي مساوات (Radical Equation) چئبو آهي.

مثال طور: $\left(3\sqrt{t} - \sqrt{t+1} = 2\right)$ ۽ $\sqrt{x} = 8$ مولي مساواتون آهن.

هيٺين مثال جي مدد سان مساواتون حل ڪري سگهجن ٿيون.

مثال 01 حل ڪيو. $\sqrt{2x+11}=\sqrt{3x+7}$

حل:

$$\sqrt{2x+11}=\sqrt{3x+7}$$

ٻئي پاسا چورس ڪرڻ سان $\therefore \quad \left(\sqrt{2x+11}\right)^2=\left(\sqrt{3x+7}\right)^2$

$$\Rightarrow \quad 2x+11=3x+7$$
$$\Rightarrow \quad 2x-3x=7-11$$
$$\Rightarrow \quad -x=-4$$
$$\Rightarrow \quad x=4$$

جيئن تہ 4 حل سيٽ آهي.

چڪاس: مساوات ۾ $x=4$ جو ملھ وجھڻ سان

$$\sqrt{2(4)+11}=\sqrt{3(4)+7}$$
$$\sqrt{8+11}=\sqrt{12+7}$$
$$\sqrt{19}=\sqrt{19}$$

نوٽ: ڪنھن وقت مليل جزمولي مساوات کي مطمئن نہ ڪندي آهي تہ انکي ٻاهريان جز چئبو آهي.

مشق 6.1

1. هيٺيون مساواتون حل ڪريو:

(i) $\frac{1}{4}x=5$ (ii) $\frac{x}{4}=-3$ (iii) $-5=\frac{-x}{6}$

(iv) $\frac{-x}{8}=-5$ (v) $y-\frac{2}{5}=-\frac{1}{3}$ (vi) $2y-\frac{3}{5}=\frac{1}{2}$

(vii) $\frac{2x-4}{5}=\frac{5x-12}{4}$ (viii) $\frac{3x}{5}+7=\frac{2x}{3}$ (ix) $\frac{3x}{5}+7=\frac{2x}{3}+\frac{4x}{5}$

(x) $\frac{6}{2x-5}-\frac{4}{x-3}=0$ (xi) $\frac{7x-4}{15}=\frac{7x+4}{10}$

(xii) $\frac{3x-2}{10}=\frac{7x-3}{15}-2$ (xiii) $\frac{12x-3}{12}=\frac{12x+3}{8}$

(xiv) $\frac{1}{4}x+x=-3+\frac{1}{2}x$ (xv) $\frac{1}{3}+2m=m-\frac{3}{2}$

.1 جڏهن هڪ عدد ۾ 25 جوڙ ڪري نتيجي کي اڌ ڪجي ٿو ته جواب اصل عدد جي ٽيڻ ٿئي ٿو، ٻڌايو ته عدد ڪهڙو آهي؟

.2 هڪ عدد ۾ 4 جوڙ ڪرڻ سان نتيجو اصل عدد جي ٽيڻ مان 10 ڪٽ ڪرڻ جي برابر ٿئي ٿو، ٻڌايو ته عدد ڇا آهي.

.3 بلال عليءَ کان 6 سال وڏو آهي، هاڻي کان 5 سال بعد سندن عمرين جو جوڙ 40 ٿيندو ته ٻنهي جي عمر ڪيتري آهي.

.4 هيٺين مساواتن جو حل سيٽ لهو ۽ جوابن جي چڪاس پڻ ڪريو.

(i) $6+\sqrt{x}=7$ (ii) $\sqrt{x-9}=1$ (iii) $\sqrt{\frac{y}{4}-2}=3$

(iv) $\sqrt{4x+5}=\sqrt{3x-7}$ (v) $\frac{\sqrt{3y+12}}{7}=3$ (vi) $\sqrt{x}+9=7$

(vii) $\sqrt{25y-50}=10\sqrt{y+3}$ (viii) $\sqrt{x}-8=1$ (ix) $10\sqrt{x+20}=100$

6.2 قطعي ملهه واريون مساواتون

6.2.1 قطعي ملهه جي وضاحت:

هڪ حقيقي عدد x جو قطعي ملهه $|x|$ لکبو آهي. جيڪو ٻڙيءَ کان عدد تائين جو مفاصلو آهي، اهو ٻڙيءَ جي کابي پاسي هجي يا ساڄي پاسي هجي، تنهنڪري قطعي ملهه ڪڏهن به ڪاٽو نه ٿيندو آهي.

جيڪڏهن x ڪو حقيقي عدد آهي، ته پوءِ x جو قطعي ملهه يا مقدار $|x|$ ظاهر ڪبو آهي، انکي هيٺين ريت بيان ڪبو.

$$|x|=\begin{cases} x, & \text{جڏهن } x>0 \\ 0, & \text{جڏهن } x=0 \\ -x, & \text{جڏهن } x<0 \end{cases}$$

$$|-5|=5, |+7|=7, \left|-\frac{1}{2}\right|=\frac{1}{2}, |0|=0$$

نوٽ: – عدد جو قطعي ملهه هميشه غيرڪاٽو ٿيندو آهي.

6.2.2 مساواتون حل ڪريو، هڪ بدلجندڙ ۾ قطعي ملهه شامل آهن.

هيٺيان مثال قطعي ملهه تي مشتمل مساواتن کي حل ڪرڻ کي سمجهڻ ۾ مدد ڪندا.

مثال 01 $|5x-3|-2=3$

حل: مليل $|5x-3|-2=3$

$\Rightarrow \quad |5x-3|=5$

قطعي ملهه جي وصف مطابق

$5x-3=5$ يا $5x-3=-5$

$\Rightarrow \quad 5x=5+3$ يا $5x=-5+3$

$\Rightarrow \quad 5x=8$ يا $5x=-2$

$\Rightarrow \quad x=\frac{8}{5}$ يا $x=-\frac{2}{5}$

تنهنڪري حل سيٽ آهي $\left\{\frac{8}{5}\ ,\ -\frac{2}{5}\right\}$

مثال 02 $|5x-3|+7=3$ جو حل سيٽ لهو:

حل: مليل $|5x-3|+7=3$

$\Rightarrow \quad |5x-3|=-5$

قطعي ملهه جي قائدي مطابق حقيقي عددن جو مقدار ڪڏهن به ڪاٽو نٿو ٿي سگهي.

تنهنڪري حل سيٽ { } خالي سيٽ آهي

مثال 03 حل ڪريو $|5x-3|-2=3$ جڏهن ته $x\in W$

حل: مليل $|5x-3|-2=3$

$\Rightarrow \quad |5x-3|=5$

مقدار جي قائدي مطابق

$5x-3=\pm 5$

تنهنڪري $5x-3=5$ يا $5x-3=-5$

$\Rightarrow \quad 5x=5+3$ يا $5x=-5+3$

$\Rightarrow \quad 5x=8$ يا $5x=-2$

$\Rightarrow \quad x=\frac{8}{5}$ يا $x=-\frac{2}{5}$

$-\frac{2}{5}$ ۽ $\frac{8}{5}\notin W$

اهڙيءَ طرح حل سيٽ { } خالي سيٽ آهي.

مثال 04 حل ڪريو $|2y-5|+2=7$

مليل $|2y-5|+2=7$

$$\Rightarrow \quad |2y-5| = 7-2$$
$$\Rightarrow \quad |2y-5| = 5$$

قائدي مطابق

تنهنڪري	$2y-5=5$	يا	$2y-5=-5$
$\Rightarrow$	$2y=5+5$	يا	$2y=-5+5$
$\Rightarrow$	$2y=10$	يا	$2y=0$
$\Rightarrow$	$y=\dfrac{10}{2}$	يا	$y=\dfrac{0}{2}$
$\Rightarrow$	$y=5$	يا	$y=0$

تنهنڪري حل سيٽ $\{5, 0\}$ آهي.

مشق 6.2

هيٺين مساواتن جو حل سيٽ لهو:

1. $|2x+1|=6$
2. $|5x-12|=7$, where $x\in W$
3. $\left|\dfrac{2x}{7}\right|=12$
4. $\left|\dfrac{2x+1}{3}\right|=8$
5. $|5x-3|-8=4$, where $x\in N$
6. $\left|\dfrac{5x+1}{7}\right|-3=8$
7. $\left|\dfrac{2x+3}{4}\right|+2=7$
8. $\left|\dfrac{3x+6}{12}\right|+1=3$, where $x\in Z$
9. $\dfrac{3}{2}=|7x+8|$
10. $\left|\dfrac{2x-3}{5}\right|-12=5$

6.3 هڪ درجي غير مساواتون

هڪ اهڙو الجبري اظهار جنهن ۾ برابر نہ هئڻ جي نشاني "$\neq$" هجي انکي غير مساوات چئبو آهي.

6.3.1 غير مساواتن ۾ $(\leq, \geq)$ ۽ $(<, >)$ نشانيون استعمال ڪبيون آهن.

هيٺ اڻ برابري واريون نشانيون ڏجن ٿيون

'$<$' ننڍو آهي

'$>$' وڏو آهي

'$\leq$' ننڍو آهي يا برابر آهي

'$\geq$' وڏو آهي يا برابر آهي

مثال 01

$x < 3$



مثال 02

$x > -3$



مثال 03

$x \leq 4$



مثال 04

$x \geq -2$



نوٽ: خالي گول "o" ظاهر ڪري ٿو ته عدد شامل نه آهي ۽ رنگيل گول "●" عدد شامل هئڻ کي ظاهر ڪري ٿو.

6.3.2 اڻ برابري جون خاصيتون سجاڻو، (ٽه رخي، متعدي، جوڙاپت، ضرب اپت). هيٺ ڪجھ غير مساواتن جا مثال آهن:

(i) ٽه رخي خاصيت (Trichotomy Property)

ٻن حقيقي عدد a ۽ b لاءِ هينين مان هڪ ۽ صرف هڪ بيان صحيح آهي.

$a < b$، $a = b$ يا $a > b$

(ii) متعدي خاصيت (Transitive Property)

ٽن حقيقي عددن a، b ۽ c لاءِ

جيڪڏهن $a < b$ ۽ $b < c \Rightarrow a < c$

۽ $a > b$ ۽ $b > c \Rightarrow a > c$

(iii) (Additive Property) جوڙ اپت واري خاصيت

تن حقيقي عددن لاءِ:

جيڪڏهن $a>b$ ته پوءِ $a+c>b+c$, ، $\forall\ a,b,c\in\mathbb{R}$

جيڪڏهن $a<b$ ته پوءِ $a+c<b+c$, ، $\forall\ a,b,c\in$

(iv) (Multiplicative Property) ضرب اپت واري خاصيت

(a) جيڪڏهن $a>b$ ته پوءِ $ac>bc$, $\forall a,b,c\in\mathbb{R}$ ۽ $c>0$

يا جيڪڏهن $a<b$ ته پوءِ $ac<bc$, $\forall a,b,c\in\mathbb{R}$ ۽ $c>0$

(b) جيڪڏهن $a>b$ ته پوءِ $ac<bc$, $\forall a,b,c\in\mathbb{R}$ ۽ $c<0$

يا جيڪڏهن $a<b$ ته پوءِ $ac>bc$, $\forall a,b,c\in\mathbb{R}$ ۽ $c<0$

6.4 هڪ درجي غير مساواتون حل ڪرڻ

6.4.1 حقيقي عددي سرن سان، هڪ درجي غير مساواتون حل ڪرڻ.

هيٺيان مثال اسانجي مدد ڪندا حل سمجھڻ ۾ عددي ليڪ تي ظاهر ڪرڻ ۾.

مثال 01 $3x+1<7\quad \forall x\in W$ کي عددي ليڪ تي ظاهر ڪريو:

حل: گھربل

$$\begin{aligned} 3x+1&<7 \qquad \forall x\in W \\ 3x-1&<7-1 \\ 3x&<6 \\ x&<\frac{6}{3} \\ x&<2 \end{aligned}$$

جيتوڻيڪ، حل سيٽ $\{x\,|\,x\in W \text{ and } x<2\}=\{0,1\}$ آهي.

حل کي عددي ليڪ تي هيٺين ريت ظاهر ڪبو آهي.



مثال 02 $x-11\le 9-4x \;\; \forall x\in Z$ کي عددي ليڪ تي ظاهر ڪريو:

حل مليل $x-11\le 9-4x \;\; \forall x\in Z$

$$x-11\le 9-4x$$
$$x+4x\le 9+11$$
$$5x\le 20$$
$$x\le \frac{20}{5}$$
$$x\le 4$$

تنهنڪري، حل سيٽ $\{x\,|\,x\in Z \text{ and } x\le 4\}=\{\cdots,-2,-1,0,1,2,3,4\}$ آهي

حل کي عددي ليڪ تي هينئن ريت ظاهر ڪبو آهي.



مثال 03 $2x+5>7\; x\in Z$ جو حل سيٽ لهو، عددي ليڪ تي پڻ ظاهر ڪريو:

حل مليل $2x+5>7\; x\in Z$

هيءُ غير مساوات هينئن ريت ظاهر ڪبي آهي.

$$2x>7-5$$
يا $$2x>2$$
يا $$x>1$$

تنهنڪري حل سيٽ $\{x\,|\,x\in Z \wedge x>1\}$ آهي.

عددي ليڪ تي هينئن ريت ظاهر ڪبو آهي.

مثال 04 $-6<2x+1<11,\;\; \forall x\in Z$ جو حل سيٽ لهو، عددي ليڪ تي پڻ ظاهر ڪريو:

حل مليل $-6<2x+1<11,\;\; \forall x\in Z$

هيءُ غير مساوات هينئن ريت ظاهر ڪبي آهي.

$2x+1<11$ ۽ $-6<(2x+1)$

يا $2x+1<11-1$ ۽ $-6-1<2x$

يا $2x<10$ ۽ $-7<2x$

$x < 5$ ۽ $\frac{-7}{2} < x$ يا

تنهنڪري حل سيٽ $\{x|x \in Z \wedge -\frac{7}{2} < x < 5\} = \{-3,-2,-1,0,1,2,3,4\}$ آهي.

عددي ليڪ تي هينئن ريت ظاهر ڪبو آهي.



مثال 05 عائشه چئن مان ٽن ٽيسٽن ۾ 78، 72 ۽ 86 اسڪور ڪيو، چوٿين ٽيسٽ ۾ڪيترو اسڪور ڪرڻ گهرجي جو سراسري 80 اسڪور ٿئي.

حل: فرض ڪريو ته چوٿين ٽيسٽ جو اسڪور x آهي.

$$\frac{78+72+86+x}{4} \geq 80$$

$$78+72+86+x \geq 320$$

$$236+x \geq 320$$

$$x \geq 320-236$$

$$x \geq 84$$

عائشه کي 80 جي سراسري برقرار رکڻ لاءِ چوٿين ٽيسٽ ۾ 84 اسڪور ڪرڻ گهرجي.

مشق 6.3

.1 هيٺين غير مساواتن جو حل سيٽ لهو ۽ عددي ليڪ تي ظاهر ڪريو.

(i) $2x-7 > 6+x \quad \forall x \in \mathbb{N}$

(ii) $7x-6 > 3x+10, \quad \forall x \in \mathbb{R}$

(iii) $\frac{y+5}{20} < \frac{25-4y}{10}, \forall y \in \mathbb{N}$

(iv) $|2x+3| < x+2, \forall y \in \mathbb{Z}$

(v) $|2y+8| < 11, \forall y \in \mathbb{R}$

(vi) $5(2y-3) > 6(y-8), \forall y \in \mathbb{R}$

.2 عليءَ پنهنجي ٻن ٽيسٽن ۾ ترتيبوار 66 ۽ 72 مارڪون اسڪور ڪيون، هن کي ٽئين ٽيسٽ لاءِ ڪيترون مارڪون اسڪور ڪرڻ گهرجن. جيڪڏهن هڪ اضافي انعام جي قابل ٿيڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ سراسري 75 مارڪون گهربل هجن.

.3 7 ننڍو آهي هڪ عدد جي ٽي دفعا جوڙاپٽ جي ۽ 5 گهٽ ۾ گهٽ آهي 10 کان، ان صورت ڪي مطمئن ڪندڙ سڀ عدد لهو.

مشق ورجايو 6

.1 صحيح ۽ غلط سوال

هيٺين جملن کي غور سان پڙهو ۽ صحيح بيان جي صورت ۾ "T" تي گول ڪريو ۽ غلط جي صورت ۾ "F" تي.

(i) $ay+b=0$ جتي $a=0$ هڪ درجي مساوات آهي. T/F

(ii) $3y-2<7 \wedge y\in\mathbb{N}$ جو حل سيٽ $\{4, 5, 6, \ldots\}$ آهي. T/F

(iii) $\sqrt{y}+1=3$ جو حل سيٽ $\{4\}$ آهي. T/F

(iv) $|4y|=8$ جو حل سيٽ $\{2, -2\}$ آهي. T/F

(v) $-2\le x\le 2, x\in\mathbb{R}$ جو حل سيٽ $\{-2,0,2\}$ آهي. T/F

.2 خال ڀريو:

(i) $2y=-y$ جو حل سيٽ ________ آهي.

(ii) $\sqrt{y+5}=5$ جو حل سيٽ ________ آهي.

(iii) $|x|-4=0$ جو حل سيٽ ________ آهي.

(iv) $\sqrt{x+5}+2=4$ جو حل سيٽ ________ آهي.

(v) $0<y+2<5$ جو حل سيٽ ________ آهي جڏهن $y\in$.

.3 صحيح جوابن تي ٽڪ (✓) جو نشان لڳايو.

(i) هڪ متغير (بدلجندڙ) (Variable) ۾ هڪ درجي مساوات جو حل سيٽ آهي.

(a) هڪ عنصر (b) ٻه عنصر

(c) ٽي عنصر (d) هڪ کان وڌيڪ عنصر

(ii) $|-20|$

(a) $=20$ (b) <20

(c) $=-20$ (d) >20

(iii) $x\le 4$ جو مطلب آهي

(a) $x<4$ (b) $x=4$

(c) $x<4$ or $x=4$ (d) $x>4$ or $x=4$

(iv) $\sqrt{y} = 10$ جو حل سيٽ آهي:

(a) $\{100\}$ (b) $\{10\}$

(c) $\{-10\}$ (d) $\{-10,10\}$

(v) $\sqrt{y+4} + 2 = 8$ آهي هڪ:

(a) هڪ درجي مساوات (b) مولي مساوات

(c) ڪعبي مساوات (d) ٻہ درجي مساوات

(vi) $5-3y = -7$ جو حل سيٽ آهي.

(a) $\{-4\}$ (b) $\{1, 4\}$

(c) $\{4\}$ (d) $\{12\}$

(vii) $\sqrt{5y+5} + 5 = 10$ جو حل سيٽ آهي:

(a) $\{\pm 4\}$ (b) $\{5\}$

(c) $\{4\}$ (d) $\{-4\}$

(viii) $\left|\frac{5y}{3}\right| = 5$ جو حل سيٽ آهي:

(a) $\{3\}$ (b) $\{-5, 5\}$

(c) $\{3, -3\}$ (d) $\{-3\}$

(ix) $|-y| = 0$ جو حل سيٽ آهي:

(a) $\{1\}$ (b) $\{-1\}$

(c) $\{0\}$ (d) $\{\ \}$

(x) جيڪڏهن $x > 0$، $y > 0$ ۽ $x-y < 0$ تہ پوءِ

(a) $x < y$ (b) $x + y < 0$

(c) $x > y$ (d) $y - x < 0$

خلاصو

- $ax + b = 0,$ جهڙي هڪ مساوات جتي $a,b\in \mathbb{R}$ ۽ $a\neq 0$ هجي انکي هڪ درجي مساوات چئبو آهي.
- هڪ مساوات جنهن ۾ مول جي نشاني هجي انکي مولي مساوات غير ناطق (Irrational equation) چئبو آهي، مولي مساوات جي پاهرين بنيادن جي صورت ۾ حل جي چڪاس ضروري آهي.
- جيڪڏهن $x\in \mathbb{R}$ تہ پوءِ $|x| = \begin{cases} x, & x>0 \\ 0, & x=0 \\ -x & <0 \end{cases}$
- جيڪڏهن $x,y\in \mathbb{R}$ پوءِ

(i) $|x|\geq 0$ (ii) $|-x|=|x|$ (iii) $|xy|=|x|\cdot|y|$

(iv) $\left|\dfrac{x}{y}\right|=\dfrac{|x|}{|y|}$ (v) $|x|=b$ then $x=b$ or $x=-b$

- غير مساوات لاءِ اسين $>$ ، $<$ ، $\geq$ ، $\leq$ استعمال ڪندا آهيون:
- هڪ درجي آلجبري اظهار جنهن ۾ غير برابريءَ جي نشاني هجي انکي هڪ درجي غير برابري يا غير مساوات چئبو آهي.
- غير مساوات جون خاصيتون:

(i) $a<b$ يا $a=b$ يا $a>b$ ، $\forall a,b\in \mathbb{R}$ تہ رخي مساوات (Trichotomy)

(ii) $a>b$ ۽ $b>c\Rightarrow a>c$ ، $\forall a,b,c\in \mathbb{R}$ معتدي مساوات (Transitive)

(iii) $a>b$ ، $c>0\Rightarrow ac>bc$ ۽ $\frac{a}{c}>\frac{b}{c}$ ، $\forall a,b,c\in \mathbb{R}$ ضرب ۽ ونڊ جي خاصيت.

(Multiplication and Division Properties)

يونٽ 7

سڌي ليڪ ۾ گراف ۽ ان جا استعمال

شاگردن جي سکيا جا حاصلات (SLOs)

هن يونٽ کي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا ته:

- حقيقي عددن جي جوڙي کي ترتيبوار جوڙي جي صورت ۾ سڃاڻي سگهن.
- مختلف مثالن سان هڪ ترتيبوار (جوڙي جي سڃاڻپ ڪري سگهن جهڙي طرح (2, 3) کي امتحاني هال ۾ ظاهر ڪيل جاءِ جي صورت ۽ انهن جي بي قطار ۽ ٽي ڪالم جي صورت ۾ ڪاٽ ڪن.
- ڪارتيسي مٿاڇري / عام مٿاڇري تي گوني ڪنڊ ٺڪندي تي ڪپيندڙ بن ليڪن کي O نقطي وٽ اڏواڏ ڪرڻ کي ڳاڻ ڪري سگهن.
- مستطيلي مٿاڇري تي x— محور ۽ y— محورکي ترتيبوار ٽپڪو "O" کي اصل ٽپڪي طور ۽ محددي محور ڪري سڃاڻپ ڪن.
- مستطيلي مٿاڇري تي، ترتيب ڏنل جوڙي کي جاميٽري جي ٽپڪن طور ظاهر ڪري سڃاڻپ ڪن ته
  - a کي x— محددي (يا abscissa) x— محدد
  - b کي y— محددي (يا ordinate) y— محدد
- ٽپڪن جي ڏنل سيٽن کي ملائي مختلف جاميٽري جون شڪلون ناهي سگهن (ليڪ ٽڪر، ٽڪنڊو مستطيل وغيره).
- ٻن بدلجندڙن جي هڪ درجي مساوات جي مليل جوڙي ۾ رقمن جي جدول ناهي سگهن.
- ڏنل اظهار جو گراف حاصل ڪرڻ لاءِ ٽپڪن جا جوڙا ظاهر ڪري سگهن.
- گراف ناهڻ لاءِ مناسب پيمانو چونڊي سگهن.
- گراف ناهي سگهن.
  - $y = c$ نموني جي مساوات جو
  - $x = a$ نموني جي مساوات جو
  - $y = mx + c$ نموني جي مساوات جو
  - $y = mx$ نموني جي مساوات جو
- x ۽ y جي رقمن لاءِ مليل جدول مان گراف ناهي سگهن.
- روزمره زندگي سان تعلق رکندڙ حساب حل ڪري سگهن.
- سڌي تناسب ۾ مليل ٻن مقدارن جي تبديل ٿيندڙ گراف کي سڌي ليڪ جي گراف ۾ بڏائي سگهن.
- هڪ مقدار جي بي مقدار سان مشابهت رکندڙ گراف کي پڙهي ۽ سڃاڻي سگهن.
- تبديل ڪرڻ جي نمونن جا گراف پڙهي سگهن.
  - ميل ۽ ڪلوميٽر
  - ايڪڙ ۽ هيڪٽر
  - سينٽي گريڊ ۽ فارنهائيٽ
  - پاڪستاني ۽ ٻين ملڪن جو چالو سڪو وغيره.
- همزاد هڪ درجي مساوات ٻن بدلجندڙ سان، گراف جي طريقي سان حل ڪري سگهن.

7.1 ڪارٽيسي مٿاڇرو ۽ سڌي ليڪ جا گراف

7.1.1 حقيقي عدد جي جوڙي جي ترتيب ڏنل جوڙي جي صورت ۾ سڃاڻپ ڪريو.

ترتيب ڏنل جوڙو ٻن حقيقي عددن جي جوڙو آهي، جنهن کي خاص ترتيب سان ننڍين ڏنگين ۾ لکيو ويندو آهي. هي ۽ رخي جڳهه ۾ شين جي جڳهه کي ظاهر ڪرڻ ۾ مدد ڪندو آهي.

7.1.2 مختلف مثالن سان ترتيب ڏنل جوڙي جي سڃاڻپ ڪريو، جيئن (2, 3) ترتيب ڏنل جوڙ، امتحان هال ۾ سيٽ کي ڏيکارڻ لاءِ ظاهر ڪري ٿو ته ٻي قطار ۽ ٽيون ڪالم آهي.

اچو ته پنهنجي چوڌاري موجود شين جا مثال ڏسون، هنن مثالن سان اسان، شين کي قطار ۽ ڪالم ۾ موجود جڳهه کي ظاهر ڪريون ٿا جيڪي ترتيب ڏنل جوڙو ناهين ٿيون. ترتيب ڏنل جوڙ ڪنهن شيءِ يا جڳهه جي حالت جي نشاندهي ڪري ٿو.

مثال 01

ترتيب ڏنل جوڙو (2, 3) شاگرد جي امتحان هال ۾ موجود جڳهه کي ظاهر ڪري ٿو. جيئن ٻي قطار ۽ ٽيون ڪالم. ساڳي طرح هر شاگرد منفرد ترتيب سان ظاهر ٿيل آهي.



مثال 02

جيڪڏهن هڪ هاري باغ ۾ هڪ جيتري مفاصلي تي وڻ پوکڻ جي منصوبه بندي ڪري ٿو، ته پوءِ (2, 6) ظاهر ڪري ٿو ته ٻي قطار ۽ ڇهون ڪالم جو وڻ باغ ۾.



7.1.3 ڪارٽيسي/ يام متاچري تي ٻہ عددي ليڪون ڪنهن گوني ڪند ڪي O ٽبڪي تي ڪپين ٿيون بيان ڪريو.

ڪارٽيسي محددي نظام مشتمل حصي ٻن حقيقي عددن جي ليڪن تي جيڪي گوني ڪند تي "O" ٽبڪي وٽ پاڻ ڪي ڪپين ٿيون. ان تي مشتمل هوندو آهي هي ٻہ عددي ليڪون هڪ سڌي سطح جي تعريف ڪن ٿيون جن ڪي ڪارٽيسي متاچرو چئبو آهي.



7.1.4 مستطيلي متاچري ۾ اصل ٽبڪو "O" ۾ محددي محور (فقي ۾ عمودي محور x– محور ۾ y– محور) جي سڃاڻپ ڪريو.



ڪارٽيسي محددي نظام ۾، افقي عددي ليڪ ڪي x–محور ۾ عمودي عددي ليڪ ڪي y–محور چئبو آهي. اهو نقطو جتي ٻئي ليڪون هڪٻئي ڪي ڪپين تہ ان ڪي اصل ٽبڪو چئبو آهي، جنهن ڪي O سان ظاهر ڪيو ويندو آهي.

مليل شڪل ۾ افقي ليڪ XX′، x– محور آهي ۽ عمودي ليڪ YY′، y– محور آهي، نقطو جتي ٻئي ليڪون پاڻ ۾ ملن ٿيون ان ڪي متاچري جو اصل چئبو آهي جيڪو "O" آهي.

7.1.5 مستطيلي متاچري تي ترتيب ڏنل جوڙي کي جاميٽري جي ٽپڪن طور ظاهر ڪري، سڃاڻپ ڪريو.

- a کي $x-$ محددي (يا abscissa) $x-$ محدد
- b کي $y-$ محددي (يا ordinate) $y-$ محدد

عام طور تي ڪوبه ٽپڪو ڪارٽيسي متاچري تي ترتيب ڏنل جوڙي (a,b) جي صورت ۾ ظاهر ڪري سگهبو آهي، جنهن ۾ a، $x-$ محددي (abscissa) ۽ b، $y-$ محددي (ordinate) آهي.



متاچري تي ٽپڪن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ اسان کي $x-$ محددي، جيڪو افقي مفاصلو آهي $y-$ محور کان ۽ $y-$ محددي جيڪو عمودي مفاصلو آهي $x-$ محور کان ضروري معلوم هجي.

$x-$ محور ۽ $y-$ محور ڪارٽيسي متاچري کي چئن حصن (چوٿن) ۾ ورهائين ٿا جن جا رومن عددي عدد I، II، III ۽ IV آهن. ڪارٽيسي متاچري کي xy متاچرو پڻ چئبو آهي.

- پهرين چوٿي I ۾ ٻئي $x-$ محددي ۽ $y-$ محددي واڌو آهن $x > 0$ ۽ $y > 0$.
- ٻئي چوٿي II ۾ x محددي ڪاٽو ۽ $y-$ محددي واڌو آهي $x < 0$ ۽ $y > 0$.
- ٽئين چوٿي III ۾ x محددي ۽ $y-$ محددي ڪاٽو آهن $x < 0$ ۽ $y < 0$.
- چوٿين چوٿي IV ۾ x محددي واڌو ۽ $y-$ محددي ڪاٽو آهي $x > 0$ ۽ $y < 0$.
- اصل ٽپڪي تي $x = y = o$، تنهنڪري اصل نقطي جا محددي $(0, 0)$ آهن.

گراف ڪيڏڻ جو طريقي جڏهن هڪ ٽپڪو ڪارٽيسي متاچري (xy متاچري) تي

اچو ته هينين مثالن ذريعي سکون ته ڪيئن هڪ ٽپڪو ڪارٽيسي متاچري تي ظاهر ڪجي.



$(2, 3)$ کي ظاهر ڪرڻ جي لاءِ، اصل ٽپڪي کان شروع ڪريو ۽ 2 ايڪا ساڄي طرف $y-$ محور کان ۽ پوءِ 3 ايڪا مٿي $x-$ محور کان حرڪت ڪريو جيئن شڪل ۾ ڏيکاريل آهي. اسان P ٽپڪي تي پهچي وياسين جيڪو $(2,3)$ کي ظاهر ڪري ٿو.

مثال 01 هينئين ٽپڪن جا x محددي ۽ $y-$ محددي ظاهر ڪريو. اهو پڻ ٻڌايو ته ڪهڙي چوٿين ۾ اهي موجود آهن، ٽپڪا پڻ ظاهر ڪريو.

(i) A (1, 2) (ii) B (−2, 3)

(iii) C (3, 0) (iv) D (0, −3)

حل: پئمانو: 5 ننڍا چورس = 1 ايڪو



(i) A (1, 2)

هتي $x-$ محددي 1 ايڪو ۽ محددي 2 ايڪا آهن.

جيئن ته $x > 0$ ۽ $y > 0$ مليل ٽپڪا پهرين چوٿين ۾ آهن.

(ii) B (−2, 3)

هتي $x-$ محددي -2 ايڪا ۽ $y-$ محددي 3 ايڪا آهن.

جيئن ته $x > 0$ ۽ $y > 0$ تنهنڪري مليل ٽپڪا ٻئي چوٿين ۾ آهن.

(iii) C (3, 0)

هتي $x-$ محددي -3 ايڪا ۽ $y-$ محددي 0 ايڪا آهي. تنهنڪري C ٽپڪو $x-$ محور تي آهي جيڪو اصل کان ساڄي طرف آهي.

(iv) D (0, −3)

هتي $x-$ محددي 0 ايڪا، $y-$ محددي 3 ايڪا آهن. تنهنڪري D ٽپڪو $y-$ محور تي آهي جيڪو اصل کان هيٺ آهي.

7.1.6 مختلف جاميٽري جون شڪليون ٺاهيو (ليڪ ٽڪر ٽڪنڊو ۽ مستطيل وغيره.



هينئين ڪلاسن ۾ اسان ڪيترن ئي جاميٽري جي شڪلين جي باري ۾ پڙهي آيا آهيون ۽ پڻ ڏنل معلومات مطابق ڪيئن ٺا ناهجي. هاڻ اسان مختلف جاميٽري جون شڪليون گراف پيپر تي مليل ٽپڪن مطابق ناهينداسين.

مثال 01 ليڪ ٽڪر AB ناهيو جنهن جا آخري ٽپڪا A (1, 1) ۽ B (6, 5) آهن.

طريقو: پئمانو: 5 ننڍا چورس = 1 ايڪو.

پهرئين اسان گراف پيپر تي ليڪ جي ٽپڪن جي نشاندهي ڪنداسين، پوءِ انهن کي ليڪ ٽڪر $\overline{AB}$ حاصل ڪرڻ لاءِ ملائينداسين، جيئن شڪل ۾ ڏيکاريل آهي.

مثال 02 تڪندو ABC ناهيو جنهن جا ڪنڊ وارا ٽپڪا $A\ (-2, 1)$، $B\ (1, 5)$ ۽ $C\ (4, 2)$ آهن.

طريقو:



پئمانو: 5 ننڍا چورس = 1 ايڪو.
پهرئين اسان A، B ۽ C جي ٽپڪن جي نشاندهي ڪنداسين، پوءِ انهن کي ملائي ΔABC حاصل ڪنداسين، جيئن شڪل ۾ ڏيکاريل آهي.

مثال 03 هڪ مستطيل ناهيو جنهن جا ڪنڊ وارا ٽپڪا $A\ (-5, 1)$، $B\ (-5, 4)$، $C\ (5, 4)$ ۽ $D\ ((5, 1))$ آهن.

طريقو:



پئمانو: 5 ننڍا چورس = 1 ايڪو.
$A\ (-5, 1)$، $B\ (-5, 4)$، $C\ (5, 4)$ ۽ $D\ ((5,1))$ ٽپڪن جي گراف پنهي تي نشاندهي ڪريو. هاڻ ٽپڪن A، B، C ۽ D کي پاڻ ۾ ملايو، نتيجو (1) AB مستطيل آهي.

7.1.7 ٻن بدلجندڙن ۾ هڪ درجي مساوات کي حل ڪرڻ لاءِ رقمن جي جوڙن جي جدول کي ٺاهڻ

هن جي هيٺين مثالن جي مدد سان وضاحت ڪري سگھجي ٿي.

مثال 01 فرض ڪريو ته $x + y = 5$، ٻن بدلجندڙن x ۽ y ۾ هڪ درجي مساوات هجي x ۽ y جي ڪجھ رقمن لاءِ جدول ناهيو.

حل: مليل آهي ته $x + y = 5$ جنهن $y = 5x$ لکي سگھجي ٿو.
هاڻ جدول تيار ڪيو، x جون رقمون وجهو ۽ y جي قيمتون حاصل ڪريو.

x	-3	-2	-1	0	1	2	3	...
y	8	7	6	5	4	3	2	...

مشق 7.1

1. هيٺين ٽپڪن مان x– محددي ۽ y محددي جي وضاحت ڪريو.

i. A(-2, 2) ii. B(5, -1) iii. C(4, 0)
iv. D(-5, -6) v. E(3, 4) vi. F($-\sqrt{8}, \sqrt{8}$)

2. هيٺيان ٽپڪا ڪهڙي چوٿائي ۾ موجود آهي واضح ڪريو.

i. A(2, -1) ii. B(-3, 3) iii. C($2\sqrt{2}, -2\sqrt{2}$)
iv. D(-2, -4) v. E(5, 4) vi. F$\left(\frac{3}{2}, \frac{5}{2}\right)$

3. x ۽ y متاچري ۾ هيٺين ٽپڪن A، B، C ۽ D ڪي ناهيو.

i. A(2, 1), B(3, 2), C(-3, 4), D(-4, -5)
ii. A(2, 0), B(0, 2), C(3, -3), D(-3, 3)
iii. A(0, 0), B(-3, -3), C(5, -6), D(-6, 5)

4. ٽپڪن A (4, 6) ۽ B (−6, 8) کي ملائي، ليڪ ٽڪر $\overline{AB}$ ناهيو.

5. ٽپڪن A (−1, 4) ۽ B (−3, 6) کي (3, −2) کي ملائي ٽڪنڊو ABC ناهيو.

6. ٽپڪن A (0,−1)، B (0,5)، C (7,−1) ۽ D (7,5) کي ملائي ABCD مستطيل ناهيو.

7. ٽپڪن O (0, 0)، A (5, 0)، B = (5, 5) ۽ C (−2, −3) کي ملائي OABC چورس ناهيو.

8. ٽپڪن O (0, 0)، A (2, 4)، B (5, 0) ۽ C (6, 4) کي ملائي OABC هڪ پوروچوٽ چوڪندو ناهيو.

9. هيٺين هڪ درجي مساوات جي لاءِ x ۽ y جي ڪجهه رقمن جي جدول ناهيو.

i. $x+y-2=0$ ii. $2x-y-2=4$

iii. $\frac{1}{2}(x+2y)-6=0$ iv. $\frac{2}{3}(x-2y)=-2$

7.1.8 مليل اظهار جو گراف حاصل ڪرڻ لاءِ رقمن جا جوڙ ظاهر ڪريو.

فرض ڪريو تہ هڪ درجي مساوات $y=2x$ ٻن بدلجندڙن تي مشتمل آهي جتي x کي آزاد (Independent) ۽ y کي منحصر (Dependent) بدلجندڙ چئبو آهي. چاڪاڻ تہ y جي رقم جو دارومدار x جي رقم تي آهي.

مسلسل مساوات جو گراف ناهڻ جي لاءِ اسان x ۽ y جي جدول ناهيندا آهيون ۽ هي ترتيب ڏنل جوڙ انهي جي محددي متاچري تي رکنداسين، ٻہ ٽپڪا ليڪ کي واضح ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن، تنهن هوندي بہ ممڪن غلطين کان بچڻ خاطر ٻن کان وڌيڪ ٽپڪا پڻ ظاهر ڪري سگهجن ٿا.

x	0	1	2	3	4	…
y	0	2	4	6	8	…

لاڳيتو ترتيب ڏنل جوڙن x, y کي گراف ۾ جوڙ ڪندي اهو واضح آهي ته y جي رقم x جي رقم کان ٻيڻي آهي ۽ ان کان پوءِ هڪ ئي ليڪ تي موجود تنهن کي ڊيڪارٽ لاءِ اسان هڪ ليڪ ناهينداسين گراف تير جا نشان اهو ظاهر ڪن ٿا، گراف تي ٻنهي پاسي نه ڪٽنڌڙ ليڪ آهي. هيٺيون گراف ائين ڏسڻ ۾ اچي ٿو شڪل ۾ ڏسو.



7.1.9 گراف ناهڻ جي لاءِ مناسب پئماني جي چونڊ ڪريو.

پئماني جي اهڙي طرح چونڊ ڪجي جو مواد آساني ظاهر ڪري ۽ پڙهي سگهجي.

هڪ مساوات جو گراف ناهڻ جي لاءِ اسان هڪ پئمانو چونڊينداسين. مثال طور هڪ ننڍو چورس هڪ يونٽ کي ظاهر ڪندو يا 2 ننڍا چورس 1 يونٽ کي ظاهر ڪندا وغيره، ان جي چونڊ پني جي پکيڙ ڏسي ڪبي. ڪنهن وقت ٻنهي x ۽ y محددن جي لاءِ اسان ساڳي پئماني جي چونڊ ڪنداسين اسان مختلف پئمانا، x ۽ y محددن جي رقمن کي ڏسي چونڊ ڪنداسين.

7.1.10 گراف ٺاهيو.

- $y = c$ جي نموني جي مساوات جو.
- $x = a$ واري نمونڱ جي مساوات جو.
- $y = mx$ واري نمونڱ جي مساوات جو.
- $y = mx + c$ واري نمونڱي جي مساوات جو.

7.1.10 (i) $y = c$ نموني واري مساوات جو گراف ٺاهڻ.

مثال 01 گراف ٺاهيو جڏهن $y = 4$

حل: پيمانو: 5 ننڍا چورس = 1 ايڪو

گراف ٺاهڻ جي لاءِ جدول ٺاهيو.

x	-3	-2	-1	0	1	2	3	…
y	4	4	4	4	4	4	4	…

$y = 4$ مساوات جو گرف شڪل ۾ ڏيکاريل آهي



نوٽ:
$y = c$ جو گراف x– محور جي پورروچوٽ آهي.

7.1.10 (ii) $x = a$ نموني واري مساوات جو گراف ٺاهڻ.

مثال 01 $x = 3$ مساوات جو گراف ٺاهيو.

طريقو: پيمانو: 5 ننڍا چورس = 1 ايڪو.

x	-3	-3	-3	-3	-3	…
y	-2	-1	0	1	2	…

مساوات جو گراف شڪل ۾ ڏيکاريل آهي.



نوٽ:
$x = a$ جو گراف y– محور جي پورروچوٽ آهي.

(iii) 7.1.10 $y = mx$ نموني واري مساوات جو گراف ناهڻ.

$y = mx$ مساوات ۾ y جي رقم (يا y– محدد) m ۽ ضرب پت آهي جڏهن ته m هڪ مستقل حقيقي عدد آهي.

مثال 01 جيڪڏهن $y = 2x$ ته m جو ملهه لهو ۽ گراف ناهيو.

حل: پيمانو: 5 ننڍا چورس = 1 ايڪو.

گراف جي لاءِ جدول ناهيو.

x	-2	-1	0	1	2	...
y	-4	-2	0	2	4	...



نوٽ:
$y = mx$ جو گراف هميشه اصل ٽيڪي مان گذرندو.

(iv) 7.1.10 $y = mx + c$ نموني واري مساوات جو گراف ناهڻ.

$y = mx + c$ مساوات ۾ m ۽ c حقيقي عدد آهن ۽ m = گهيريا لاهي، y = ليڪ کي جدا ڪندڙ.

مثال 01 $y = -2x + 3$ جو گراف ناهيو.

پيمانو: 3 ننڍا چورس = 1 ايڪو.

گراف ڪيڻ ڪاءِ جدول ناهيو.

x	-2	-1	0	1	2	3	...
y	7	5	3	1	-1	-3	...



نوٽ:
$y = mx + c$ جو گراف هميشه y– محور کي $y = c$ تي ڪپيندو.

7.1.11 جدا جدا رقمن جي ڏنل جدول گراف ناهڻ.

جدا جدا مليل رقمن جي جدول جو گراف ناهڻ جي لاءِ x ۽ y کي ٽيڪن جي صورت ۾ ملائبو آهي جيڪي گراف پني تي ظاهر ڪبيون آهن.

مثال 01 هيٺ ڏنل جدول ۾ مليل ٽپڪن جو گراف ناهيو.

x	1	2	3	4	…
y	-1	2	5	8	…

طريقو: مليل جدول ۾ A (1, 1)، B (2, 2)، C (3, 5) ۽ D (4, 8) آهي ته اسان گراف پني تي گراف ناهينداسين.
پئمانو: 5 ننڍ چورس = 1 ايڪو.



7.1.12 روزمرو زندگي سان تعلق رکندڙ حسابن کي حل ڪريو.

هڪ درجي مساوات کي روزمرو زندگي جي حسابن سان نموني طور عددن کي استعمال ڪري سگهجي ٿو، جهڙوڪ وقت جي عرصي ۾ توهان ڪيترا پئسا ناهي سگهو ٿا يا سائيڪل هلائڻ وارو گهٽ شرح تي پيڊلنگ ڪرڻ سان ڪيتري مفاصلي تائين سفر ڪري سگهي ٿو. محددي مٿاچري تي اهڙن تعلقن جو گراف ناهڻ جي لاءِ اسان اڪثر ڪري حساب ۽ انهن جي حل بابت سوچيندا آهيون.

مثال 01

ڪنهن ماڻهو جو وزن y ڪلوگرامن ۾، عمر x سالن ۾ مساوات $y = 2x + 3$ جي صورت ۾ بيان ڪيل آهي. عمر ۽ وزن جو مساوات مطابق گراف ناهيو.



عمر (x)	1	2	3	4	5	…
وزن (y)	5	7	9	11	13	…

مشق 7.2

.1 هيٺ ڏنل مساوات جي جدول ناهيو، جيڪا رقمن جي جوڙي $x + y = 6$ کي مطمئن ڪري.

.2 هيٺ مليل جدول مان مناسب پئمانو وٺي گراف ناهيو.

x	0	-1	4	-4
y	2	4	5	-5

.3 هيٺين جو گراف ناهيو.

i. $y=3$　　ii. $x=3$　　iii. $y=0$

iv. $y=2x+3$　　v. $x=3.5$　　vi. $-y=2x$

4 هيٺ ڏنل جدول مان غائب ٿيل محدد معلوم ڪريو

نمبر شمار	مساوات	$x-$ محدد	$y-$ محدد
(i)	$y=\frac{1}{2}x$		0
		4	
(ii)	$x=\frac{2}{3}y$	1	
			$\frac{3}{2}$
(iii)	$2x + 4y = 8$	0	
			$\frac{1}{4}$
(iv)	$2x + y = 6$	1	
			0
(v)	$x - y = 2$		0
		1	
(vi)	$x - 3y = 6$	3	
			-1

.5 هڪ ماڻهو جو وزن y ڪلوگرامن، عمر x سالن ۾ مساوات $y = 2x$ جي صورت ۾ ظاهر ڪئي وئي آهي ته هيٺين جدول مان عمر – وزن جو گراف ناهيو.

6. عائشہ ٻن ڦيٽن واري گاڏي لاڳيتو 20 ڪلوميٽر في ڪلاڪ سان هلائي سگهي ٿي. هن صورت جو مفاصلي ۽ وقت جو گراف ٺاهيو.

(a) 100 ڪلوميٽر سواري ڪرڻ لاءِ عائشہ کي گهربل وقت.

(b) ٽوٽل 3 ڪلاڪن ۾ عائشہ جو طئہ ڪيل مفاصلو.

7.2 تبديل ڪرڻ جا گراف:

7.2.1 سڌي تناسب ۾ مليل ٻن مقدارن سان تبديل ٿيندڙ گراف، هڪ سڌي ليڪ جي گراف، هڪ سڌي ليڪ جي گراف طور سمجهائڻ.

هتي سڌي تناسب سان تعلق رکندڙ ٻن مقدارن جي تبديل ٿيڻ سان تبديل ٿيندڙ گراف کي سڌي ليڪ ۾ گراف طور فرض ڪنداسين . اسان ترتيب ڏنل جوڙن کي پيش ڪنداسين جيڪي $y = x - 5$ مساوات جي صورت ۾ گراف تي موجود آهن انهن جي رقم کي اسان هيٺ ڏنل جدول مطابق معلوم ڪنداسين.

x	0	1	2	3	4	5
y	-5	-4	-3	-2	-1	0
(x, y)	(0, -5)	(1,-4)	(2, -3)	(3, -2)	(4, -1)	(5, 0)

مليل هڪ درجي مساوات مطابق گراف جي ٽپڪن کي ظاهر ڪريو، جنهن ۾ هر x–محدد ۾ ايڪي جي تبديلي جو y–محدد جي رقم جي تبديلي سان تناسب آهي.



7.2.2 هڪ مقدار جو تعلق ٻي مقدار سان آهي مليل گراف کي پڙهي جاڻ حاصل ڪرڻ.

سمجهو تہ $y = x - 5$ هڪ درجي مساوات

$y = x - 5$ جي مدد سان اسان x جون رقمون ۽ y جون رقمون تناسب سان پڙهي سگهون ٿا.

y جي ڏنل رقم مان اسان x سان تعلق رکندڙ رقم پڙهي سگهون ٿا.
$y = x - 5$ کي $x = y - 5$ جي مساوات ۾ ۽ تعلق رکندڙ گراف پڻ ناهي سگهون ٿا.
تبديل ٿيل گراف ۾ اسان x کي y جي جز ۾ ظاهر ڪري سگهون ٿا. جيئن هيٺ ڏنل آهي $y = x - 5$

y	-5	-4	-3	-2	-1	0
x	0	1	2	3	4	5
(y, x)	(-5, 0)	(-4, 1)	(-3, 2)	(-2, 3)	(-1, 4)	(0, 5)

x جو تبديل ٿيل گراف y جي نسبت سان گراف پني تي ٺهيل آهي.



7.2.3 تبديل ڪرڻ جي نموني جا گراف پڙهو.

- ميل ۽ ڪلوميٽر
- ايڪٽر ۽ هيڪٽر
- سينٽي گريڊ ۽ فارنهائيٽ
- پاڪستاني سڪو ۽ ٻين ملڪن جا سڪا وغيره.

جيڪڏهن مقدارن ۾ وڌڻ يا گهٽ ٿيڻ جو تعلق آهي ته ان تعلق جو گراف سڌي ليڪ ۾ ٿيندو، جيڪو ٻنهي مقدارن جي حد کي ڏيڪاريندو ګڏيل محددي محور تي.

(i) ميل ۽ ڪلوميٽر جي تبديلي جو گراف پڙهڻ.

اچو ته ميل ۽ ڪلوميٽر جي گراف جو نموني بابت بحث ڪريون، ٻئي ايڪا مفاصلي جا هجن. جيڪڏهن ميل جو مفاصلو $x-$ محور تي آهي ته ڪلوميٽر جو مفاصلو $y-$ محور تي ٿيندو. اچو ته هينيون مثال ڏسون.

مثال

هينيان ميلن ۾ ڪلوميٽرن جي تبديلي جا گراف پڙهو.

(i) 2 ميل ڪلوميٽرن ۾

(ii) 5 ميل ڪوميٽرن ۾

(iii) 3 ميل ڪلوميٽرن ۾

(iv) 7 ميل ڪلوميٽرن ۾

۽ ڏنل پئمانا استعمال ڪري تبديل ڪريو.

ميلن ۾ ڪلوميٽرن ۾ تبديلي جو گرا

پئمانو: 5 ننڍا چورس = 1 ميل x محور تي

5 ننڍا چورس = 1 ڪلوميٽر y محور تي



حل: (i) 2 ميل ڪوميٽرن ۾

پڙهنداسين ته

2 ميل ≅ 3.20 ڪلوميٽرن جي

(ii) 5 ميل ڪلوميٽرن ۾

متئين گراف ڪي مليل پئماني مطابق پڙهنداسين ته

5 ميل ≅ 8 ڪلوميٽرن جي

(iii) 3 ڪلوميٽر ميلن ۾

متئين گراف جي مليل پئماني مطابصق پڙهنداسين ته

3 ڪلوميٽر ≅ 1.8 ميل

(iv) 7 ڪلوميٽر ميلن ۾

متئين گراف ڪي مليل پئماني مطابق پڙهنداسين ته

7 ڪلوميٽر ≅ 4.20 ميل

(ii) **هڪٽرن ايڪڙن ۾ تبديلي ڪي پڙهو.**

اچو تہ هيڪٽر ۾ ايڪڙن جي نموني جي گراف تي بحث ڪريون، ٻئي زمين جي ايراضي جا ايڪا آهن جيڪڏهن هيڪٽر جو مفاصلو x– محور تي ظاهر ڪجي ۽ ايڪڙن جو مفاصلو y– محور تي ، تہ اچو هينيان مثال ڏسون.

مثال: هينيان هيڪٽر ۾ ايڪڙن جي تبديلي جا گراف پڙهو.

(i) 2 هيڪٽرن ڪي ايڪڙن ۾

(ii) 6 هيڪٽرن ڪي ايڪڙن ۾

(iii) 10 ايڪڙن ڪي هيڪٽرن ۾

(iv) 8 ايڪڙن ڪي هيڪٽرن ۾

۽ ڏنل پيمانا استعمال ڪري تبديل ڪريو.

هيڪٽرن ۾ ايڪڙن ۾ تبديل ٿيندڙ گراف

پيمانو: 5 ننڍا چورس = 1 هيڪٽر x– محور تي

2 ننڍا چورس = 1 هيڪٽر y– محور تي



حل: (i) **2 هيڪٽرن ڪي ايڪڙن ۾**

مٿئين گراف ڪي مليل پيماني مطابق پڙهنداسين تہ

2 هيڪٽر ≅ 5 ايڪڙن ۾

(ii) **6 هيڪٽر، ايڪڙن ۾**

مٿئين گراف ڪي مليل پيماني مطابق پڙهنداسين تہ

6 هيڪٽر ≅ 5 ايڪڙ جي

(iii) **10 ايڪڙ، هيڪٽر ۾**

مٿئين گراف ڪي مليل پيماني مطابق پڙهنداسين تہ

10 ايڪڙ ≅ 4 هيڪٽر

(iv) 8 ايڪڙ، هيڪٽرن ۾

متئين گراف کي مليل پئماني مطابق پڑهنداسين ته

8 ايڪڙ ≅ 3.20 هيڪٽر

(iii) سينٽي گريڊ جو فارنهائيٽ ۾ تبديلي جو گراف پرهو.

اچو ته سينٽي گريڊ ۽ فارنهائيٽ گراف جي نموني تي بحث ڪريون. ٻئي گرمي جي درجي جا ايڪا آهن. جيڪڏهن سينٽي گريڊ $x-$ محور تي ظاهر ڪجي ۽ فارنهائيٽ کي $y-$ محور تي ظاهر ڪجي، ته پوءِ اچو ته هينيان مثال ڏسون.

مثال: هينيان سينٽي گريڊ ۽ فارنهائيٽ جي تبديلي جا گراف پڑهو.

(i) 1^o سينٽي گريڊ کي فارنهائيٽ ۾

(ii) 3^o سينٽي گريڊ کي فارنهائيٽ ۾

(iii) 36^o فارنهائيٽ کي سينٽي گريڊ ۾

(iv) 37^o فارنهائيٽ کي سينٽي گريڊ ۾

۽ ڏنل پئمانا استعمال ڪري تبديل ڪريو.

سينٽي گريڊ ۽ فارنهائيٽ ۾ تبديل ٿيندڙ گراف

پئمانو: 5 ننڍا چورس = 1 سينٽي گريڊ $x-$ محور تي

5 ننڍا چورس = 1 فارنهائيٽ $y-$ محور تي



حل: (i) 1^o سينٽي گريڊ کي فارنهائيٽ ۾

متئين گراف کي مليل پئماني مطابق پڑهنداسين ته

1^o سينٽي گريڊ ≅ 33.8^o کي فارنهائيٽ جي

(ii) 3^o سينٽي گريڊ کي فارنهائيٽ ۾

متئين گراف کي مليل پئماني مطابق پڙهنداسين ته

3^o سينٽي گريڊ $\cong 31.8^o$ کي فارنهائيٽ جي

(iii) 36^o فارنهائيٽ کي سينٽي گريڊ ۾

متئين گراف کي مليل پئماني مطابق پڙهنداسين ته

36^o فارنهائيٽ $\cong$ 2.2^o سينٽي گريڊ

(iv) 37^o فارنهائيٽ کي سينٽي گريڊ ۾

متئين گراف کي مليل پئماني مطابق پڙهنداسين ته

37^o فارنهائيٽ $\cong$ 2.8^o سينٽي گريڊ جي

(iv) سڪي جي تبديلي جو گراف پڙهو.

مثال 1: هيٺيان گراف، آمريڪي ڊالر ۽ پاڪستاني ربيو جي تبديلي جا پڙهو.

(i) 2 آمرڪي ڊالرن کي رپين ۾

(ii) 5 آمرڪي ڊالرن کي روپين ۾

(iii) 360 رپين کي آمرڪي ڊالرن ۾

(iv) 720 رپين کي آمرڪي ڊالرن ۾

۾ ڏنل پئمانا استعمال ڪري تبديل ڪريو.

آمريڪي ڊالرن ۽ پاڪستاني رپين جي تبديلي جو گراف

پئمانو: 5 ننڍا چورس = 1 آمريڪي ڊالر $x-$ محور تي

5 ننڍا چورس = 120 پاڪستاني رپيہ $y-$ محور تي



حل: (i) 2 آمريڪي ڊالرن کي رپين ۾

متئين گراف کي مليل پئماني مطابق پڙهنداسين ته

2 آمريڪي ڊالر $\cong$ 240 رپين جي

(ii) 5 آمريڪي ڊالرن کي رپين ۾

متئين گراف کي مليل پئماني مطابق پڙهنداسين ته

5 آمريڪي ڊالر $\cong$ 600 رپين جي

(iii) 360 پاڪستاني رپين کي ڊالرن ۾

متئين گراف کي مليل پئماني مطابق پڙهنداسين ته

360 رپيو $\cong$ 3 ڊالر ۾

(iv) 720 پاڪستاني رپين کي ڊالرن ۾

متئين گراف کي مليل پئماني مطابق پڙهنداسين ته

720 پاڪستان رپيہ $\cong$ 6 ڊالرن جي

7.3 گرافي طريقي سان ٻن بدلجندڙ تي مشتمل مساوات جو حل:

7.3.1 ٻن بدلجندڙ واري همزاد هڪ درجي مساوات کي گرافي طريقي سان حل ڪريو.

اسان اڳ ۾ ئي ٻن هڪ درجي مساوات کي آلجبري طريقي سان حل ڪرڻ سکي آيا آهيون. هاڻ اسان هن حصي ۾ ٻن هڪ درجي مساواتن کي ٻن بدلجندڙن سان گرافي طريقي سان حل ڪرڻ سکنداسين. هتي ٻن ليڪن جي ڪپيندڙ ٽبڪو مساوات جو حل سيٽ هوندو آهي.

مثال 01 مليل مساواتن جو گرافي طريقي سان حل سيٽ معلوم ڪريو.

$x + y = 3$ ۽ $x - y = 5$

حل: مليل مساواتن هن طرح آهن.

$x+y = 3 \rightarrow (1)$

۽ $x\text{-}y = 5 \rightarrow (2)$

هنن مساواتن کي اسان y جي جزي لاءِ هن طرح لکنداسين

$y = 3 - x \rightarrow (3)$

$y = x - 5 \rightarrow (4)$

هاڻ هرهڪ، هڪ درجي مساوات لاءِ الڳ جدول ناهيو.

جدول مساوات (3) جي لاءِ هيٺ ڏنل آهي.

x	-1	0	1	2	3	4	...
y	4	3	2	1	0	-1	...

جدول مساوات (4) جي لاءِ هيٺ ڏنل آهي.

x	-1	0	1	2	3	4	…
y	-6	-5	-4	-3	-2	-1	…



هاڻي ٻنهي جدولن ۾ مليل ٽٻڪن کي استعمال ڪري سڌيون ليڪون ناهيو.

اسان ڏسنداسين ته مليل مساواتن جون سڌيون ليڪون l_1 ڪپي ٿي l کي ٽٻڪي $(4, -1)$ تي.

تنهنڪري حل سيٽ آهي $\{4, -1\}$.

مثال مليل مساوات $y = 2x + 4$ ۽ $y = 2x - 2$ جو گراف جي صورت ۾ حل سيٽ معلوم ڪريو.

حل: مليل مساواتون هن ريت آهن.

$$y = 2x + 4 \rightarrow (1)$$

ءِ $y = 2x - 2 \rightarrow (2)$

هن هرهڪ، هڪ درجي مساوات جي لاءِ الڳ جدول ناهيو.

مساوات (i) جي لاءِ جدول هيٺ ڏنل آهي.

x	-1	0	1	2	3	4
y	2	4	6	8	10	12

مساوات (ii) جي لاءِ جدول هيٺ ڏنل آهي.

x	-1	0	1	2	3	4
y	-4	-2	0	2	4	6



هاڻي هنن ٽٻڪن کي ٻنهي مساواتن لاءِ ظاهر ڪريو. ۽ پوءِ هنن ٽٻڪن کي ملائي ٻه ليڪون ناهيو.

اسان ڏسي سگهون ٿا ته هنن مساواتن مان حاصل ٿيل ٻنهي سڌين ليڪن ۾ ڪابه مشترڪ ٽٻڪو نه آهي. ان جو مطلب ته هي ليڪون پاڻ ۾ ڪٿي ڪنهن به ٽٻڪي تي نه ٿيون ڪپن تنهنڪري ان جو حل سيٽ خالي سيٽ آهي. حل سيٽ { } آهي.

مشق 7.3



1. ميل ۽ ڪلوميٽر جا مليل تبديل ٿيل گراف پڙهو.
   (i) 1 ميل کي ڪلوميٽرن ۾
   (ii) 3 ميلن کي ڪلوميٽرن ۾
   (iii) 2 ڪلوميٽرن کي ميلن ۾
   (iv) 8 ڪلوميٽرن کي ميلن ۾
   ۽ مليل پئماني کي استعمال ڪري تبديل ڪريو.

ميلن ۽ ڪلوميٽرن جي وچ ۾ تبديل ٿيل گراف

پئمانو: 5 ننڍا چورس = 1 ميل x– محور سان
5 ننڍا چورس = 1 ميل y– محور سان



2. هيڪٽر ۽ ايڪڙن جا مليل تبديل ٿيل گراف پڙهو
   (i) 2 هيڪٽرن کي ايڪڙن ۾
   (ii) 5 هيڪٽرن کي ايڪڙن ۾
   (iii) 5 ايڪڙن کي هيڪٽرن ۾
   (iv) 15 ايڪڙن کي هيڪٽرن ۾
   ۽ مليل پئماني کي استعمال ڪري تبديل ڪريو.

هيڪٽرن ۽ ايڪڙن جي وچ ۾ تبديل ٿيل گراف

پئمانو: 5 ننڍا چورس = 1 هيڪٽر x– محور سان
2 ننڍا چورس = 1 ايڪڙ y– محور سان



3. سينٽي گريڊ ۽ فارنهائيٽ جا مليل، تبديل ٿيل گراف پڙهو.
   (i) 2^o سينٽي گريڊ کي فارنهائيٽ ۾
   (ii) 80^o سينٽي گريڊ کي فارنهائيٽ ۾
   (iii) 32^o فارنهائيٽ کي سينٽي گريڊ ۾
   (iv) 36.4^o فارنهائيٽ کي سينٽي گريڊ ۾

سينٽي گريڊ فارنهائيٽ جي وچ ۾ تبديل ٿيل گراف

پئمانو: 5 ننڍا چورس =1 سينٽي گريڊ x– محور سان
5 ننڍا چورس =1 فارنهائيٽ y– محور سان

4. پاڪستاني رپين ۽ سعودي ريالن جا مليل، تبديل ٿيل گراف پڙهو.



(i) 3 سعودي ريال کي رپين ۾

(ii) 5.2 سعودي ريال کي رپين ۾

(iii) 150 رپين کي سعودي ريالن ۾

(iv) 78 رپين کي سعودي ريالن ۾

۾ مليل پئماني کي استعمال ڪري تبديل ڪريو.

پاڪستاني رپين ۾ سعودي ريالن ۾ تبديل ڪرڻ جو گراف.

پئمانو: 5 ننڍا چورس = 1 سعودي ريال x– محور سان

5 ننڍا چورس = 30 رپيہ y– محور سان

5. هيٺين همزاد مساواتن کي گراف جي طريقي سان حل ڪريو.

i. $3x - 11 = y;\ x\text{-}3y=9$

ii. $x + y = 4;\ 2x - 1=5y$

iii. $2x = y + 5;\ x=2y+1$

iv. $y=3x - 5;\ x+y=11$

v. $2x + y = 3;\ x - y=0$

vi. $2x+2=y;\ y=x - 1$

vii. $5 = x + 4y;\ 2x+3y=0$

viii. $3x = 5y\text{-}2;\ 3x+5y=8$

ix. $\dfrac{x+2}{5} + y= 6;\ y=2x - 12$

x. $3x\ \text{-}2y = 13;\ 2x+3y=13$

ورجايل مشق 7

.1 صحيح ۽ غلط جواب.

هينيان جملا غور سان پڙهو ۽ T يا F تي گول لڳايو جيڪو به هجي.

(i) ڪارتيسي متاچري ڪي xy متاچرو پڻ چئبو آهي.	T/F
(ii) ٻي چوٿائي ۾ ٻئي x ۽ y محدد مثبت هوندا آهن.	T/F
(iii) ٽپڪو $(1, -2)$ پهرئين چوٿائي ۾ هوندا آهن.	T/F
(iv) ٽپڪو $(-3, -4)$ چوٿين چوٿائي ۾ هوندا آهن.	T/F

.2 هينين مان صحيح جواب تي (√) ٽِل لڳايو.

(i) ٽپڪو $(-3, -4)$ ظاهر ٿيل هوندو آهي.

(a) پهرئين چوٿائي ۾ (b) ٻئي چوٿائي ۾

(c) ٽئين چوٿائي ۾ (d) چوٿين چوٿائي ۾

(ii) ٻہ محددي محور جي ڪنڊ تي ڪپيندا آهن.

(a) 45^{o} (b) 90^{o}

(c) 180^{o} (d) 270^{o}

(iii) ليڪ $y = 4$ پورروچوٽ آهي.

(a) $x-$ محور (b) $y-$ محور

(c) ٻنهي محورن تي (d) ڪوبہ نہ

(iv) ليڪ $x = 5$ پورروچوٽ آهي.

(a) $x-$ محور (b) $y-$ محور

(c) ٻنهي محورن تي (d) ڪوبہ نہ

(v) ليڪ $x = 5$ جي $x-$ محور تي ٽپڪو آهن.

(a) $(-5, 5)$ (b) $(0, -5)$

(c) $(-5, 0)$ (d) $(5, 0)$

(vi) ليڪ $x = 2$ جي $x = 5$ جو حل سيٽ آهي.

(a) $\{(2, 5)\}$ (b) $\{(2, 5)\}$

(c) $\{(0, 5)\}$ (d) $\{\ \}$

(vii) محددي محور پاڻ ۾ ______ آهن.

(a) عمود (b) پورروچوٽ

(c) 30^{o} تي ڪپيندڙ (d) 45^{o} تي ڪپيندڙ

خلاصو

- ترتيب ڏنل جوڙو، ڪارٽيسي متاچري تي ٽبڪي جي جڳهه کي ظاهر ڪندو آهي.
- ٻه طرفي ڪارٽيسي محددي نظام، ٻن عمودي ليڪن x– ۽ y– محور سان تعريف ڪيو ويندو آهي ٻئي محور هڪ ٻئي کي مخصوص ٽبڪي تي اڌو اڌ ڪندا جنهن کي اصل $(0, 0)$ چئبو آهي.
- متاچرو چئن چوٿاين ۾ محور سان ورهايل آهي.
- ڪارٽيسي متاچري کي xy متاچرو پڻ چئبو آهي.
- پهرين چوٿي I ۾ ٻئي x– محددي ۽ y– محددي واڌو آهن $x > 0$ ۽ $y > 0$.
- ٻئي چوٿي II ۾ x محددي ڪاٽو ۽ y– محددي واڌو آهي $x < 0$ ۽ $y > 0$.
- ٽئين چوٿي III ۾ x محددي ۽ y– محددي ڪاٽو آهن $x < 0$ ۽ $y < 0$.
- چوٿين چوٿي IV ۾ x محددي واڌو ۽ y– محددي ڪاٽو آهي $x > 0$ ۽ $y < 0$.
- اصل ٽبڪي تي $x = y = o$، تنهنڪري اصل نقطي جا محددي $(0, 0)$ آهن.
- عام طرح سان ڪارٽيسي متاچري ۾ ٽبڪن کي ترتيب ڏنل جوڙن (a, b) جي صورت ۾ ظاهر ڪبو آهي، جڏهن ته a، x– محددي (abscissa) ۽ b، y محددي (ordinate) آهي.
- $x = a$ جو گراف y– محور جي پورروچوٺ آهي.
- $y = c$ جو گراف x– محور جي پورروچوٺ آهي.
- $y = mx$ جو گراف هميشه اصل مان گذرندو آهي.
- $y = mx + c$ جو گراف y– محور کي $y = c$ ۾ ڪٽيندو آهي.

يونٽ 8

ٻه درجي مساوات

(Quadratic Equation)

شاگردن جي سکيا جا حاصلات (SLOs)

هي يونٽ مڪمل ڪرڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا ته:

- هڪ بدلجندڙ ۾ ٻه درجي مساوات حل ڪري سگهندا.
  - جزن وسيلي
  - مڪمل چورس بنائڻ
- مڪمل چورس بنائڻ جو طريقو استعمال ڪري ٻه درجي فارمولا حاصل ڪندا ٻه درجي فارمولو استعمال ڪري ٻه درجي مساوات حل ڪندا.
- $ax^4 + bx^2 + c = 0$ نموني مساوات کي ٻه درجي مساوات ۾ تبديل ڪري چوٿائي يا چوٿائي درجي جي مساوات.
- $ap(x) + \frac{c}{p(x)} = b,$ صورت واري مساوات کي حل ڪري سگهندا، جڏهن ته a ، b ۽ c عدد آهن.
- ٻنهي طرفن واري مساوات جي صورت $a\left(x^2+\frac{1}{x^2}\right)+b\left(x+\frac{1}{x}\right)+c=0,$ کي حل ڪري سگهندا.جڏهن ته a ، b ۽ c عدد آهن.
- سگهن واريون مساواتون، جنهن جي بدلجندڙ تي سگهه نما هجن، حل ڪري سگهندا.
- مساوات جي صورت $(x+a)(x+b)(x+c)(x+d) = k$ کي حل ڪري سگهندا جڏهن ته $a + b = c + d$ $k \neq 0$
- مساوات ڏنل صورت ۾ حل ڪندا.
  - $\sqrt{(ax+b)} = cx + d.$
  - $\sqrt{(x+a)} + \sqrt{(x+b)} = \sqrt{(x+c)}$
  - $\sqrt{(x^2 + px + m)} + \sqrt{(x^2 + px + n)} = q.$

8.1 ٻه درجي مساوات ۽ انهن جو حل

8.1.1 وضاحت ڪري پوءِ ٻه درجي مساوات جي معياري صورت جي تعريف ڪريو.

ٻه درجي گهڻ رقمي مساوات کي ٻه درجي مساوات چئبو آهي.
ٻه درجي مساوات جي معياري صورت $ax^2+bx+c=0$ آهي جڏهن ته $a \neq 0$ ۽ $a, b,$ $c \in \mathbb{R}$

هن صورت ۾ "a" عددي سرو آهي x^2 جو، b عددي سرو آهي. x جو ۽ c مستقل جزو آهي.

$ax^2+bx+c=0$ ۾ جيڪڏهن $a=0$ ته اها گهٽجي هڪ درجي مساوات $bx+c=0$ ٿيندي ۽ جيڪڏهن $b=0$ ته پوءِ اها خالص ٻه درجي صورت $ax^2+c=0$ ۾ ٿيندي.

هيٺيان مثال ٻه درجي مساوات جا آهن.

(i) $4x^2+4x+1=0$ (ٻه درجي مساوات جي معياري صورت)

(ii) $x^2-4=0$ (خالص ٻه درجي مساوات)

8.1.2: هڪ بدلجندڙ ۾ ٻه درجي مساوات جو حل ڪريو.

- جزن ذريعي
- مڪمل چورس ٺاهڻ ذريعي

هتي اسان ٻه درجي مساوات کي حل ڪرڻ لاءِ ٻن طريقن کي غور ڪريون ٿا.

(a) جزن ڪرڻ جو طريقو (b) مڪمل چورس ٺاهڻ جو طريقو

(a) جزن ڪرڻ جو طريقو

مثال 01 حل ڪريو.

(i) $x^2+2x-15=0$ (ii) $2x^2-5x=12$

حل (i): $x^2+2x-15=0$

$\Rightarrow \quad x^2+5x-3x-15=0$

$\Rightarrow \quad x(x+5)-3(x+5)=0$

$\Rightarrow \quad (x-3)(x+5)=0$

$\Rightarrow \quad x-3=0$ يا $x+5=0$

$\Rightarrow \quad x=3$ يا $x=-5$

تنهنڪري حل سيٽ آهي $\{-5,3\}$

حل (ii):

$$2x^2-5x=12$$
$$\Rightarrow \quad 2x^2-5x-12=0$$
$$\Rightarrow \quad 2x^2-8x+3x-12=0$$
$$\Rightarrow \quad 2x(x-4)+3(x-4)=0$$
$$\Rightarrow \quad (x-4)(2x+3)=0$$
$$\Rightarrow \quad x-4=0 \quad \text{or} \quad 2x+3=0$$
$$\Rightarrow \quad x=4 \quad \text{or} \quad x=\frac{-3}{2}$$

تنهنڪري حل سيٽ آهي $\left\{-\frac{3}{2}, 4\right\}$

مثال 02 خالص ٻه درجي مساوات $4m^2-1=0$، جزن واري طريقي سان حل ڪريو.

حل:

$$4m^2-1=0$$
$$\Rightarrow \quad (2m)^2-(1)^2=0$$
$$\Rightarrow \quad (2m-1)(2m-1)=0 \quad \left[\ a^2-b^2=(a-b)(a+b)\right]$$
$$\Rightarrow \quad 2m-1=0 \quad \text{or} \quad 2m+1=0$$
$$\Rightarrow \quad 2m=1 \quad \text{or} \quad 2m=-1$$
$$\Rightarrow \quad m=\frac{1}{2} \quad \text{or} \quad m=-\frac{1}{2}$$

تنهنڪري حل سيٽ آهي $\left\{-\frac{1}{2}, \frac{1}{2}\right\}$

(b) مڪمل چورس ٺاهڻ وارو طريقو

طريقي جي وضاحت هيٺ ڪجي ٿي.

(i) پهريائين مساوات کي معياري صورت $ax^2+bx+c=0$ ۾ لکو.

(ii) مساوات کي ٻنهي پاسن کان x^2 جي عددي منڍي، جيڪو 1 کان مختلف هجي، ان سان ونڊکريو.

(iii) مستقل رقم کي ساڄي پاسي ٽپايو.

(iv) ٻنهي طرف $(x$ جو عددي منڍيو $\times\frac{1}{2})^2$ جوڙ ڪريو.

(v) کاٻي طرف واري رقم کي چورس ۾ لکو ۽ ساڄي طرف واري رقم کي مختصر ڪيو.

(vi) مليل مساوات جي ٻنهي طرفن جو ٻيو مول وٺو، حاصل ٿيندڙ مساوات کي، حل ڪريو ۽ حل سيٽ لکو.

مثال 01 حل ڪريو $2x^2+8x-1=0$

حل:

$$2x^2+8x-1=0$$

$$\Rightarrow \quad 2x^2+8x=1 \quad ...(i)$$

$$\Rightarrow \quad x^2+4x=\frac{1}{2} \quad ...(ii)$$

مساوات (i) کي 2 سان ونڊ ڪرڻ سان)

مساوات جي ٻنهي طرفن $4=\left[\frac{1}{2}\times 4\right]^2$ جوڙ ڪريو. تہ اسان کي ملندو

$$x^2+4x+4=\frac{1}{2}+4$$

$$\Rightarrow \quad x^2+2(2)x+(2)^2=\frac{1}{2}+(2)^2$$

$$\Rightarrow \quad (x+2)^2=\frac{1}{2}+4$$

$$\Rightarrow \quad (x+2)^2=\frac{9}{2}$$

$$\Rightarrow \quad x+2=\pm\frac{3}{\sqrt{2}}$$

$\Rightarrow \quad x+2=\frac{3}{\sqrt{2}}$	$x+2=-\frac{3}{\sqrt{2}}$
$\Rightarrow \quad x+2=\frac{3\sqrt{2}}{2}$	$x+2=\frac{-3\sqrt{2}}{2}$
$\Rightarrow \quad x=-2+\frac{3\sqrt{2}}{2}$	$x=-2-\frac{3\sqrt{2}}{2}$
$\Rightarrow \quad x=\frac{-4+3\sqrt{2}}{2}$	$x=\frac{-4-3\sqrt{2}}{2}$

تہ حل سيٽ آهي $\left\{\frac{-4+3\sqrt{2}}{2}, \frac{-4-3\sqrt{2}}{2}\right\}$.

مشق 8.1

.1 هيٺين ٻه درجي مساواتون جزن ڪرڻ واري طريقي سان حل ڪريو.

(i) $x^2+5x+6=0$ (ii) $6x^2-x-1=0$ (iii) $x^2-11x+30=0$

(iv) $x^2-2x=0$ (v) $x^2-2x-15=0$ (vi) $12x^2-41x+24=0$

(vii) $(x-5)^2-9=0$ (viii) $(3x+4)^2-16=0$

.2 هيٺين مان هر هڪ مڪمل چورس ٺاهڻ واري طريقي سان حل ڪريو.

(i) $x^2+6x+1=0$ (ii) $(3x+2)(x+2)=6-2(x+1)$. (iii) $3x^2-8x=-1$

(iv) $24x^2=-10x+21$ (v) $2(x^2-3)-3x=2(x+3)$ (vi) $2x^2+4x-1=0$

.3 مساوات $\mathbf{3x^2+bx-8=0}$ ، انهن جي جزن مان 2 هڪ جز هجي.

(i) b جو ملهه ڇا آهي.

(ii) مساوات جو ٻيو جزو ڪهڙو آهي.

8.2 ٻه درجي فارمولا

مليل مساوات $ax^2+bx+c=0, a\neq 0$ کي حل ڪرڻ لاءِ اسان هيٺيون فارمولا $x=\dfrac{-b\pm\sqrt{b^2-4ac}}{2a}$ استعمال ڪنداسين. جنهن کي ٻه درجي فارمولا چئبو آهي.

8.2.1: مڪمل چورس ٺاهڻ وارو طريقو استعمال ڪري ٻه درجي فارمولا حاصل ڪريو.

ٻه درجي مساوات معياري صورت ۾ لکو.

$$ax^2+bx+c=0 \quad . . . \text{(i)}$$

مساوات (i)کي ٻنهي طرف a سان ونڊ ڪرڻ سان حاصل ٿيندو.

$$\frac{ax^2}{a}+\frac{bx}{a}+\frac{c}{a}=\frac{0}{a}$$

$$\therefore \quad x^2+\frac{bx}{a}+\frac{c}{a}=0$$

مستقل جزي $\frac{c}{a}$ کي ساڄي پاسي ٿپائڻ سان

$$\therefore \quad x^2+\frac{bx}{a}=-\frac{c}{a} \quad . . . \text{(ii)}$$

مساوات ۾ ٻنهي طرفن $\left(\frac{b}{2a}\right)^2$ جوڙ ڪرڻ سان

$$\therefore \quad x^2+\frac{bx}{a}+\left(\frac{b}{2a}\right)^2=-\frac{c}{a}+\left(\frac{b}{2a}\right)^2$$

$$\Rightarrow \quad x^2+2\left(\frac{b}{2a}\right)x+\left(\frac{b}{2a}\right)^2=-\frac{c}{a}+\frac{b^2}{4a^2}$$

$$\Rightarrow \quad \left(x+\frac{b}{2a}\right)^2=\frac{-4ac+b^2}{4a^2}$$

$$\Rightarrow \quad \left(x+\frac{b}{2a}\right)^2=\frac{b^2-4ac}{4a^2}$$

$$\Rightarrow \quad x+\frac{b}{2a}=\pm\frac{\sqrt{b^2-4ac}}{2a}$$

$$\Rightarrow \quad x=-\frac{b}{2a}\pm\frac{\sqrt{b^2-4ac}}{2a}$$

$$\Rightarrow \quad x=\frac{-b\pm\sqrt{b^2-4ac}}{2a}$$

8.2.2: ٻہ درجي مساوات کر حل ڪرڻ لاءِ ٻہ درجي فارمولا جو استعمال

مثال 01 ٻہ درجي فارمولا استعمال ڪري حل ڪريو.

(i) $2x^2-5x-3=0$ (ii) $x^2+x+1=0$

حل (i): $2x^2-5x-3=0$

هتي $a=2, b=-5$ ۽ $c=-3$

ٻہ درجي فارمولا استعمال ڪرڻ سان

$$\because \quad x=\frac{-b\pm\sqrt{b^2-4ac}}{2a}$$

$$\therefore \quad x=\frac{-(-5)\pm\sqrt{(-5)^2-4(2)(-3)}}{4}$$

$$\Rightarrow \quad x=\frac{5\pm\sqrt{25-(-24)}}{4}$$

$$\Rightarrow \quad x=\frac{5\pm\sqrt{49}}{4}$$

$$\Rightarrow \quad x=\frac{5\pm7}{4}$$

$$\Rightarrow \quad x=\frac{5+7}{4} \qquad\qquad x=\frac{5-7}{4}$$

$$\Rightarrow \quad x=\frac{12}{4} \qquad\qquad x=\frac{-2}{4}$$

$$\Rightarrow \quad x=3 \qquad\qquad x=-\frac{1}{2}$$

تہ جزا آهن 3 ۽ $-\frac{1}{2}$

تہ حل سيٽ آهي $\left\{3,-\frac{1}{2}\right\}$

حل (ii): $x^2+x+1=0$

هتي $a=1, b=1$ ۽ $c=1$ آهي.

ٻہ درجي فارمولا استعمال ڪرڻ سان

$$\because x=\frac{-b\pm\sqrt{b^2-4ac}}{2a}$$

$$\therefore \quad x=\frac{-1\pm\sqrt{(1)^2-4(1)}}{2(1)}$$

$$\Rightarrow \quad x=\frac{-1\pm\sqrt{1-4}}{2}$$

$$\Rightarrow \quad x=\frac{-1\pm\sqrt{-3}}{2}=\frac{-1\pm i\sqrt{3}}{2},$$

تہ حل سيٽ آهي $\left\{\frac{-1+i\sqrt{3}}{2},\frac{-1-i\sqrt{3}}{2}\right\}$

مشق 8.2

هيٺيون مساواتون ٻہ درجي فارمولا استعمال ڪري حل ڪريو.

(i) $x^2-2x=15$ (ii) $10x^2+19x-15=0$ (iii) $x^2=-x+1$

(iv) $2x=9-3x^2$ (v) $9x^2=12x-49$ (vi) $\frac{1}{2}x^2+\frac{3}{4}x-1=0$

(vii) $3x^2-2x+2=0$ (viii) $6x^2-x-1=0$ (ix) $4x^2-10x=0$

(x) $x^2-1=0$ (xi) $x^2-6x+9=0$ (xii) $\frac{1}{x+4}-\frac{1}{x-4}=4$

8.3 ٻه درجي صورت ۾ گھٽجندڙ جھڙيون مساواتون

مساواتن جا ڪيترا ئي نمونا آهن جيڪي ٻه درجي نه آهن پر انهن کي ٻه درجي صورت ۾ ڪو مناسب نعمل بدل وٺي گھٽائي سگھجي ٿو.

8.3.1: $ax^4 + bx^2 + c = 0, a \neq 0$ نموني جي مساوات ٻه درجي صورت ۾ گھٽجڻ جھڙن مساواتن کي حل ڪريو. چوٿائي درجي جي مساوات

فرض ڪريو ته $ax^4 + bx^2 + c = 0$، چوٿائي يا چوٿائي درجي جي مساوات آهي ۽ ٻه درجي صورت $ay^2 + by + c = 0$ ۾ گھٽائي سگھجي ٿي. هي طريقو هيٺين مثال سان سمجھايو ويو آهي.

مثال چوٿائي درجي جي مساوات $4x^4 - 25x^2 + 36 = 0$ کي حل ڪريو.

حل:

$$4x^4 - 25x^2 + 36 = 0 \quad . . . \text{(i)}$$

هن مساوات کي لکي سگھجي ٿو

$$(x^2)^2 - 25x^2 + 36 = 0 \quad . . . \text{(ii)}$$

$y = x^2$ مساوات (ii) ۾ لکڻ سان اسان کي ملندو

$$4y^2 - 25x^2 + 36 = 0$$

هتي $a = 4, b = -25$ ۽ $c = 36$ آهي.

$$\because \quad y = \frac{-b \pm \sqrt{b^2 - 4ac}}{2a},$$

$$\therefore \quad y = \frac{-(-25) \pm \sqrt{(-25)^2 - 4(4)(36)}}{2(4)}$$

$$y = \frac{25 \pm \sqrt{625 - 576}}{2(4)} = \frac{25 \pm \sqrt{49}}{8} = \frac{25 \pm 7}{8}$$

i.e., $y = \dfrac{25 + 7}{8}$ | $y = \dfrac{25 - 7}{8}$

$y = \dfrac{32}{8} = 4$ | $y = \dfrac{18}{8} = \dfrac{9}{4}$

but, $y = x^2$, then

$x^2 = 4$ | $x^2 = \dfrac{9}{4}$

$x = \pm\frac{3}{2}$ | $x = \pm 2$

تہ حل سيٽ آهي $\left\{\pm 2\,,\ \pm\frac{3}{2}\right\}$

8.3.2: $ap(x)+\dfrac{b}{p(x)} = c$ نموني جي مساوات حل ڪريو، جڏهن b, a ۽ c حقيقي آهن. a≠0 ۽ $p(x)$ هڪ آلجبري اظهار آهي.

مثال 01 حل ڪريو $8\sqrt{x+3}-\dfrac{1}{\sqrt{x+3}} = 2$

حل:

$$8\sqrt{x+3}-\frac{1}{\sqrt{x+3}} = 2 \quad . . . \text{(i)}$$

فرض ڪريو تہ $p(x) = y = \sqrt{x+3}$ تہ (i) ۾ رقم رکڻ سان

$$\Rightarrow \quad 8y-\frac{1}{y} = 2$$

$$\Rightarrow \quad 8y^2-1 = 2y$$

$$\Rightarrow \quad 8y^2-2y-1=0$$

$$\Rightarrow \quad 8y^2-4y+2y-1=0$$

$$\Rightarrow \quad 4y(2y-1)+1(2y-1)=0$$

$$\Rightarrow \quad (4y+1)(2y-1)=0$$

$$\Rightarrow \quad 4y+1=0 \qquad\qquad 2y-1=0$$

$$\Rightarrow \quad y=\frac{-1}{4} \qquad\qquad y=\frac{1}{2},$$

when $y=-\frac{1}{4}$, | $y=\frac{1}{2}$, then,

$$\sqrt{x+3}=-\frac{1}{4} \qquad\qquad \sqrt{x+3}=\frac{1}{2}$$

ٻنهي پاسي چورس وٺڻ سان | ٻنهي پاسي چورس وٺڻ سان

$$\Rightarrow \quad x+3=\frac{1}{16} \qquad\qquad x+3=\frac{1}{4}$$

$x = \frac{1}{4} - 3$	$\Rightarrow \quad x = \frac{1}{16} - 3$
$x = \frac{1-12}{4}$	$\Rightarrow \quad x = \frac{1-48}{16}$
$x = -\frac{11}{4}$	$\Rightarrow \quad x = -\frac{47}{16}$

چڪاس

$$8\sqrt{x+3} - \frac{1}{\sqrt{x+3}} = 2$$

مٿين مساوات ۾ $x = -\frac{11}{4}$ وجهڻ سان

$$8\sqrt{\frac{-11}{4} + 3} - \frac{1}{\sqrt{\frac{-11}{4} + 3}} = 2$$

$$8\sqrt{\frac{-11+12}{4}} - \frac{1}{\sqrt{\frac{-11+12}{4}}} = 2$$

$$8\sqrt{\frac{1}{4}} - \frac{1}{\sqrt{\frac{1}{4}}} = 2$$

$$8\left(\frac{1}{2}\right) - \frac{1}{\left(\frac{1}{2}\right)} = 2$$

$$4 - 2 = 2$$

$$2 = 2$$

ثابت ٿي ويو. Verified

مٿين مساوات ۾ $x = -\frac{47}{16}$ وجهڻ سان

$$8\sqrt{\frac{-47}{16} + 3} - \frac{1}{\sqrt{\frac{-47}{16} + 3}} = 2$$

$$8\sqrt{\frac{-47+48}{16}} - \frac{1}{\sqrt{\frac{-47+48}{16}}} = 2$$

$$8\sqrt{\frac{1}{16}} - \frac{1}{\sqrt{\frac{1}{16}}} = 2$$

$$8\left(\frac{1}{4}\right) - \frac{1}{\left(\frac{1}{4}\right)} = 2$$

$$2 - 4 = 2$$

$$-2 \neq 2$$

ثابت نہ ٿيو. Non verified

تہ حل سيٽ آهي = $\left\{-\frac{11}{4}\right\}$.

8.3.3: باهمي مساوات, $a\left(x^2+\frac{1}{x^2}\right)+b\left(x+\frac{1}{x}\right)+c=0$ حل ڪريو.جڏهن a, b ۽ c ناطق عدد آهن

هڪ گهڻ رقمي مساوات کي باهمي مساوات (Reciprocal Equation) چئبو جيڪڏهن اها تبديل نہ ٿئي جڏهن x کي تبديل ڪجي $\frac{1}{x}$ سان.

هن قسم جي باهمي مساوات, $a\left(x^2+\frac{1}{x^2}\right)+b\left(x+\frac{1}{x}\right)+c=0$ کي حل ڪرڻ جو طريقو هيٺين مثالن ۾ ڏجي ٿو، جڏهن a, b, c ناطق عدد هجن.

مثال 10 حل ڪريو $2\left(x^2+\frac{1}{x^2}\right)-9\left(x+\frac{1}{x}\right)+14=0$

حل:

جيڪڏهن $x+\frac{1}{x}=y$ ، تہ پوءِ, $x^2+\frac{1}{x^2}=y^2-2$ ، تہ مساوات (i) ۾ رکڻ سان ملندو

$$2(y^2-2)-9y+14=0$$

$$\Rightarrow \quad 2y^2-9y+10=0$$

$$\Rightarrow \quad 2y^2-4y-5y+10=0$$

$$\Rightarrow \quad 2y(y-2)-5(y-2)=0$$

$$\Rightarrow \quad (y-2)(2y-5)=0$$

i.e. $y-2=0$

$\Rightarrow \quad y=2$

جڏهن $y=x+\frac{1}{x}$, تہ پوءِ

$$x+\frac{1}{x}=2$$

$$\Rightarrow \quad x^2+1=2x$$

$$\Rightarrow \quad x^2-2x+1=0$$

$2y-5=0$

$y=\frac{5}{2}$

$y=x+\frac{1}{x}$, استعمال ڪرڻ سان ملندو

$$x+\frac{1}{x}=\frac{5}{2}$$

$$\Rightarrow \quad \frac{x^2+1}{x}=\frac{5}{2}$$

$$\Rightarrow \quad 2x^2+2=5x$$

$$\Rightarrow \quad 2x^2-5x+2=0$$
$$\Rightarrow \quad 2x^2-4x-x+2=0$$
$$\Rightarrow \quad 2x(x-2)-1(x-2)=0$$
$$\Rightarrow \quad (x-2)(2x-1)=0$$
$$\Rightarrow \quad x-2=0$$
$$\Rightarrow \quad x=2$$
$$\Rightarrow \quad 2x-1=0$$
$$\Rightarrow \quad x=\frac{1}{2}$$

$$\Rightarrow \quad (x-1)^2=0$$
$$\Rightarrow \quad x-1=0$$
$$\Rightarrow \quad x=1$$

تہ حل سيٽ ٿيندو = $\left\{\frac{1}{2}, 2, 1\right\}$.

8.3.4: سگھن واريون حل ڪريو جنھن ۾ بدلجندڙ تي سگھ نما ھجن مساواتون جن ۾ بدلجندڙن تي سگھ نما مليل ھجن تہ انھن کي سگھن واري مساوات چئبو آھي. اهڙ مساواتن جو حل ھينين مثالن سان ظاهر ڪيو ويو آھي.

مثال 01 حل ڪريو $7^{1+x}+7^{1-x}=50$

حل:

$$7^{1+x}+7^{1-x}=50 \qquad . . . (i)$$

$7.7^x+7.7^{-x}-50=0$ (سگھن تي تقسيم ڪرڻ سان)

$$\Rightarrow \quad 7.7^x+\frac{7}{7^x}=50 \qquad . . . (ii)$$

فرض ڪريو تہ $y=7^x$

مساوات (ii) کي گھٽائڻ سان $\therefore$

$$7y+\frac{7}{y}-50=0,$$
$$\Rightarrow \quad 7y^2+7-50y=0$$
$$\Rightarrow \quad 7y^2-50y+7=0$$
$$\Rightarrow \quad 7y^2-49y-y+7=0 \qquad \text{(Factorizing)}$$
$$\Rightarrow \quad 7y(y-7)-1(y-7)=0$$
$$\Rightarrow \quad (7y-1)(y-7)=0$$

$y - 7 = 0$ | $\Rightarrow 7y - 1 = 0$

$\Rightarrow y = 7$ | $\Rightarrow y = \frac{1}{7}$

$y = 7$ then $7^x = 7^1$ | then $7^x = 7^{-1}$

$x = 1$ | $\Rightarrow x = -1$

$= \{-1, 1\}$ تہ حل سيٽ آهي

8.3.5: $(x+a)(x+b)(x+c)(x+d)=k$ نموني واريون مساواتون حل ڪريو.جڏهن تہ $a+b = c+d$ ۽ $k \neq 0$ مستقل آهي.

مثال 01 $(x+1)(x+2)(x+3)(x+4) = 48$

حل: $(x+1)(x+2)(x+3)(x+4) = 48$

ترتيب کي تبديل ڪرڻ سان

$$(x+4)(x+3)(x+2)(x+1) = 48$$
$$(x^2 + 4x + x + 4)(x^2 + 2x + 3x + 6) = 48$$
$$(x^2 + 5x + 4)(x^2 + 5x + 6) = 48 \ldots \text{(i)}$$

فرض ڪريو تہ $x^2 + 5x = t$

By substituting in equation (i)

$$\Rightarrow (t+4)(t+6) = 48$$
$$\Rightarrow t^2 + 4t + 6t + 24 = 48$$
$$\Rightarrow t^2 + 10t - 24 = 0$$
$$\Rightarrow t^2 + 12t - 2t - 24 = 0$$
$$\Rightarrow t(t+12) - 2(t+12) = 0$$
$$\Rightarrow (t+12)(t-2) = 0$$

ياوري

$t - 2 = 0$ | $\Rightarrow t + 12 = 0$

$t = 2$ | $\Rightarrow t = -12$

مساوات (ii) ۾ رقم تبديل ڪرڻ سان | مساوات (ii) ۾ رقم تبديل ڪرڻ سان

$x^2 + 5x = 2$ | $\Rightarrow x^2 + 5x = -12$

$x^2 + 5x - 2 = 0$ | $\Rightarrow x^2 + 5x + 12 = 0$

هتي $a=1$, $b=5$ and $c=-2$,

$$x=\frac{-b\pm\sqrt{b^2-4ac}}{2a}$$

$$x=\frac{-5\pm\sqrt{25+8}}{2}$$

$$x=\frac{-5\pm\sqrt{33}}{2}$$

هتي $a=1$, $b=5$ and $c=12$,

$$\Rightarrow \quad x=\frac{-b\pm\sqrt{b^2-4ac}}{2a},$$

$$\Rightarrow \quad x=\frac{-5\pm\sqrt{25-48}}{2}$$

$$\Rightarrow \quad x=\frac{-5\pm\sqrt{-23}}{2}$$

$$\Rightarrow \quad x=\frac{-5\pm i\sqrt{23}}{2}$$

حل سيٽ آهي $\left\{\frac{-5\pm i\sqrt{23}}{2}, \frac{-5\pm\sqrt{33}}{2}\right\}$

مشق 8.3

هيٺيون مساواتون حل ڪريو.

1. $x^4-8x^2-9=0$
2. $x^4-3x^2-4=0$
3. $12x^4-11x^2+2=0$
4. $\frac{2x+3}{x+1}+6\left(\frac{x+1}{2x+3}\right)=7$
5. $\sqrt{\frac{2x^2+1}{x^2+1}}+6\sqrt{\frac{x^2+1}{2x^2+1}}=5$
6. $5^{x+1}+5^{2-x}=5^3+1$
7. $2^x+\frac{16}{2^x}=8$
8. $2\left(\frac{x}{x+1}\right)^2-5\left(\frac{x}{x+1}\right)+2=0$
9. $4\left(\frac{x}{x-1}\right)^2-4\left(\frac{x}{x-1}\right)+4=0$
10. $9^{x+2}-6\cdot 3^{x+1}+1=0$
11. $2x+2^{-x+6}-20=0$
12. $(x-1)(x+5)(x+8)(x+2)=880$
13. $(x+1)(x+2)(x+3)(x+4)=120$
14. $(x-2)(x+1)(x+3)(x-4)=24$

8.4 مولي مساواتون

اهڙيون مساواتون جن جي بدلجندڙ اظهارن تي مول هجي ته انهن کي مولي مساواتون چئبو آهي. مولي مساواتن جو چڪاس ڪرڻ ضروري آهي.

8.4.1: مساواتن جي هيٺين نمونن جو حل

نمونو (i): $\sqrt{ax+b} = cx+d$ نمونو (ii): $\sqrt{x+a} + \sqrt{x+b} = \sqrt{x+c}$

نمونو (iii): $\sqrt{x^2+px+m} + \sqrt{x^2+px+n} = q$

نمونو (i): $\sqrt{ax+b} = cx+d$

مثال حل ڪريو $\sqrt{217-x} = x-7$

حل: $\sqrt{217-x} = x-7$

ٻنهي پاسي چورس ڪرڻ سان

$$\left(\sqrt{217-x}\right)^2 = (x-7)^2$$

$$\Rightarrow \quad 217-x=(x-7)^2$$

$$\Rightarrow \quad 217-x=x^2-14x+49$$

$$\Rightarrow \quad x^2-13x-168=0$$

$$\Rightarrow \quad x^2-21x+8x-168=0$$

$$\Rightarrow \quad x(x-21)+8(x-21)=0$$

$$\Rightarrow \quad (x-21)(x+8)=0$$

$x=21$ يا $x=-8$

چڪاس: $x=21$

$$\sqrt{217-x} = x-7$$

$$\therefore \quad \sqrt{217-21} = 21-7$$

$$\Rightarrow \quad \sqrt{196} = 14$$

$$\Rightarrow \quad 14 = 14$$

verified ثابت ٿيو

چڪاس: $x=-8$

$$\sqrt{217-x} = x-7$$

$$\therefore \quad \sqrt{217-(-8)} = -8-7$$

$$\Rightarrow \quad \sqrt{225} = 15$$

$$\Rightarrow \quad 15 \neq -15$$

not verified ثابت نہ ٿيو

{21} حل سيٽ آهي

نمونو (ii): $\sqrt{x+a} + \sqrt{x+b} = \sqrt{x+c}$

مثال حل ڪريو $\sqrt{x+7} + \sqrt{x+2} = \sqrt{6x+13}$

حل: $\sqrt{x+7} + \sqrt{x+2} = \sqrt{6x+13}$

ٻنهي پاسي چورس ڪرڻ سان

$$(\sqrt{x+7} + \sqrt{x+2})^2 = (\sqrt{6x+13})^2$$

$$\Rightarrow \quad (\sqrt{x+7})^2 + 2(\sqrt{x+7})(\sqrt{x+2}) + ((\sqrt{x+2})^2 = 6x+13$$

$$\Rightarrow \quad x+7+2\sqrt{(x+7)(x+2x)} + x+2 = 6x+13,$$

$$\Rightarrow \quad 2x+7+2+2\sqrt{(x^2+7x+2x+14} = 6x+13$$

$$\Rightarrow \quad 2\sqrt{x^2+9x+14} = 4x+4$$

$$\Rightarrow \quad \sqrt{x^2+9x+14} = 2x+2$$

$$\Rightarrow \quad \sqrt{x^2+9x+14} = 2(x+1)$$

وري ٻنهي پاسي چورس ڪرڻ سان

$$\left(\sqrt{x^2+9x+14}\right)^2 = [2(x+1)]^2$$

$$\Rightarrow \quad x^2+9x+14 = 4(x+1)^2$$

$$\Rightarrow \quad x^2+9x+14 = 4(x^2+2x+1)$$

$$\Rightarrow \quad x^2+9x+14 = 4x^2+8x+4$$

$$\Rightarrow \quad 3x^2-x-10 = 0$$

$$\Rightarrow \quad 3x^2+5x-6x-10 = 0$$

$$\Rightarrow \quad x(3x+5)-2(3x+5) = 0$$

$$\Rightarrow \quad (x-2)(3x+5) = 0$$

يا وري

$x-2 = 0$ يا $3x+5 = 0$

$x = 2$ i.e. $x = -\frac{5}{3}$

چڪاس:

$x = 2$

$\sqrt{x+7} + \sqrt{x+2} = \sqrt{6x+13},$

$x = -\frac{5}{3}$

$\sqrt{x+7} + \sqrt{x+2} = \sqrt{6x+13}$

$$\sqrt{-\frac{5}{3}+7}+\sqrt{-\frac{5}{3}+2}=\sqrt{6\left(-\frac{5}{3}\right)+13}$$

$$\Rightarrow \sqrt{\frac{16}{3}}+\sqrt{\frac{1}{3}}=\sqrt{3}$$

$$\Rightarrow \frac{4}{\sqrt{3}}+\frac{1}{\sqrt{3}}=\sqrt{3}$$

$$\Rightarrow \frac{5}{\sqrt{3}}\neq\sqrt{3}$$

Not verified. ثابت نہ ٿيو

$$\sqrt{2+7}+\sqrt{2+2}=\sqrt{6(2)+13},$$

$$\Rightarrow \sqrt{9}+\sqrt{4}=\sqrt{25}$$

$$\Rightarrow 3+2=5$$

$$\Rightarrow 5=5$$

Verified. ثابت ٿيو

جئين تہ $-\frac{5}{3}$ ٻاهرين جز آهي تنهن ڪري x=5 حل آهي{5}

نمونو(iii): $\sqrt{x^2+px+m}+\sqrt{x^2+px+n}=q$

مثال 01 حل ڪريو $\sqrt{x^2-3x+21}-\sqrt{x^2-3x+5}=2$

حل: مليل مساوات ۾ $y=x^2-3x$ رکڻ سان اسان کي ملندو

$$\sqrt{x^2-3x+21}-\sqrt{x^2-3x+5}=2$$

$$\sqrt{y+21}-\sqrt{y+5}=2$$

$$\sqrt{y+21}=2+\sqrt{y+5}$$

ٻنهي طرفن چورس ڪرڻ سان

$$y+21=(2)^2+4\sqrt{y+5}+(\sqrt{y+5})^2$$

$$\Rightarrow y+21=(2)^2+4\sqrt{y+5}+\left(\sqrt{y+5}\right)^2$$

$$\Rightarrow y+21=4+4\sqrt{y+5}+y+5$$

$$\Rightarrow 4\sqrt{y+5}=\cancel{y}+21-4-\cancel{y}-5$$

$$\Rightarrow 4\sqrt{y+5}=12$$

$$\Rightarrow \sqrt{y+5}=3$$

وري ٻنهي طرفن چورس ڪرڻ سان اسان کي ملندو.

$$\Rightarrow y+5=9$$

$$\Rightarrow y=4,$$

$y=4$ رکڻ، تبديل ڪيل $y=x^2-3x^2$ ۾ تہ اسان کي ملندو.

$$4=x^2-3x,$$
$$\Rightarrow \quad x^2-3x-4=0,$$
$$\Rightarrow \quad x^2-4x+x-4=0,$$
$$\Rightarrow \quad x(x-4)+1(x-4)=0,$$
$$\Rightarrow \quad (x-4)(x+1)=0,$$
i.e., $x-4=0$ $\qquad x+1=0$
$$\Rightarrow \quad x=4, \qquad x=-1,$$

چڪاس:

For $x=4$

$$\sqrt{x^2-3x+21}-\sqrt{x^2-3x+5}=2$$
$$\sqrt{(4)^2-3(4)+21}-\sqrt{(4)^2-3(4)+5}=2$$
$$\sqrt{16+12+21}-\sqrt{16-12+5}=2$$
$$\sqrt{25}-\sqrt{9}=2$$
$$5-3=2$$
$$2=2$$

$x=-1$ جي لاءِ

$$\sqrt{x^2-3x+21}-\sqrt{x^2-3x+5}=2$$
$$\sqrt{(-1)^2-3(-1)+21}-\sqrt{(-1)^2-3(-1)+5}=2$$
$$\sqrt{1+3+21}-\sqrt{1+3+5}=2$$
$$\sqrt{25}-\sqrt{9}=2$$
$$5-3=2$$
$$2=2$$

تنهنڪري ڏنل مساوات جو حصو آهن تنهنڪري حل سيٽ ٿيندو $\{-1,4\}$

مشق 8.4

هيٺين مساواتن کي حل ڪريو.

1. $x+\sqrt{x+5}=7$
2. $\sqrt{x-2}=8-x$
3. $\sqrt{7-5x}+\sqrt{13-5x}=3\sqrt{4-2x}$
4. $\sqrt{x+2}+\sqrt{x+7}=\sqrt{6x+13}$
5. $\sqrt{2x^2+3x+4}+\sqrt{2x^2+3x+9}=5$
6. $\sqrt{y^2-3y+9}-\sqrt{y^2-3y+36}=0$

ورجايل مشق 8.4

1. خال ڀريو.

(i) ڪُجهه رقمي مساوات جنهن ۾ بدلجندڙ جو درجو ________ هجي تہ ان کي ٻہ درجي مساوات چئبو آهي.

(ii) ٻہ درجي مساوات جي معياري آهي ________ .

(iii) $3^x + 3^{2x} = 1$ کي ________ مساوات چئبو.

(iv) $3^x = 9$ جو حل ٿيندو ________ .

(v) $ax^2 + bx + c = 0$ جو حل ٿيندو ________ .

2. درست جواب تي (√) ڪريو.

(i) ٻہ درجي مساوات جو درجو آهي.

(a) 1 (b) 2 (c) 3 (d) 4

(ii) ٻہ درجي مساوات جي معياري صورت آهي.

(a) $ax^2 + bx + c = 0, a \neq 0$ (b) $ax^2 + c = 0, a \neq 0$

(c) $ax^2 + bx = 0, a \neq 0$ (d) $ax^3 + bx^2 + c = 0, a \neq 0$

(iii) $ax^2 + bx + c = 0$ جي لاءِ ٻہ درجي فارمولا آهي.

(a) $\dfrac{-b - \sqrt{b^2 - 4ac}}{2}$ (b) $\dfrac{b \pm \sqrt{b^2 - 4ac}}{2a}$

(c) $\dfrac{-b \pm \sqrt{b^2 - 4ac}}{2a}$ (d) $\dfrac{-b \pm \sqrt{b^2 + 4ac}}{2a}$

(iv) $x^2 + 10x + 24 = 0$ جو حل سيٽ آهي.

(a) $\{-6, -4\}$ (b) $\{-6, 4\}$

(c) $\{6, 4\}$ (d) $\{6, -4\}$

(v) ٻہ درجي مساوات جا وڌ ۾ وڌ جزا آهن

(a) 2 (b) 3 (c) 1 (d) 4

(vi) $x^2-15x + 56$ جا هڪ درجي جزا آهن.

(a) $(x-7)$ ۽ $(x + 8)$ (b) $(x+7)$ ۽ $(x-8)$

(c) $(x-7)$ ۽ $(x-8)$ (d) $(x+7)$ ۽ $(x + 8)$

(vii) ڪُجهه رقمي مساوات جيڪا تبديل نہ ٿي سگهي جڏهن x کي $\frac{1}{x}$ سان تبديل ڪجهي ان کي چئبو ________ .

(a) سگهن واري مساوات (b) باهمي مساوات (Reciprocal)

(c) مولي مساوات (d) هن مان ڪوبہ نہ

(viii) $3^x + 3^{2-x} + 6 = 0$ مساوات جو ________ نمونو آهي.

(a) سگهن واري مساوات (b) مولي مساوات

(c) باهمي مساوات (Reciprocal) (d) هن مان ڪوبه نه

(ix) $4x^2 - 16 = 0$ جو حل سيٽ آهي.

(c) $\{\pm 2\}$ (b) $\{4\}$ (a) $\{\pm 4\}$ هنن مان ڪوبه نه

(x) $2x^4 - 3x^3 + 7x^2 - 3x + 2 = 0$ مساوات ________ نموني جي چئبي.

(a) باهمي مساوات (Reciprocal) (b) مولي مساوات

(c) سگهن واري مساوات (d) هن مان ڪوبه نه

3. غلط ۽ صحيح جواب

هيٺيان جملا غور پڙهو ۽ صحيح بيان لاءِ "T" ۽ "F" تي گولن پايو.

(i)	هر ٻه درجي مساوات جزن وسيلي حل ڪري سگهجي ٿي.	T/F
(ii)	هر ٻه درجي مساوات کي ٻه جزا هوندا آهن.	T/F
(iii)	ٻه درجي مساوات کي ڪوبه حل نا هوندوآهي.	T/F
(iv)	$ax^2 + bx + c = 0$ کي ٻه درجي مساوات x واري آهي. جيڪڏهن $b,$ ۽ a=0 حقيقي عدد آهن.	T/F
(v)	پاهر يان جزا مساوات کي مطمئن ڪن ٿا.	T/F
(vi)	پاهر يان جزا مساوات کي مطمئن نٿا ڪن.	T/F
(vii)	ٻه درجي مساوات ۾ بدلجندڙ جو وڏي ۾ وڏو سگهه نما 2 آهي.	T/F

خلاصو

- گهڻ رقمي مساوات جنهن ۾ بدلجندڙ جو درجو ٻه هجي ان کي ٻه درجي مساوات چئبو آهي.
- $ax^2 + bx + c = 0$، $a \neq 0$ ۽ c, b, a حقيقي عدد هنن ته ان کي ٻه درجي مساوات جي معياري صورت چئبو آهي.
- ٻه درجي مساوات، $ax^2 + bx + c = 0$, $a \neq 0$ جو ٻه درجي فارمولا $x = \dfrac{-b \pm \sqrt{b^2 - 4ac}}{2a}$
- سگهن واري مساواتن ۾ بدلجندڙ تي سگهه نما هوندا آهن.
- هڪ مساوات جيڪا مول جي نشاني هيٺ اظهار هجي ته ان کي مولي مساوات چئبو آهي.

يونٽ 9

يڪسان ٽڪندا

Congruent Triangles

شاگردن جي سکيا جا حاصلات

هن يونٽ جي پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا تہ:

هيٺين سڌيانن کي شامل نتيجن سان گڏ سمجهي سگهندا ۽ انهن کي استعمال ڪري لاڳاپيل حساب حل ڪندا.

- جيڪڏهن ڪن بہ ڏنل مطابقت ۾ هڪ ٽڪنڊي جون بہ ڪنڊون ۽ ڪو بہ هڪ پاسو ٻي ٽڪنڊي جي واسطيدارڪنڊن ۽ پاسي سان يڪسان هجن تہ ٻئي ٽڪندا يڪسان ٿيندا.
- جيڪڏهن ڪنهن ٽڪنڊي جون بہ ڪنڊون يڪسان هجن تہ سندس سامهون وارا پاسا بہ يڪسان هوندا.
- جيڪڏهن ٻن ٽڪنڊي جي ڏنل موافقت ۾ هڪ ٽڪنڊي جا ٽئي پاسا، ٻئي ٽڪنڊي جي واسطيدار ٽنهي پاسن سان يڪسان هجن تہ، ٻئي ٽڪندا پاڻ ۾ يڪسان يا ساڳيا هوندا.
- جيڪڏهن ٻن ڪوني ڪند ٽڪنڊن جي موافقت ۾ هڪ ٽڪنڊي جو هئپاٽينيوز ۽ هڪ پاسي، ٻي ٽڪنڊي جي واسطيدار هئپاٽينيوز ۽ ٻي پاسي سان يڪسان آهي تہ ٽڪندا پاڻ ۾ يڪسان هوندا.

تعارف

هڪ ٽڪنڊي جا ڇهه حصا هوندا آهن، ٽي پاسا ۽ ٽي ڪنڊون. جيڪڏهن اسان ڪي ٻه ٽڪنڊا ABC ۽ PQR مليل هجن، اسان انهن جي چوٽين کي ملائي، هنن ٽڪنڊن جي ڪنڊن ۽ پاسن ۾ (1-1) موافقت يا مطابقت کي ڇهن مختلف طريقن سان قائم ڪري سگهون ٿا.



ٽڪنڊن $\Delta ABC \leftrightarrow \Delta PQR$ ۾ مطابقت جو مطلب

(i) $\angle A \leftrightarrow \angle P$ ($\angle A$ جي مطابقت $\angle P$ سان)

(ii) $\angle B \leftrightarrow \angle Q$ ($\angle B$ جي مطابقت $\angle Q$ سان)

(iii) $\angle C \leftrightarrow \angle R$ ($\angle C$ جي مطابقت $\angle R$ سان)

(iv) $\overline{AB} \leftrightarrow \overline{PQ}$ ($\overline{AB}$ جي مطابقت $\overline{PQ}$ سان)

(v) $\overline{BC} \leftrightarrow \overline{QR}$ ($\overline{BC}$ جي مطابقت $\overline{QR}$ سان)

(vi) $\overline{CA} \leftrightarrow \overline{RP}$ ($\overline{CA}$ جي مطابقت $\overline{RP}$ سان)

9.1 يڪسان ٽڪنڊا

جسامت (Size) ۽ شڪل (Shape) جي هڪ جهڙائي کي رياضي ۾ يڪسان چئبو آهي.

مليل تصوير ۾ ٻن ڪارين جا مختلف رنگ ۽ بيهڪون (Position) آهن. پرانهن جي جسامت ۽ شڪل هڪ جهڙي آهي. هن ٻن ڪارن کي يڪسان چئبو آهي. جيڪڏهن اسان هڪ ڪارجي تصوير ٻي جي مٿان رکنداسين ته اها هڪ ٻئي کي اورليپ(هڪ جهڙائي ڪري) ڪنديون

سرگرمي

تلاش ڪرڻ

ڇا توهان ڪي ٻه يڪسان تصويرون يا شيون پنهنجي ڪلاس يا اسڪول ۾ سڃاڻپ ڪري سگهو ٿا. انهن يڪسان تصويرن جي فهرست ٺاهي تصوير ٺاهيو يا تصوير ڪڍو.

ٻن ٽڪنڊن کي يڪسان چئبو جيڪڏهن سندن موافق (واسطيدار) ڪندون ۽ پاسا يڪسان آهن.



هي ٻه ٽڪنڊا ABC ۽ DEF يڪسان آهن جن کي هن طرح لکو

$$\Delta ABC \cong \Delta DEF$$

ٽڪنڊن ΔABC ۽ ΔDEF جون موافق پاسا ۽ ڪندون ماپ ۾ برابر آهن.

نوٽ: هينيان نتيجا ڪارآمد آهن.

(i) پنهنجو پاڻ سان يڪسان (Identity Congruance) جيڪو $\Delta ABC \cong \Delta ABC$

(ii) مطابقت جي خاصيت (Symmetric Property) جيڪڏهن $\Delta ABC \cong \Delta PQR$ ته پوءِ $\Delta PQR \cong \Delta ABC$

(iii) يڪسانيت جي متعدي خاصيت (Transitive Property of Congruence)

جيڪڏهن $\Delta ABC \cong \Delta DEF$ ته پوءِ $\Delta PQR \cong \Delta DEF$, ۽ $\Delta ABC \cong \Delta PQR$

9.1.1 سڌيان

جيڪڏهن ڪن ٻن ٽڪنڊن جي ڏنل مطابقت ۾ هڪ ٽڪنڊي جون ٻه ڪندون ۽ هڪ پاسو، ٻي ٽڪنڊي جي واسطيدار ڪندن ۽ پاسي سان يڪسان هجن ته ٻئي ٽڪنڊا يڪسان هوندا.



مليل: $\Delta ABC \leftrightarrow \Delta PQR$ ۾

$\angle A \cong \angle P$ ۽ $\angle B \cong \angle Q$, $m\overline{BC} \cong m\overline{QR}$

گهربل: $\Delta ABC \cong \Delta PQR$

جوڙجڪ: فرض ڪريو ته $\overline{PQ} \ncong \overline{AB}$ ته پوءِ $\overline{PQ}$ تي هڪ ٽپڪو P' وٺو ته جيئن $\overline{AB} \cong \overline{P'Q}$

ثابتي

بيان	دليل / سبب
$\Delta ABC \leftrightarrow \Delta PQR$ جي مطابقت ۾	
i. $\angle A \cong \angle P$	i. مليل
ii. $\angle B \cong \angle Q$	ii. مليل
$\therefore \angle C \cong \angle R$	
جيڪڏهن $\overline{QP} \ncong \overline{BA}$ ته $\overline{QP}$ کي وڌائي	مفروضو
يا $\overline{QP}$ تي ٽپڪو P' اهڙي طرح وٺو ته $\overline{QP'} \cong \overline{BA}$	ٻه ڪندون ٻنهي ٽڪندن جو برابر آهن
$\Delta ABC \leftrightarrow \Delta P'QR$	
$\overline{BC} \cong \overline{QR}$	i. مليل
$\angle B \cong \angle Q$	ii. مليل
$\overline{BA} \cong \overline{QP'}$	iii. مفروضي طور
تنهنڪري $\therefore \Delta ABC \cong \Delta P'QR$	S.A.S مفروضو
$\therefore \angle C \cong \angle QRP'$	
پر $\angle C \cong \angle QRP$	ثابت ڪيل (2) ۾
$\therefore \angle QRP' \cong \angle QRP$	يڪسانيت جي متعدي خاصيت
اهو صرف تڏهن ممڪن آهي جڏهن P ۽ P' ٽپڪا هڪ ٻي تي نهڪي اچن ۽	ڪنڊ جي بناوت جو موضوع
$\overline{RP'} \cong \overline{RP}$	
تنهنڪري $\overline{BA} \cong \overline{QP}$	P ۽ P' جو هڪ ٻئي تي نهڪي اچڻ
ΔABC ۽ ΔPQR جي مطابقت ۾	
i. $\overline{BC} \cong \overline{QR}$	i. مليل
ii. $\angle B \cong \angle Q$	ii. مليل
iii. $\overline{BA} \cong \overline{QP}$	iii. ثابت ڪيل
تنهنڪري $\Delta ABC \cong \Delta PQR$	S.A.S موضوع

Q.E.D.

مشق 9.1

.1 مليل شکل ۾

$m\overline{AB} = m\overline{CB}$ ۽ $\angle A \cong \angle C$

ته ثابت ڪريو ته $\Delta ABD \cong \Delta CBE$



.2 ڪنڊ کي اڌ ڪندڙ واري ليڪ تي ڪنهن

ٽِڪي کان، ڪنڊ جي ٻا نهن تي

عمود نهيل آهن. ثابت ڪريو ته هي

عمود ماپ ۾ برابر آهن



.3 مليل شکل ۾ اسان کي $\Delta ACE \cong \Delta BDE$

مليل آهن جيئن $m\overline{AC} = m\overline{BD} = 3\ cm$

$\angle A = (3x+1)^\circ$, $m\angle E = (3y-2)^\circ$

۽ $m\angle B = (x+35)^\circ$

ته y ۽ x جون قيمتون معلوم ڪريو.



.4 مليل شکل ۾ $\Delta DEF \cong \Delta PQR$

تنهنڪري

س. م $m\overline{DE} = (6x+1)$

س. م $m\overline{EF} = 8$

س. م $m\,\overline{RQ} = (5y-7)$ ۽

س. م $m\overline{PQ} = (10x-19)$

ته x ۽ y جون قيمتون معلوم ڪريو.



9.1.2 سڌيان

جيڪڏهن ڪنهن ٽڪنڊي جون ٻه ڪنڊون يڪسان هجن ته انهن ڪندن جي سامهون وارا پاسا ٻه يڪسان ٿيندا.



مليل: ΔABC ۾

$m\angle B \cong m\angle C$

گهربل: $\overline{AB} \cong \overline{AC}$

جوڙجڪ: $\angle A$ کي اڌ ڪندڙ $\overline{AD}$ ڪيو.

جيڪو $\overline{BC}$ کي ٽپڪي D تي ملي.

ثابتي

بيان	دليل / سبب
موافقت $\Delta ADB \leftrightarrow \Delta ADC$	
.i $\angle B \cong \angle C$	.i مليل
.ii $\angle 1 \cong \angle 2$	.ii جوڙجڪ
.iii $\overline{AD} \cong \overline{AD}$	.iii مشترڪ (پنهنجو پاڻ سان يڪسان
تنهنڪري $\Delta ABD \cong \Delta ADC$	S.A.S موضوع
$\overline{AB} \cong \overline{AC}$	ٽڪنڊن جي يڪسانيت جي لحاظ کان

Q.E.D

مشق 9.2

1. ABC هڪ ٽڪنڊو آهي، جنهن ۾ $m\angle A=35^\circ$ ۽ $m\angle B=100^\circ$ ، $\overline{AC} \perp \overline{BD}$ آهي. ثابت ڪريو ته ΔBDC ٻيور پاسو ٽڪنڊو آهي.
2. ٽڪنڊي جي ڪنهن ڪند جو اڌڪندڙ سامهون واري پاسي تي عمود آهي ته اهو ٽڪنڊو هڪ ٻيور پاسو ٽڪنڊو آهي.
3. ABC هڪ ٽڪنڊو آهي. جنهن ۾ $m\angle B = 45^\circ$ ۽ $\overline{AB} \perp \overline{CD}$ مليل آهي. ثابت ڪريو ته ΔDBC هڪ ٻيور پاسو ٽڪنڊو آهي.

سڌيان 9.1.3



ٻن ٽڪنڊن جي موافقت ۾ جيڪڏهن هڪ ٽڪنڊي جا ٽئي پاسا ٻئي ٽڪنڊي جي واسطيدار ٽنهي پاسن سان يڪسان هجن ته ٻئي ٽڪنڊا يڪسان ٿيندا.

مليل: $\Delta ABC \leftrightarrow \Delta DEF$ ۾

$\overline{CA} \cong \overline{FD}$ ۽ $\overline{BC} \cong \overline{EF}, \overline{AB} \cong \overline{DE}$

گهربل: $\Delta ABC \cong \Delta DEF$

جوڙجڪ: فرض ڪريو ته پاسو $\overline{BC}$ سيني پاسن کان وڏو آهي ΔABC ته ΔGEF ناهيو اهڙي طرح جيئن

(i) ٿبڪو G (ii) $\angle FEG \cong \angle B$ (iii) $\overline{EG} \cong \overline{BA}$

D کي G سان ملايو.

ثابتي

بيان	دليل / سبب
مطابقت $\Delta ABC \leftrightarrow \Delta GEF$ ۾	
i. $\overline{BC} \cong \overline{EF}$	i. مليل
ii. $\angle B \cong \angle GEF$	ii. جوڙجڪ
iii. $\overline{BA} \cong \overline{GE}$	iii. جوڙجڪ
$\therefore$ تنهنڪري $\Delta ABC \cong \Delta GEF$	S.A.S. موضوع
$\therefore$ $\overline{AC} \cong \overline{GF}$ ۽ $\angle A \cong \angle G$	ٽڪنڊن جي يڪسانيت
پر $\overline{DF} \cong \overline{AC}$	مليل
$\therefore$ $\overline{GF} \cong \overline{DF}$	متعدي خاصيت
$\therefore$ $\Delta DEG, m\angle 1 = m\angle 3$	سامهون وارا پاسا يڪسان آهن $\overline{EG} \cong \overline{BA} \cong \overline{ED}$

ساڳيءَ طرح ΔGFE ۾ $m\angle 2 = m\angle 4$	$\overline{DF} \cong \overline{GF}$
انهي ڪري $\therefore\ m\angle 1 + m\angle 2 = m\angle 3 + m\angle 4$	مساوات جي جوڙ جي خاصيت
يا $m\angle D = m\angle G$	$m\angle 1 + m\angle 2 = m\angle D$ $m\angle 3 + m\angle 4 = m\angle G$
پر $m\angle G = m\angle A$	مٿي ثابت ٿيل
$\therefore\ m\angle A = m\angle D$	متعدي خاصيت
مطابقت $\Delta ABC \leftrightarrow \Delta DEF$ ۾	
.i $\overline{AB} \cong \overline{DE}$	.i مليل
.ii $\angle A \cong \angle D$	.ii مٿي ثابت ٿيل
.iii $\overline{AC} \cong \overline{DF}$	.iii مليل
$\therefore\ \Delta ABC \cong \Delta DEF$ ته پوءِ	موضوع S.A.S

Q.E.D

شامل نتيجو:

ٽپور پاسي ٽڪنڊي جون ڪندون ماپ ۾ برابر هونديون آهن.

مشق 9.3

.1 ABC هڪ ٻپور پاسو ٽڪنڊو آهي. D ان جي بنياد $\overline{BC}$ جي وچ وارو ٽپڪو آهي، ثابت ڪريو ته $\overline{AD}$، $\angle A$ جو اڌڪندڙ ۽ $\overline{AD} \perp \overline{BC}$

.2 ΔABC ۽ ΔDBC ٻپور پاسي وارا ٽڪنڊا مشترڪ بنياد $\overline{BC}$ تي ٺهيل آهن ثابت ڪريو ته $\overline{AD}$, $\overline{BC}$ جو عمودي اڌ ڪندڙ آهي.

.3 PQRS هڪ چورس آهي. جنهن ۾ ترتيبوار $\overline{PQ}$, $\overline{QR}$ ۽ $\overline{RS}$ پاسن جا وچيان ٽپڪا X,Y ۽ Z آهن ثابت ڪريو ته $\Delta PXY \cong \Delta SZY$

.4 ثابت ڪريو ته ٽپور پاسي ٽڪنڊي جا مٽيان يڪسان ٽيندا آهن.

9.1.4 سڌيان

جيڪڏهن ٻن گوني ڪند ٽڪنڊن جي موافقت ۾ هڪ ٽڪنڊي جو هئپاٽينيوز ۽ هڪ پاسو، ٻئي ٽڪنڊي جي هئپاٽينيوز ۽ واسطيدار ٻي پاسي سان يڪسان آهي ته ٽڪنڊا پاڻ ۾ يڪسان ٿيندا.



مليل: گوني ڪند ٽڪنڊن ΔDEF ۽ ΔABC جي مطابقت ۾

(گوني ڪند) $\angle B \cong \angle E$، (هئپاٽينيوز) $\overline{AC} \cong \overline{DF}$ ۽ $\overline{BC} \cong \overline{EF}$ پاسو.

گهربل: $\Delta ABC \cong \Delta DEF$

جوڙجڪ: $\overline{DE}$ کي ٿيڪي G تائين وڌايو، ته جيئن $\overline{EG} \cong \overline{AB}$. ٿيڪن F ۽ G کي پاڻ ۾ملايو

ثابتي:

بيان	دليل / سبب
$m\angle DEF + m\angle GEF = 180^o$	سپليمنٽري ڪندن جو موضوع
پر $m\angle DEF = 90^o$	مليل
ته پوءِ $\therefore\ m\angle GEF = 90^o$	$\therefore\ 180^o - 90^o = 90^o$
۾ $\Delta GEF \leftrightarrow \Delta ABC$	
.i $\overline{GE} \cong \overline{AB}$	(i) جوڙجڪ
.ii $\angle GEF \cong \angle ABC$	(ii) هر هڪ گوني ڪند آهي
.iii $\overline{EF} \cong \overline{BC}$	(iii) مليل
$\therefore\ \Delta GEF \cong \Delta ABC$	S.A.S. ≅ S.A.S.
انڪري $\angle G \cong \angle A$ ۽ $\overline{FG} \cong \overline{AC}$ $\therefore$	يڪسان پاسن جون مخالف ڪندون
$\therefore\ \overline{FG} \cong \overline{DF}$	هرهڪ ΔG جي يڪسان آهي.
ٽڪنڊي ۾ $\Delta DFG,\ \angle D \cong \angle G$	
$\therefore\ \angle D \cong \angle A$	
۾ $\Delta ABC \leftrightarrow \Delta DEF$	مطابقت
.i $\angle A \cong \angle D$	(i) ثابت ٿيل
.ii $\angle ABC \cong \angle DEF$	(ii) گوني ڪند
.iii $\overline{AC} \cong \overline{DF}$	(iii) مليل
تنهنڪري $\therefore\ \Delta ABC \cong \Delta DEF$	A.A.S ≅ A.A.S

Q.E.D

مشق 9.4

.1 ثابت ڪريو ته
ٻيور پاسي ٽڪنڊي جي بنياد جي چوٽين ڪان نڪتل سامهون واري پاسي بئي عمود پاڻ ۾ پاسي تي يڪسان هوندا آهن.

.2 ثابت ڪريو ته جيڪڏهن ٽڪنڊي جي ڪنڊ جو عمودي اڌڪندڙ، ان جي سامهون واري پاسي کي ته اهو ٽڪنڊو ٻيور پاسو ٽڪنڊو ٿيندو.

.3 ثابت ڪريو ته ٻيور پاسي ٽڪنڊي جي بنياد کي اڌواڌ ڪندڙ مٿيان، ٽڪنڊي جي چوٽي واري ڪنڊ کي اڌواڌ ڪندا ۽ بنياد جي عمود هوندا.

.4 ثابت ڪريو ته جيڪڏهن ٽڪنڊي جا ٽي عمود يڪسان آهن ته ٽڪنڊو ٽيور پاسو آهي.

مشق ورجايو 9

.1 جيڪڏهن $\Delta ABC \cong \Delta DEF$ ،$m\angle F$ برابر آهي.

A. $90°$
B. $60°$
C. $30°$
D. $20°$





.2 هينين مان صحيح ۽ غلط بيانن جي سڃاڻپ ڪريو.

(i) چوڪنڊي ۾ سيني ڪندن جي ماپ جو جوڙ 360° آهي.
(ii) ٽڪنڊي ۾ سيني ڪندن جي ماپ جو جوڙ 270° آهي.
(iii) ٽيور پاسي ٽڪنڊي ۾ ڪندون ساڳي ماپ جون هونديون آهن.
(iv) ٽڪنڊي ۾ ٻه گوني ڪندون هونديون.
(v) ٻيور پاسي ٽڪندن ۾ موافقت ۾ ڪندون ۽ موافقت ۾ پاسان ماپ ۾ برابر هوندا آهن.

.3 جملي درست ڪرڻ لاءِ خال ڀريو.

(i) $\Delta ABC \leftrightarrow \Delta DEF$ ته پوءِ $\overline{AC}$ جي موافقت آهي ________.
(ii) $\Delta KLM \leftrightarrow \Delta PQR$ ته پوءِ $\angle MKL$ جي موافقت آهي ________.
(iii) ٽيور پاسي ٽڪنڊي ۾ بنيادي ڪندون ________ آهن.
(iv) جيڪڏهن ٽڪنڊي جي هر هڪ ڪند جي ماپ 60° آهي ته ٽڪنڊو ________ آهي.
(v) گوني ڪند ٽڪنڊي ۾، گوني ڪند جي سامهون وارو پاسو ________ چئبو آهي.
(vi) گوني ڪند ٽڪنڊي جي، سوڙ هين ڪندن جي ماپ جو جوڙ ________ آهي.

4. درست جواب جي واسطيدار کي a, b,c ۽ d گول پايو.

(i) هيٺين مان ڪهڙي ٻن ٽڪنڊن جي يڪسانيت لاءِ مناسب صورت نه آهي.

(a) A.S.A ≅A.S.A (b) H.S ≅ H.S

(c) S.A.A≅ S. A. A (d) A.A.A≅ A. A. A

(ii) ٽڪنڊي ΔABC ۾ جيڪڏهن ∠B ≅ ∠A ته ________ ڪنڊ جو اڌواڌ ڪندڙ ٽڪنڊي کي ٻن يڪسان ٽڪنڊن ۾ تقسيم ڪندو.

(a) ∠A (b) ∠B (c) ∠C (d) هنن مان ڪوبه نه

(iii) ________ جي اريب، ان کي ٻن يڪسان ٽڪنڊن ۾ تقسيم نه ڪندي آهي.

(a) مستطيل (b) ٽرئپيزيم

(c) پورو چوٽ چوڪندو (d) چورس

(iv) سوڙهي ڪنڊ ٽڪنڊي ۾، ڪيترين ڪندون سوڙهيون هونديون آهن.

(a) 1 (b) 2 (c) 3 (d) ٻن کان وڌيڪ

خلاصو

هن يونٽ ۾ اسان هيٺيان سڌيان بيان ڪري ثابت ڪيا آهن.

- جيڪڏهن ڪن به ڏنل مطابقت ۾ هڪ ٽڪنڊي جون ٻه ڪندون ۽ ڪو به هڪ پاسو ٻي ٽڪنڊي جي واسطيدارڪندن ۽ پاسي سان يڪسان هجن ته ٻئي ٽڪنڊا يڪسان ٿيندا. (A.S.A. ≅ A.S.A)
- جيڪڏهن ڪنهن ٽڪنڊي جون ٻه ڪندون يڪسان هجن ته سندس سامهون وارا پاسا به يڪسان هوندا.
- جيڪڏهن ٻن ٽڪنڊي ڏنل موافقت ۾ هڪ ٽڪنڊي جاٽئي پاسا، ٻئي ٽڪنڊي جي واسطيدار ٽنهي پاسن سان يڪسان هجن ته، ٻئي ٽڪنڊا پاڻ ۾ يڪسان يا ساڳيا هوندا. (S.S.S ≅ S.S.S)
- جيڪڏهن ٻن گوني ڪنڊ ٽڪنڊن جي موافقت ۾ هڪ ٽڪنڊي جو هئپاٽينيوز ۽ هڪ پاسو، ٻي ٽڪنڊي جي واسطيدار هئپاٽينيوز ۽ ٻي پاسي سان يڪسان آهن. ته ٽڪنڊا پاڻ ۾ يڪسان هوندا.
- ٻن ٽڪنڊن کي يڪسان چئبو آهي، جيڪڏهن انهن ۾ مطابقت موجود هجي اهڙي طرح ته سڀ مطابقت رکندڙ پاسا ۽ ڪندون يڪسان آهن. (S.S.S)

يونٽ 10

پوروچوٽ چوڪندا ۽ ٽڪندا

(Parellelogram And Triangles)

شاگردن جي سکيا جا حاصلات

هن يونٽ جي پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا ته:

- هينين سڌيانن کي شامل نتيجن سان گڏ سمجهي سگهندا ۽ انهن کي استعمال ڪري لا ڳاپيل حساب حل ڪندا.

(a) هڪ پورو چوٽ چوڪندي ۾

- آمهون سامهون وارا پاسا يڪسان آهن.
- آمهون سامهون واريون ڪندون يڪسان آهن.
- اريب هڪ ٻئي کي اڌواڌ ڪندا آهن.

(b) جيڪڏهن ڪنهن چوڪندي جا ٻہ آمهون سامهون وارا پاسا يڪسان ۽ پورو چوٽ آهن تہ اهو چوڪندو پورو چوٽ چوڪندو آهي.

(c) جيڪڏهن ڪوليڪٽر، ڪنهن ٽڪندي جي ٻن پاسن جي وچين ٽبڪن کي پاڻ ۾ ملائي تو تہ اهو ٽڪندي جي ٽئين پاسي جي پورو چوٽ هوندو ۽ ماپ ۾ انهي جي اڌ جيترو هوندو.

(d) ٽڪندي جا مڌيان هڪ ٽبڪي تي ملن ٿا ۽ اهو ٽبڪو هر مڌيان کي پورن ٽن حصن ۾ ورهائي ٿو.

(e) جيڪڏهن ٽي يا ٽن کان وڌيڪ پورو چوٽ ليڪون هڪ ڪيپنڊڙ ليڪ کي يڪسان ٽڪرن ۾ ورهائن تہ ، اهي ليڪون ڪنهن بي ڪيپنڊڙ ليڪ کي پڻ يڪسان ٽڪرن ۾ ورهائينديون.

تعارف:

گذريل ڪلاس ۾ شاگردن ڪيترن ئي قسمن جي گهڻ پاسن واريون شڪلون جهڙوڪ ٽڪنڊا، پورو چوٽ چوڪندو، چورس، مستطيل، رامبس ۽ ٽر پئيزيم وغيره بابت سکيو ۽ ڻاهيون آهن ۽ انهن جي پاسن ۽ ڪنڊن جي يڪسانيت بابت پڻ سکيو آهي. هن يونٽ ۾ اسان پورو چوٽ چوڪندي ۽ ٽڪنڊن سان تعلق رکندڙ ستيان بابت سکنداسين.

10.1: پورو چوٽ چوڪندا ۽ ٽڪنڊا:

10.1.1: ستيان

پورو چوٽ چوڪندي ۾

- آمهون سامهون پاسا يڪسان آهن.
- آمهون سامهون واريون ڪنڊون يڪسان آهن.
- اريب هڪ ٻئي کي اڌواڌ ڪن ٿا.



شڪل (i)

شڪل (ii)

مليل: $^{m}\|PQRS$

گهربل: (1) $\overline{PS} \cong \overline{QR}$ $\overline{PQ} \cong \overline{RS}$;

(2) $\angle S \cong \angle Q$ $\angle P \cong \angle R$;

(3) اريب $\overline{PR}$ ۽ $\overline{SQ}$ هڪٻئي کي ٽبڪي O تي اڌواڌ ڪن ٿيون .

جوڙجڪ:

مليل شڪل (i) ۾ Q ۽ S کي ملايو.

ثابتي

سبب / دليل	بيان
متبادل ڪندون	شڪل (i) ۾
$\overline{SR} \parallel \overline{PQ}$	(1) $\overline{SR} \parallel \overline{PQ}, \overline{SQ}$
	$m\angle 1 = m\angle 4$
جوڙ جي خاصيت جو موضوع	ساڳي طرح تنهنڪري $m\angle 2 = m\angle 3$
ڪندن جو جوڙ جو موضوع	$\therefore \quad m\angle 1 + m\angle 2 = m\angle 3 + m\angle 4$
ساڳيو طريقو متي ڏنل	$\angle S \cong \angle Q$ يا
	ساڳي طرح تنهنڪري $\angle P \cong \angle R$
	ته آمهون سامهون ڪندون يڪسان آهن
(1) ۾ ثابت ٿيل	(2) $\Delta SPQ \leftrightarrow \Delta QRS$
ٻنهي ۾ مشترڪ	$\angle 1 \cong \angle 4$ and $\angle 2 \cong \angle 3$
$A.S.A \cong A.S.A$	$\overline{SQ} \cong \overline{SQ}$
	$\therefore \quad \Delta SPQ \cong \Delta QRS$
	$\therefore \quad \overline{PQ} \cong \overline{RS}$ and $\overline{PS} \cong \overline{QR}$
	ته آمهون سامهون پاسا يڪسان آهن شڪل
(1) ۾ ثابت ٿيل	(3) $\Delta POQ \leftrightarrow \Delta ROS$
چوٽي واريون مخالف ڪندون .	$\angle 1 \cong \angle 4$
(2) ۾ متي ثابت ٿيل	$\angle POQ \cong \angle SOR$
$A.S.A \cong A.S.A$	$\overline{PQ} \cong \overline{SR}$
ٽڪندن جي يڪسانيت سان	$\therefore \quad \Delta POQ \cong \Delta ROS$
	$\therefore \quad \overline{PO} \cong \overline{OR}$ and $\overline{OQ} \cong \overline{OS}$
	$\therefore$ $\overline{PR}$ ۽ $\overline{RS}$ اربيون هڪ ٻئي کي اڌوڌ ڪن ٿيون

Q.E.D

مشق 10.1

.1 پورو چوٽ چوڪندي جي ڪن ـہ ٻن آمهون سامهون وارن پاسن جي وچين ٽبڪن کي ملائيندڙ ليڪ انهيءَ جي ٻين پاسن سان پورو چوٽ هوندي آهي.

.2 پورو چوٽ چوڪندي جي ڪنهن ـہ پاسي تـہ ٺهندڙ اندريون ڪندون سپليمنٽري هونديون آهن.

.3 ثابت ڪريو تـہ پورو چوٽ چوڪندي جي ساڳي پاسي وارين ٻن ڪندن جا اڌواڌ ڪندڙ، هڪ ٻئي کي گوني ڪند تي ڪپيندا.

.4 جيڪڏهن چوڪندي جون اريبون هڪ ٻئي کي اڌواڌ ڪن تـہ ، اهو پورو چوٽ چوڪندو آهي.

.5 پورو چوٽ چوڪندي جي ڪنهن ـہ ٻن پاسن جون مخالف ڪندون برابر آهن.

ستديان 10.1.2

جيڪڏهن ڪنهن چوڪندي جا ـہ آمهون سامهون وارا پاسا يڪسان ۽ پورو چوٽ آهن تـہ اهو چوڪندو پورو چوٽ چوڪندو آهي.



مليل: چوڪندي ,ABCD ۾

$\overline{AB} \cong \overline{CD}$

گهربل: ,ABCD هڪ چوڪندو آهي

جوڙجڪ: ٽبڪا B ۽ D ملايو.

ثابتي

بيان	سبب / دليل
$\overline{BD}$ ، $\overline{AB}\parallel\overline{CD}$ ڪيپيندڙ آهي	متبادل ڪندون
$\therefore$ ۽ $\angle ABD \cong \angle CBD$	
$\Delta ADB \leftrightarrow \Delta CBD$	
(i) $\overline{AB} \cong \overline{CD}$	(i) مليل
(ii) $\angle ABD \cong \angle CDB$	(ii) متي ثابت ٿيل
(iii) $\overline{BD} \cong \overline{BD}$	(iii) مشترڪ
$\therefore$ $\Delta ADB \cong \Delta CBD$	
$\therefore$ $\angle 1 \cong \angle 2$	S.A.S≅S.A.S
پَر هي متبادل ٽڪندا هن	مليل متبادل ڪندون
$\overline{AD}$ $\overline{BC}$	
$\overline{AB}$ $\overline{CD}$	
ABCD is a $\parallel^m$	

Q.E.D

مشق 10.2

1. ثابت ڪريو تہ هڪ چوڪندو، پورو چوٽ چوڪندو هوندو، جيڪڏهن ان جون آمهون سامهون واريون ڪندون يڪسان آهن.
2. ثابت ڪريو تہ هڪ چوڪندو، پورو چوٽ چوڪندوهوندو، جيڪڏهن ان جون اريبون هڪ ٻئي کي اڌواڌ ڪن ٿيون.
3. جيڪڏهن هڪ چوڪندو پورو چوٽ چوڪندو آهي، تہ ان جون اريبون بہ يڪسان ٽڪندا ناهيندييون.
4. جيڪڏهن ڪنهن چوڪندي جي هر پاسي ڪان نهندڙ ڪندون سپليمينٽري آهن تہ اهو پورو چوٽ چوڪندو هوندو.

سڌيان 10.1.3

جيڪڏهن ڪو ليڪ ٽڪر ڪنهن چوڪندي جي ٻن پاسن جي وچين ٽٻڪن کي پاڻ ۾ ملائي ته اهو ٽڪنڊو جي ٽئين پاسي جي پورروچوٽ هوندو ۽ ماپ ۾ انهيءَ جي اڌ جيترو هوندو.



مليل: ٽڪنڊي ABC ۾ پاسن $\overline{AB}$ ۽ $\overline{AC}$ جا وچيان ٽٻڪا ترتيبوار Q ۽ P آهن، ته $\Delta ABC, \overline{PQ}$ ليڪ ٽڪر انهن کي ملائي ٿو.

گهربل: $\overline{PQ} \parallel \overline{BC}$ ۽ $m\overline{PQ} = \frac{1}{2} m\overline{BC}$

جوڙجڪ: $\overline{PQ}$ تي ٽٻڪو D اهڙي طرح ڪٽو جو $\overline{QD} \cong \overline{PQ}$. ٽٻڪن C ۽ D کي ملائي.

ثابتي

بيان	سبب / دليل
$\Delta APQ \leftrightarrow \Delta CDQ$	
(i) $\overline{PQ} \cong \overline{QD}$	(i) جوڙجڪ
(ii) $\angle 1 \cong \angle 2$	(ii) چوٽي واريون ڪنڊون
(iii) $\overline{AQ} \cong \overline{QC}$	(iii) مليل
$\therefore \Delta APQ \cong \Delta CDQ$	Δs ٽڪنڊن جي يڪسانيت سان
$\therefore \angle 3 \cong \angle 4$ ۽ $\overline{AP} \cong \overline{CD}$	مليل
پر $\overline{PB} \cong \overline{AP}$	
$\therefore \overline{PB} \cong \overline{CD}$	هرهڪ $\overline{AP}$ جي يڪسان آهي.
$\angle s$ متبادل آهن $\angle 4$ جي $\angle 3$	متبادل ڪنڊن جي وصف مطابق
$\therefore \overline{AB} \parallel \overline{CD}$ i.e. $\overline{PB} \parallel \overline{CD}$	متبادل ڪنڊون يڪسان آهن
$\therefore$ PBCD آهي $\parallel^m$	
$\therefore \overline{PD} \cong \overline{BC}$ ۽ $\overline{PD} \parallel \overline{BC}$	S جي سامهون پاسا پورو چوٽ ۽ يڪسان آهن
$\therefore \overline{PQ} \parallel \cong \overline{BC}$ ۽ $m\overline{PQ} = \frac{1}{2} m\overline{BC}$	$\overline{PD}$ ۽ $\overline{PQ}$ ساڳي ليڪ تي آهن ۽ $m\overline{PQ} = m\overline{QD} = \frac{1}{2} m\overline{PD}$

Q.E.D

مشق 10.3

.1 جيڪڏهن ڪوليڪ ٽڪرڪنهن ٽڪنڊي جي ٻن پاسن جي وچين ٽپڪن کي پاڻ ۾ ملائي ٿو، ته اهو ٽئي پاسي جي پورو چوٿ هوندو ۽ ان جي ڊيگهه 4 س. م آهي ته ٽي پاسي جي ڊيگهه ڪيتري ٿيندي.

.2 ثابت ڪريو ته چوڪندي جي آمهون سامهون وارن پاسن جا اڏڪندڙ ليڪ ٽڪر هڪ ٻئي کي اڌواڌ ڪن ٿا.

.3 چوڪندي جي چئني پاسن جي وچين ٽبڪن کي ترتيبوار هڪ ٻئي سان ملائڻ جيڪو ننڍو چوڪندو ٺهندو سو پورو چوٽ هوندو.

.4 ثابت ڪريو ته ڪوليڪ ٽڪرٽڪندي جي هڪ پاسي جي وچئين ٽبڪي مان گذري ٻي پاسي جو پورو چوٽ ٿئي ته اهو ٽيئن پاسي کي پڻ اڌواڌ ڪندو.

.5 ثابت ڪريو ته ٽڪندي جي ٽنهي پاسن جي وچين ٽبڪن کي پاڻ ۾ ملائڻ سان جيڪي چار ننڍا ٽڪندا ٺهن ٿا. اهي پاڻ ۾ يڪسان هوندا.

10.1.4 سڌيان

ٽڪندي جا مڌيان هڪ ٽبڪي تي ملن ٿا ۽ اهو ٽبڪو هر مڌيان کي پورن ٽن حصن ۾ ورهائي ٿو.



مليل: ΔABC, جنهن ۾ ٻه مڌيان $\overline{BE}$ ۽ $\overline{CF}$ ٽبڪي G تي ملن ٿا.

گهربل: (i) $\overline{AG}$ وڌائڻ سان $\overline{BC}$ کي D وٽ ڪٽي.

(ii) ٽبڪو G هر مڌيان کي پورن ٽن حصن ۾ ودهائي ٿو

جوڙجڪ: $\overline{EB} \parallel \overline{CH}$ ناهيو، جيڪو $\overline{AD}$ سان پورو چوٽ هجي ۽ وڌايل کي H ٽبڪي تي ملي ٽبڪن B ۽ H کي ملايو.

جيڪڏهن تڪنڊي جا ٽئي مڏيان $\overline{PB}, \overline{QC}$ ۽ $\overline{RA}$ ٻئڪي G تي ملن تہ ثابت ڪريو تہ ستئراڪ بہ آهي ثابتي

بيان	سبب / دليل
تڪنڊي ۾ $\Delta ACH, \overline{AE} \cong \overline{EC}$	ملليل
۽ $\overline{EG} \parallel \overline{CH}$	جوڙجڪ
$\therefore$ $\overline{AG} \cong \overline{GH}$	سڏيان 10.1.3 جو عڪس
وري تڪنڊي ΔABH ۾	
$\overline{AG} \cong \overline{GH}$	متي ثابل ٿيل
$\overline{AF} \cong \overline{FB}$	ملليل
$\overline{FG} \parallel \overline{BH}$	سڏيان 10.1.3 جو عڪس
تنهنڪري BGCH هڪ پورو جوت چوڪندو آهي. جنهن جون اريبون $\overline{BC}$ ۽ $\overline{GH}$ هڪ ٻئي کي اڌواڌ ڪن ٿيون	سڏيان 10.1.1 مطابق
تہ پوءِ $\overline{GD} \cong \overline{DH}, \ \overline{BD} \cong \overline{DC}$	متي ثابت ٿيل آهي $\overline{BD} \cong \overline{DC}$ $\overline{GD} \cong \overline{DH} \Rightarrow m\overline{GH} = 2m\overline{GD}$
$\overline{AD}$ ΔABC مڏيان آهي	
۽ $m\overline{AG} = m\overline{GH} = 2m\overline{GD}$	جيئن تہ $\overline{AG}$ ٻيڻو آهي $\overline{GD}$ جو متيئن طريقي مطابق
G ٽپڪو $\overline{AD}$ کي ٽن حصن ۾ ورهائيندڙ آهي ساڳي طرح اسان G کي $\overline{BE}$ ۽ $\overline{CF}$ کي ٽن حصن ۾ ورهائڻ وارو ٽپڪو پڻ ثابت ڪري سگهون ٿا.	

Q.E.D

مشق 10.4



.1 جيڪڏهن تڪندي جا ٽيئي مڏيان يڪسان هجن تہ ثابت ڪريو تہ اهو ٽيور پاسو تڪندو آهي.

.2 جيڪڏهن تڪنڊي PQR جا ٽيئي مڏيان $\overline{PB}$، $\overline{QC}$ ۽ $\overline{RA}$ ٽپڪي G تي ملن تہ ثابت ڪريو تہ G سينٽرائڊ آهي

.3 ملليل شڪل ۾ $\overline{GR}$ جي ڊيگھ 2 س. م آهي تہ پوءِ $\overline{AG}$. جي ڊيگھ معلوم ڪريو.

ستديان 10.1.5

جيڪڏهن ٽي يا ٽن کان وڌيڪ پورو چوٽ ليڪون، هڪ ڪپيندڙ ليڪ کي يڪسان ٽڪرن ۾ ورهائن تہ اهي ليڪون ڪنهن بي ڪپيندڙ ليڪ کي پڻ يڪسان ٽڪرن ۾ ورهائينديون.



مليل: $\overleftrightarrow{CD}, \overleftrightarrow{AB}$ ۽ $\overleftrightarrow{EF}$ ، پورو چوٽ ليڪون آهن

$\overleftrightarrow{GH}$ ليڪ اهڙي طرح ٽيڪن P , Q ۽ R تي

ڪپي ٿي جو $\overline{PQ} \cong \overline{QR}$

$\overleftrightarrow{XY}$ بي ڪپيندڙ ليڪ آهي جيڪا $\overleftrightarrow{AB}$، $\overleftrightarrow{CD}$ ۽

$\overleftrightarrow{EF}$ ٽيڪن M , N , O تي ڪپي ٿي.

گهربل: $\overline{NM} \cong \overline{NO}$

جوڙجڪ: $\overline{MJ}$ ۽ $\overline{NK}$ ليڪون $\overleftrightarrow{GH}$ جي پوروچوٽ ڪڍو. جيڪي $\overleftrightarrow{CD}$ ۽ $\overleftrightarrow{EF}$ کي ٽيڪن J ۽ K تي ملن.

ثابتي

بيان	سبب / دليل
چوڪنڊي $\overline{PM} \parallel \overline{QJ}$	$\overleftrightarrow{AB} \parallel \overleftrightarrow{CD}$ مليل
۽ $\overline{PQ}$ $\overline{MJ}$	جوڙجڪ
∴ PMJQ is a $\parallel^{m}$	آمهون سامهون وارا پاسا پورو چوٽ آهن
∴ $\overline{PQ} \cong \overline{MJ}$	$\overline{QR} \parallel \overline{NK}$ and $\overline{QN} \parallel \overline{RK}$
PQJM هڪ پورو چوٽ چوڪنڊو آهي	
ساڳي طرح QRKN بہ هڪ پورو چوٽ چوڪنڊو آهي.	مليل
∴ $\overline{QR} \cong \overline{NK}$	مساوات جي عبوري خاصيت
پر $\overline{PQ} \cong \overline{QR}$	هر هڪ $\overline{GH}$ جي پورو چوٽ آهي
∴ $\overline{MJ} \cong \overline{NK}$	نسبتي ڪندون
تنهنڪري $\overline{MJ} \parallel \overline{NK}$	
∴ $\angle 1 \cong \angle 2$	(i) متي ثابت ٿيل
هاڻ $\Delta MNJ \leftrightarrow \Delta NOK$	(ii) نسبتي ڪندون ‖ ليڪن جون
(i) $\angle 1 \cong \angle 2$	(iii) متي ثابت ٿيل
(ii) $\angle 3 \cong \angle 4$	A.A.S≅A.S.A
(iii) $\overline{MJ} \cong \overline{NK}$	ٽڪندن جي يڪسانيت مطابق
∴ $\Delta MNJ \cong \Delta NOK$	
∴ $\overline{MN} \cong \overline{NO}$	

Q.E.D

مشق 10.5

.1 ثابت ڪريو ته
ڪنهن ٽڪنڊي جي پاسن جي وچين ٽپڪن کي ملائڻ سان ٺهندڙ نئين ٽڪنڊي جون ڪنڊون، اصلوڪي ٽڪنڊي جي مساوي هونديون آهن.
ٽرئپيزيم جي ٻنهي غير پورو چوٽ پاسن جي وچين ٽپڪن کي ملائيندڙ ليڪ ٽڪر ٻين ٻنهي پاسن سان پورو چوٽ به آهي ۽ ماپ ۾ انهن جي جوڙ جي اڌ جيترو آهي.
ڪنهن ٽڪنڊي جي چوٽيءَ ڪان، پاپي تي نڪتل هر ليڪ ٽڪرڪي ٻين پاسن جي وچين ٽپڪن کي ملائيندڙ ليڪ ٽڪرڪي پورا به ٽڪر ڪري ٿي.

ورجايل مشق 10

.1 خال ڀريو.

(i) پوروچوٽ چوڪنڊي ۾ آمهون سامهون وارا پاسا ________ آهن
(ii) پوروچوٽ چوڪنڊي ۾ آمهون سامهون واريون ڪنڊون ________ آهن
(iii) ٽڪنڊي ۾ مڏيان ________ آهن
(iv) پوروچوٽ چوڪنڊي جو اريبون هڪ ٻئي کي ________ڪن ٿيون
(v) پوروچوٽ چوڪنڊي جو نسبتي ڪندون ________ آهن
(vi) ٽڪنڊي جا مڏيان ________ آهن
(vii) چوڪنڊي جي اندرين ڪندن جي ماپ جو جوڙ برابر ________ آهي

.2 صحيح جواب تي ٽڪ لڳايو.

(i) چورس جون اريبون پاڻ ۾ هڪ ٻي سان ________ آهن
(a) عمود (b) غير يڪسان
(c) يڪسان (d) ٻئي (a) ۽ (c)

(ii) چوڪنڊي جي اندرين ڪندن جي ماپن جو جوڙ________ آهي
(a) 2 گوني ڪندون (b) 4 گوني ڪندون
(c) 3 گوني ڪندون (d) ڪو به نه

(iii) ٽڪنڊي ABC ۾ $\overline{AB}$ ۽ $\overline{AC}$ جي وچين ٽپڪن کي ملائيندڙ ليڪ ٽڪر برابر آهي 3.5 س.م جي ته $m\overline{BC}$ __________

(a) 4.5 س . م (b) 5.5 س . م

(c) 6 س . م (d) 7 س . م

(iv) جا ۾ مڏيان $\overline{AB}$ ۽ $\overline{BE}$ پاڻ ۾ ٽپڪي G تي ڪپين ٿا. جيڪڏهن س.م 1.7 $= m\overline{GD}$ ته پوءِ $mAG =$ __________

(a) 2.7 س . م (b) 8.85 س . م

(c) 3.4 س . م (d) 5.1 س . م

(v) پوروچوٽ چوڪندي ABCD جون ڪندون $\angle A$ ۽ $\angle C$ جي ماپن جو جوڙ 130 آهي ته پوءِ $m\angle C$ __________

(a) 25^0 (b) 115^0 (c) 65^0 (d) ڪابہ نہ

(vi) جيڪڏهن چوڪندي جي آمهون سامهون ڪندن جي ماپ برابر آهي ۽ انهن مان ڪابہ گوني ڪندن آهي تہ چوڪندو __________ آهي

(a) چورس (b) پورو چوٽ چوڪندو

(c) ٽرئيپيريم (d) مستطيل

(vii) سينٽرائڊ هڪ مشترڪ ٽپڪو آهي __________ کي ڪاٽ جو

(a) ٽڪندي جا مڏيان (b) پورو چوٽ چوڪندي جون اريبون

(c) ٽڪندي جي ڪند جا اڌڪندڙ (d) ٽڪندي جو عمودي اڌڪندڙ

(viii) ڪنهن ٽڪندي جي مڏيان __________ ٽپڪو آهي

(a) چوٽيءَ کان هڪ جيتري مفاصلي تي

(b) پاسي جي وچ واري نقطي کان هڪ جيتري مفاصلي تي

(c) عمود کان هڪ جيتري مفاصلي تي

(d) ڪو بہ نہ

خلاصو

- پورو چوٽ چوڪنڊي جا آمهون سامهون وارا پاسا يڪسان هوندا آهن.
- پورو چوٽ چوڪنڊي جون آمهون سامهون واريون ڪنڊون يڪسان هونديون آهن.
- سپليمينٽري ڪنڊون لاڳيتين ڪنڊن جي خاصيت رکن ٿيون.
- پورو چوٽ چوڪنڊي جون اريبون هڪ ٻئي کي اڌواڌ ڪن ٿيون ۽ هر هڪ اريب ان کي ٻن يڪسان ٽڪنڊن ۾ ورهائي ٿي.
- جيڪڏهن پوروچوٽ چوڪنڊي جون گوني ڪندون هجن ته هي سڀ ڪندون گوني ٿينديون.
- پورو چوٽ چوڪنڊي جون اريبون، ان کي چئن يڪسان ٽڪنڊن ۾ تقسيم ڪن ٿيون.
- پورو چوٽ چوڪنڊي جي ڪنڊن جو جوڙ 360° آهي.
- ٽڪنڊي جي ٻاهرين ڪنڊن جو جوڙ 180° آهي.
- ٽڪنڊي جي ٻاهرين ڪنڊن جو جوڙ 360° آهي.
- جيڪڏهن ٽي يا ٽن کان وڌيڪ پورو چوٽ ليڪون هڪ ڪپيندڙ ليڪ کي يڪسان ٽڪرن ۾ ورهائن ته ، اهي ليڪون ڪنهن ٻي ڪپيندڙ ليڪ کي پڻ يڪسان ٽڪرن ڪرن ۾ ورهائينديون.
- ٽڪنڊي جا مٿيان هڪ ٽٻڪي تي ملن ٿا ۽ اهو ٽٻڪو هر مٿيان کي پورن ٽن حصن ۾ ورهائي ٿو.
- جيڪڏهن ڪوليڪ ٽڪر، ڪنهن ٽڪنڊي جي ٻن پاسن جي وچين ٽٻڪن کي پاڻ ۾ ملائي ٿو ته اهو ٽڪنڊي جي ٽئين پاسي جي پورو چوٽ هوندو ۽ ماپ ۾ انهي جي اڌ جيترو هوندو.

يونٽ 11

ليڪ جا اڌ ڪندڙ ۽ ڪنڊ جا اڌ ڪندڙ

Line Bisectors and Angle Bisectors

شاگردن جي سکيا جا حاصلات

هن يونٽ جي پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا ته:

- هينين سٽيانن کي شامل نتيجن سان گڏ سمجهي سگهندا ۽ انهن کي استعمال ڪري لاڳاپيل حساب حل ڪندا.
- ڪنهن ليڪ ٽڪر جي عمودي اڌڪندڙ تي موجود ٽِبڪو انهيءَ ليڪ ٽڪر جي بنهي چيڙن کان هڪ جيتري مفاصلي تي هوندو آهي.
- ليڪ ٽڪر تي ڪو به ٽبڪو جيڪو ان جي بنهي چيڙن کان هڪ جيتري مفاصلي تي آهي، اهو ان جو عمودي اڌڪندڙ تي هوندو آهي.
- ٽڪنڊي جي پاسن جا عمودي اڌڪندڙ ساڳئي ٽبڪي مان گذرندا آهن
- ڪنهن به ڪند کي اڌواڌ ڪندڙ ليڪ تي موجود ٽبڪو انهيءَ ڪند جي ٻانهن کان هڪ جيتري مفاصلي تي هوند آهي.
- ڪنهن به ڪند ۾ موجود اندر ٽبڪو ان جي ٻانهن کان هڪ جيتري مفاصلي تي هجي ته اهو ان جي اڌڪندڙ تي هوندو آهي.
- ٽڪنڊي جي ڪندن کي اڌ ڪندڙ ساڳي ٽبڪي گذرندا آهن.

تعارف

اسان هتي ليڪ ٽڪر ۽ ڪنڊ جي اڌ ڪندڙ سان تعلق رکندڙ سڌيان ۽ حساب جي مطالعو ڪنداسين.

وصول:

(i) ليڪ ٽڪر جا اڌ ڪندڙ

هڪ ليڪ، شعاع يا ٽڪرو، ٻي ليڪ ٽڪر کي ٻن برابر حصن ۾ ورهائي ته ان کي اڌ ڪندڙ چئبو آهي.



مثال طور: مليل شڪل ۾ ليڪ 'L'، $\overline{AB}$ ليڪ ٽڪري جو اڌ ڪندڙ آهي جيڪو $\overline{AB}$ جي وچ واري ٽٻڪي 'O' مان گذري ٿو.

(ii) ليڪ ٽڪر جو عمودي اڌ ڪندڙ



هڪ ليڪ جيڪا ليڪ ٽڪر کي 90 درجن تي ٻن حصن ۾ اڌ ڪري ته ان کي ليڪ ٽڪر جو عمودي اڌ ڪندڙ چئبو آهي.

مثال طور: ڏنل شڪل ۾ $\overleftrightarrow{CD}$ ليڪ ٽڪر AB جو عمود آهي جيڪو وچين ٽٻڪي'O' مان گذري ٿو. ته پوءِ $\overleftrightarrow{CD}$ کي $\overline{AB}$ جوعمودي اڌ ڪندڙ چئبو آهي. مليل شڪل ۾ ليڪ $\overleftrightarrow{CD}$ ليڪ ٽڪر $\overline{AB}$ جو عمودي اڌ ڪندڙ آهي.

(iii) ڪنڊ جو اڌ ڪندڙ



هڪ ليڪ، شعاع يا ليڪ ٽڪر جڏهن ڪنهن ڪنڊکي ٻن برابر ڪنڊن ۾ ورهائي ته ان کي ڪنڊ جو اڌ ڪندڙ چئبو آهي.
ڏنل شڪل ۾ $\angle CBA$ ڪنڊ جو اڌ ڪندڙ $\overrightarrow{BD}$ آهي، جيڪو ان ڪنڊ کي ٻن پورن ڪنڊن $\angle 1$ ۽ $\angle 2$ ۾ ورهائي ٿو. جيئن $\angle 2 \cong \angle 1$

سڌيان 11.1.1

ثابت ڪريو ته:

ڪنهن ليڪ ٽڪر جي عمودي اڌڪندڙ تي موجود ٽپڪو انهيءَ ليڪ ٽڪر جي ٻنهي چيڙن ڪان هڪ جيتري مفاصلي تي هوندو آهي.



مليل: $\overleftrightarrow{CD}$ عمودي اڌڪندڙ آهي $\overline{AB}$ جو جيڪو ان کي پوري وچ "O" تي ڪپي ٿو P ڪو به ٽپڪو $\overleftrightarrow{CD}$ تي آهي.

گهربل: $\overline{AP} \cong \overline{BP}$، يعني ٽپڪو P ٽپڪو A ۽ B ڪان هڪ جيتري مفاصلي تي آهي.

ثابتي:

بيان	سبب / دليل
$\Delta AOP \leftrightarrow \Delta BOP$ ۾	
(i) $\overline{AO} \cong \overline{OB}$	(i) مليل ("O" وچ وارو ٽپڪو آهي)
(ii) $\angle 1 \cong \angle 2$	(ii) مليل ($\overline{CD} \perp \overline{AB}$) "O" ٽپڪي وٽ
(iii) $\overline{PO} \cong \overline{PO}$	(iii) مشترڪ
$\therefore$ $\Delta AOP \leftrightarrow \Delta BOP$	S.A.S موضوع
$\therefore$ $\overline{AP} \cong \overline{BP}$	$\overline{AP} \cong \overline{BP}$ ٽڪندن جي يڪسانيت مطابق Δs.
مگر ٽپڪو P ليڪ $\overleftrightarrow{CD}$ تي ڪو به ٽپڪو آهي ساڳي طرح $\overleftrightarrow{CD}$ تي ورتل ڪو به ٽپڪو ٻن ٽپڪن A ۽ B ڪان هڪ جيترو پري هوندو تنهنڪري ليڪ ٽڪر جي عمودي اڌڪندڙ تي موجود هر هڪ ٽپڪو انهيءَ جي چيڙن ڪان هڪ جيتري مفاصلي تي هوندو.	فرضي ورتل متيا قدم ورجائڻ سان

Q.E.D

ستڏيان 11.1.2

ثابت ڪريو ته:

ليڪ ٽڪر تي ڪو به ٽپڪو جيڪو ان جي ٻنهي ڇيڙن کان هڪ جيتري مفاصلي تي آهي ته اهو ان جو عمودي اڌڪندڙ هوندو آهي.



مليل: A ۽ B ٻه مشتمل ٽپڪا آهن ۽ P حرڪت ڪندڙ ٽپڪو آهي جيئن $\overline{PA} \cong \overline{PB}$

گهربل: P عمودي اڌڪندڙ آهي $\overline{AB}$ جو

جوڙجڪ: $\overline{AB}$ کي "O" تي ٻن برابر حصن ۾ ڪپيو ۽ P ۽ O کي پاڻ ۾ ملايو.

ثابتي:

بيان	Reasons
$\Delta POA \leftrightarrow \Delta POB$ ۾	
(i) $\overline{AO} \cong \overline{OB}$	(i) جوڙجڪ
(ii) $\overline{PA} \cong \overline{PB}$	(ii) مليل
(iii) $\overline{PO} \cong \overline{PO}$	(iii) مشترڪ
$\Delta POA \cong \Delta BOP$	پ . ڪ . پ موضوع
$\angle 1 \cong \angle 2$	ٽڪنڊن جي يڪسانيت مطابق
پر $\angle 1$ ۽ $\angle 2$ سپليمنٽري ڪندون آهن هر هڪ $\angle 2$ ۽ $\angle 1$ گوني ڪند آهي	Δs هڪ ليڪ آهي (سپليمنٽ جو موضوع) جيڪڏهن ٻه سپليمنٽري ڪندون ماپ ۾ برابر آهن ته هر هڪ گوني ڪند آهي.
تنهنڪري $\overline{PO}$ عمودي اڌڪندڙ آهي $\overline{AB}$ جو ته پوءِ هر ٽپڪو جيڪو A ۽ B کان هڪ جيتري مفاصلي تي هوندو اهو $\overline{AB}$ جو عمودي اڌڪندڙ ٽيندو.	$\overline{AO} \cong \overline{BO}$ ۽ $\overline{PO} \perp \overline{AB}$ اسان متيان قدم ورجائڻ سان ان کي ثابت ڪري سگهون ٿا.

Q.E.D

مشق 11.1

1. ثابت ڪريو تہ ڪنهن ٽڪنڊي جي ڪن بہ ٻن پاسن جا عمودي اڌ ڪندڙ هڪ اهڙي ٽٻڪي تي ملن ٿا جيڪو سندس ٽنهي چيڙن کان هڪ جيتري مفاصلي تي آهي.
2. ثابت ڪريو تہ گول جو مرڪز، زهہ جي عمودي اڌڪندڙن تي آهي.
3. ٽن غير هم ليڪ ٽٻڪن مان گذرندڙ گول جو مرڪز ڪٿي ٿيندو ۽ ڇو.
4. جيڪڏهن بہ گول پاڻ ۾ A ۽ B ٽٻڪن تي ڪپين، پوءِ ثابت ڪريو تہ انهن جي مرڪز مان گذرندڙ ليڪ جو عمودي اڌڪندڙ ٿيندي.
5. ٽي مارڪيٽون A, B ۽ C هڪ ليڪ تي نہ آهن. ڪاروباري شخص اهڙي جڳهہ تي مسجد ناهڻ چاهي ٿو، جيڪا هنن مارڪيٽن کان هڪ جيتري مفاصلي تي هجي، مسجد جي جڳهہ طئہ ڪرڻ کان پوءِ ثابت ڪريو تہ هئي جڳهہ ٽنهي مارڪيٽن کان هڪ جيتري مفاصلي تي آهي.

سڌيان 11.1.3:

ثابت ڪريو: ٽڪنڊي جي پاسن جا عمودي ساڳئي ٽٻڪيمان گزرندڙ آهن



مليل: ٽڪنڊو ABC

گهربل: ٽڪنڊي جي پاسن جا عمودي اڌڪندڙ

ٽٻڪيمان گزرندڙ آهن

جوڙجڪ: $\overline{AC}$ ۽ $\overline{AB}$ جا عمودي اڌڪندڙ $\overline{MO}$ ۽ $\overline{NO}$

ناهيو جيڪي ٽٻڪي "O" تي ملن ٿا.

ڪي ٽٻڪي P اڌ ڪريو.

$\overline{OP}, \overline{OA}, \overline{OB}, \overline{OC}$ ۽ ڪڍيو.

ثابتي:

بيان	سبب / دليل
$\overline{NO}$، $\overline{AB}$ جو عمودي اڌ ڪندڙ آهي.	جوڙجڪ
∴ $\overline{AO} \cong \overline{OB}$	
ساڳئيطرح سان $\overline{AO} \cong \overline{OC}$	$\overline{MO}$ عمودي اڌ ڪندڙ آهي $\overline{AC}$ جو
∴ $\overline{OB} \cong \overline{OC}$	هر هڪ يڪسان آهي $\overline{AO}$ جي.
P ليڪ ٽڪر $\overline{BC}$ جي وچ وارو ٽپڪو آهي.	جوڙجڪ
تنهنڪري $\overline{OP}$ عمودي اڌ ڪندڙ آهي $\overline{BC}$ جو.	سڊيان 11.1.2 مطابق
هتي ٽڪندي جي پاسن جا عمودي اڌ ڪندڙ ساڳي ٽپڪي مان گذرن ٿا.	انهن مان هرهڪ ساڳئي ٽپڪي تي ملن ٿا.

Q.E.D

مشق 11.2

1. ثابت ڪريو ته سوڙهيٽڪنديجو گهيريندڙ مرڪز ٽڪندي جي اندرين ۾ هوندو.
2. ثابت ڪريو ته ٻيور پاسي ٽرئيپزيم جي چئني پاسن جا عمودي اڌ ڪندڙ هم ٽپڪي تي ملندا
3. ثابت ڪريو ته ٽڪندي جا عمود هم ٽپڪي تي ملندا

سڊيان 11.1.4

ثابت ڪريو ته

ڪنهن بہ ڪنڊ ڪي اڌواڌ ڪندڙ ليڪ تي موجود ٽپڪو، انهي ڪنڊ جي ٻانهن کان هڪ جيتري مفاصلي تي آهي.



مليل: $\overline{BD}$ ڪنڊ $\angle ABC$ جو اڌواڌ ڪندڙ آهي.

P، $\overline{BD}$ تي ڪنيل ڪوبہ ٽپڪو آهي ۽

$\overline{PQ}$ ۽ $\overline{PR}$ ترتيبوار، پانهن $\overline{BA}$ ۽ $\overline{BC}$

تي عمود آهن.

گهربل:

$\overline{PR} = \overline{PQ}$ (يعني ٽپڪو P, BA ۽ BC کان هڪ جيتري مفاصلي تي آهي)

ثابتي:

بيان	Reasons
۾ $\Delta PQB \leftrightarrow \Delta PRB$	
(i) $\angle 3 \cong \angle 4$	(i) هرهڪ گوني ڪند آهي.
(ii) $\angle 1 \cong \angle 2$	(ii) مليل ($\overline{BD}$ اڌ ڪندڙ آهي)
(iii) $\overline{BP} \cong \overline{BP}$	(iii) مشترڪ
$\Delta PQB \cong \Delta PRB$	A.A.S≅A.A.S
$\overline{PQ} \cong \overline{PR}$	
يعني P ٽپڪو، BA ۽ BC کان هڪجيتري مفاصلي تي آهي.	تڪندن جي يڪسانيت مطابق Δs

Q.E.D

11.1.5 سڌيان

ثابت ڪريو تہ

ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ موجود اندر ٽپڪو، ان جي پانهن کان هڪ جيتري مفاصلي تي هجي تہ اهو ان جو اڌ ڪندڙ تي هوندو.



مليل: $\overline{BD}$ تي موجود ٽپڪو P، ڪنڊ ABC

جي پانهن $\overrightarrow{AB}$ ۽ $\overrightarrow{BC}$ کان هڪ جيتري

مفاصلي تي آهي.

$\overline{PQ} \cong \overline{PR}$ ۽ $\overline{PQ} \perp \overline{BA}$ ۽ $\overline{PR} \perp \overline{BC}$.

گهربل: يعني $\overrightarrow{BD}$ ڪنڊ $\angle ABC$ جو اڌواڌ ڪندڙ آهي.

ثابتي:

Reasons	بيان
گوني ڪنڊ جي ٽڪنڊن نسبت Δs	$\Delta PQB \leftrightarrow \Delta PRB$ ۾
(i) هرهڪ گوني ڪنڊ آهي.	(i) $\angle 3 \cong \angle 4$
(ii) مليل	(ii) $\overline{PQ} \cong \overline{PR}$
(iii) مشترڪ هيپاٽينيوز	(iii) $\overline{BP} \cong \overline{BP}$
گوني ڪنڊ ٽڪنڊي ۾	$\Delta PQB \cong \Delta PRB$ H.S≅ H.S
	$\angle 1 \cong \angle 2$, ٽڪنڊن جي يڪسانيت سان
	يعني $\overrightarrow{BD}$، $\angle ABC$ ڪنڊ جو اڌواڌ ڪندڙ آهي.

Q.E.D

11.1.6 سڌيان

ثابت ڪريو ته

ٽڪنڊي جي ڪندن ڪي اڌ ڪندڙ ساڳي ٽبڪي مان گذرندا.



مليل: ٽڪندي ΔABC ۾

$\overline{BE}$ ۽ $\overline{BF}$ ڪندن $\angle C$ ۽ $\angle B$ جا اڌ ڪندڙ آهن.

جيڪي هڪ ٻئي کي O ٽبڪي تي ملن ٿا.

گهربل: $\angle A, \angle B$ ۽ $\angle C$ جا اڌ ڪندڙ هم ٽبڪي تي ملندا.

جوڙجڪ: $\overline{OD} \perp \overline{BC}$. ۽ $\overline{OF} \perp \overline{AB}$ تي ناهيو.

ثابتي:

سبب / دليل	بيان
	مطابقت ۾
ڪند تي اڏ ڪندڙ ٽِپڪو، ان جي ٻانهن کان هڪ جيتري مفاصلي تي آهي.	(i) $\overline{OD} \cong \overline{OF}$
	(ii) $\overline{OD} \cong \overline{OE}$
(i) ۽ (ii) مان	(iii) $\overline{OE} \cong \overline{OF}$
سنديان 11.5	تنهنڪري ٽپڪو O $\angle A$ اڏ ڪندڙ تي آهي.
مليل	ٽپڪو O $\angle B$ ۽ $\angle C$ جي اڏ ڪندڙ تي پڻ آهي.
	تنهنڪري $\angle A$، $\angle B$ ۽ $\angle C$ جا اڏ ڪندڙ هڪ ٽپڪي تي هوندا آهن.

Q.E.D

مشق 11.3

1. ٻٽ ٻيور پاسي ٽڪنڊن جا بنياد مشترڪ آهن، ثابت ڪريو ته انهن جي چوٽين کي ملائيندڙ ليڪ، مشترڪ بنياد کي گوني ڪند تي اڏواڏ ڪندي.
2. ٽڪنڊي جي ڪندن جا اڏواڏ ڪندڙ آمهون سامهون وارن پاسن کي ٻه اڏواڏ ڪنڌا ته. ثابت ڪريو ته ٽڪنڊو ٻيور پاسوٽڪنڊو آهي.
3. ٻيور پاسي ٽڪنڊي ABC ۾ $\Delta ABC, m\overline{AB} = m\overline{AC}$ آهي. ثابت ڪريو ته B ۽ C چوٽين کان سامهون پاسن سان نهندڙ عمود برابر آهن.

ورجايل مشق 11

.1 ثابت ڪريو تہ جيڪڏهن ٽڪنڊي جا ٻہ عمود يڪسان آهن تہ ٽڪنڊو ٻيور پاسو آهي.

.2 ثابت ڪريو تہ ٽڪنڊي جو اندرپو ٽبڪو ٽنهي پاسن کان هڪ جيتري مفاصلي تي آهي، اهو ٽڪنڊي جي ٽنهي ڪندن جي اڌڪنڊز تيهوندو.

.3 هيٺين بيانن جي سامهون درست لاءِ (T) ۽ غلط لاءِ (F) لکو.

(i) پاسن جو اڌواڌ ڪرڻ جو مطلب آهي تي اسان ڏنل پاسي کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪيو.

(ii) ٻيور پاسي گوني ڪند ٽڪنڊي جي بنياد جي هرهڪ ڪند 45 جي آهي.

(iii) يڪسان پاسن وارن ٽڪنڊن جون ڪندون پڻ يڪسان هونديون.

.4 صحيح جواب جي چونڊ ڪريو.

(i) سوڙهي ڪند ٽڪنڊي ۾ ________ سوڙهيون ڪندون آهن.

(a) هڪ (b) ٻہ (c) ٽي (d) ڪا بہ نہ

(ii) ليڪ ٽڪر تي هڪ ٽبڪو جيڪو ان جي ٻنهي چيڙن کان هڪ جيتري مفاصلي تي آهي اهو ان جو ________ آهي.

(a) عمودي اڌ ڪنڊز (b) عمودي

(c) مرڪز (d) وچ وارو ٽبڪو

(iii) ڪنهن سوڙهي ڪند ٽڪنڊي جي پاسن جو ________ ٽڪنڊي جي اندر هڪ ٻئي کي ڪپيندو.

(a) عمود (b) عمودي اڌ ڪنڊز

(c) ويڪري (d) سوڙهي

(iv) ٽڪنڊي جي ڪندن جا اڌ ڪنڊز آهن ________.

(a) هم ٽبڪيتي (b) همورا

(c) ڪو نہ ڪپيندا (d) اڻ برابر

خلاصو

- ليڪ ٽڪر جو اڌواڌ ڪندڙ، ليڪ ٽڪر کي ٻن برابر حصن ۾ تقسيم ڪندو آهي.
- عمودي اڌ ڪندڙ ليڪ ٽڪر کي 90 تي ٻن برابر حصن ۾ ڪپين ٿا.
- ڪنهن ليڪ جي عمودي اڌ ڪندڙ تي موجود ٽپڪو، انهيءَ ليڪ ٽڪر جي ٻنهي چيڙن کان هڪ جيتري مفاصلي تي هوندو آهي.
- ليڪ ٽڪر تي ڪو به ٽپڪو جيڪو ان جي ٻنهي چيڙن کان هڪ جيتري مفاصلي تي آهي، اهو ان جو عمودي اڌ ڪندڙ تي هوندو .
- ٽڪنڊي جي پاسن جا عمودي اڌ ڪندڙ هم ٽپڪن تي ملن ٿا.
- ڪنهن به ڪنڊ کي اڌ و اڌ ڪندڙ ليڪ تي موجود ٽپڪو انهيءَ ڪنڊ جي ٻانهن تي هڪ جيتري مفاصلي تي آهي.
- ڪنهن به ڪنڊ ۾ موجود اندريون ٽپڪو، ان جي ٻانهن کي هڪ جيتري مفاصلي تي هجي ته اهو ان جو اڌ ڪندڙ تي آهي.
- ٽڪنڊي جي ڪندن کي اڌ ڪندڙ ساڳي ٽپڪي مان گذرندا آهن.

يونٽ 12

ٽڪنڊن جا پاساءِ ڪنڊون

SIDES AND ANGLES OF A TRAINGLE

شاگردن جي سکيا جا حاصلات (SLOs)

هن يونٽ جي مطالعي کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا ته:

- جيڪڏهن ڪنهن ٽڪنڊي جا ٻه پاسا ڊيگهه ۾ برابر نہ هجن تہ وڏيڪ پاسي جي سامهون واري ڪنڊ جو مقدار وڏيڪ هوندو.
- جيڪڏهن ڪنهن ٽڪنڊي جون ٻه ڪنڊون ماپ ۾ برابر نہ هجن تہ وڏي ڪنڊ جي سا مهون وارو پاسو، ننڍي ڪنڊ جي سامهون واري پاسي کان وڏو ٿيندو.
- ٽڪنڊي جي ڪن بہ ٻن پاسن جي ڊيگهه جي ماپ،جوجور ٽئين پاسي جي ڊيگهه کان وڏيڪ هوندو آهي.
- ڪنهن ٽڪپي جو گهٽ ۾ گهٽ فاصلو ڪنهن ليڪ کان عمود هوندو آهي.

تعارف:

هن يونٽ ۾ اسان ٽڪنڊي جي پاسن ۽ ڪندن سان تعلق رکندڙ سڌيان، انهن جا شامل نتيجن بابت پڙهندا سين ۽ انهن سان تعلق رکندڙ حساب پڻ حل ڪنداسين.

12.1 ٽڪنڊي جا پاسا ۽ ڪندون

سڌيان 12.1.1

ثابت ڪريو ته:

جيڪڏهن ڪنهن ٽڪنڊي جا ٻه پاسا ڊيگهه ۾ برابر نه هجن، ته وڏيڪ ڊيگهه واري پاسي جي سامهون واري ڪند جو مقدار وڏيڪ هوندو.



مليل: ΔABC ۾ $m\overline{BC} > m\overline{AC}$

گهربل: $m\angle A > m\angle B$

جوڙ جڪ: $\overline{BC}$ کي ٽپڪي D تي اهڙي طرح ڪٽيو جو $\overline{AC} \cong \overline{CD}$ ڪٽيو ۽ ٽپڪي A کي D سان ملايو.

ثابتي:

بيان	سبب / دليل
(i) ΔACD ۾ $\overline{AC} \cong \overline{CD}$	(i) جوڙجڪ
(ii) $\therefore m\angle CAD = m\angle CDA$	(ii) يڪسان پاسا.
(iii) پر $\angle CDA$ ٽڪنڊي ABD جي ٻاهرين ڪند آهي	(iii) ٻاهرين ڪندن جي وصف مطابق
(iv) $\therefore m\angle CDA > m\angle B$	(iv) ٻاهرين ڪند ٽڪنڊي جي اڻ پرواري ڪندن ڪان وڏي ٿيندي آهي.
(v) پر $m\angle A > m\angle CAD$	(v) $\therefore m\angle A = m\angle CAD + m\angle DAB$
(vi) $m\angle A > m\angle CDA$	(vi) $m\angle CDA = m\angle CAD$
(vii) $\therefore m\angle A > m\angle B$	(vii) مٿيان (iv) ۽ (vi) ۾ نا برابري واري متعدي خاصيت

Q.E.D

هينيان مثال متئين سڌيان کي سمجهڻ ۾ مدد ڪندا.

ثابت ڪريو   تہ اٽپور پاسي تڪندي ۾ وڏي پاسي واري سامهون ڪند جي ماپ 60° کان وڌيڪ ٿيندي



مليل: تڪندو ABC ۾ $m\overline{AC} > m\overline{AB}$ ۽ $m\overline{AC} > m\overline{BC}$.:

گهربل $m\angle B > 60^0$

ثابتي:

بيان	سبب / دليل
تڪندي ABC ۾	
اسان کي $m\angle B > m\angle C$	مليل $m\overline{AC} > m\overline{BC}$, $m\overline{AC} > m\overline{AB}$
۽ $m\angle B > m\angle A$	تڪندي ABC جون ڪندون $\angle A, \angle B$ ۽ $\angle C$ آهن
پَر $m\angle A + m\angle B + m\angle C = 180^0$	
∴ $m\angle B + m\angle B + m\angle B > 180^0$	$m\angle B > m\angle C$ and $m\angle B > m\angle A$ جوڙ ڪرڻ سان
$3\,m\angle B > 180^0$	3 سان ونڊ ڪرڻ سان
= $m\angle B > \frac{180^0}{3}$	
تہ پوءِ $m\angle B > 60^0$	

Q.E.D

ستديان 12.1.2

ثابت ڪريو تہ جيڪڏهن ٽڪنڊي جون ٻہ ڪندون ماپ ۾ برابر نہ هجن تہ وڏي ڪند جي سامهون وارو پاسو، ننڍي ڪند جي سامهون واري پاسي کان وڏو ٿيندو.



مليل: ٽڪنڊي ABC ۾ $m\angle B > m\angle C$

گهربل: $m\overline{AC} > m\overline{AB}$

جوڙجڪ: $\angle ABM$ کي $\angle C$ جي يڪسان ڪري ناهيو $\angle MBC$,

جواڙ ڪنڊ $\overline{BN}$, ناهو تہ جيئن $m\angle 1 = m\angle 2$

ثابتي:

بيان	سبب / دليل
$\angle ANB$ ٻاهرين ڪند آهي ΔCBN ∴ تہ پوءِ	ٻاهرين ڪند جي وصف مطابق $\angle ANB$ ٻاهريت ڪندا آهي
$m\angle ANB = m\angle C + m\angle 2$	
$= m\angle C + m\angle 1$	$\therefore m\angle 2 = m\angle 1$ جوڙجڪ
$= m\angle ABM + m\angle 1$	$\therefore m\angle C = m\angle ABM$ جوڙجڪ
$= m\angle ABN$	ڪندن کي جوڙ جو موضوع
$\therefore \overline{AB} \cong \overline{AN}$	$\therefore m\angle ANB = m\angle ABN$ متي ثابت ٿيل
$\therefore m\overline{AC} > m\overline{AB}$	$\therefore m\overline{AC} > m\overline{AN}$

Q.E.D

شامل نتيجا:

(1) گوني ڪند ٽڪنڊي جو هيُٺا ٽينيوز باقي ٻين هر هڪ پاسن کان وڏو هوندو آهي.

(2) ويڪري ڪند ٽڪنڊي ۾، ويڪري ڪند جي سامهون وارو پاسو ٻين پاسن مان هر هڪ کان وڏو هوندو آهي.

سديان 12.1.3

تڪندي جي ڪن بہ ٻن پاسن جي ڊيگهہ جي ماپ جوجوڙاتئين پاسي جي ڊيگهہ کان وڌيڪ هوندي آهي.



مليل: تڪندو ABC

گهربل:

i) $m\overline{AB}+m\overline{AC}>m\overline{BC}$

ii) $m\overline{AB}+m\overline{BC}>m\overline{CA}$

iii) $m\overline{AC}+m\overline{BC}>m\overline{AB}$

جوڙجڪ: BA کي D تائين اهڙي طرح وڌايو جو

$\overline{AC}\cong\overline{AD}$ ۽ $\overline{DC}$ ناهيو

ثابتي:

بيان	سبب / دليل
تڪندي ADC ۾ $\overline{AD}\cong\overline{AC}$	جوڙجڪ
$\therefore m\angle1=m\angle2$	يڪسان پاسن جي سامهون واريون ڪندو
پر $m\angle BCD>m\angle1$	$m\angle BCD=m\angle BCA+m\angle1$
$\therefore m\angle BCD>m\angle2$	نا برابري واري متعدي خاصيت
تنهنڪري ΔBDC ۾ $m\overline{BD}>m\overline{BC}$	وڏي ڪند جي سامهون وارو پاسو وڏو ٿيندو
پر $m\overline{BD}=m\overline{AB}+m\overline{AD}$	جوڙجڪ مطابق =
$=m\overline{AB}+m\overline{AC}$	$m\overline{AD}=m\overline{AC}$
$\therefore m\overline{AB}=m\overline{AC}>m\overline{BC}$	$\overline{BD}$ جي قيمت رکڻ سان
ساڳي طرح اسان ثابت ڪري سگهان ٿا تہ	
$m\overline{AB}+m\overline{BC}>m\overline{AC}$	متئين طريقي ڪار مطابق
۽ $m\overline{BC}+m\overline{AC}>m\overline{AB}$	

Q.E.D

هيٺيان مثال متي ڏنل سديان کي سمجهڻ ۾ مدد ڪندو.

مثال 1: هيٺين مان، ڪهڙا ڊيگهن جا ڏنل سيٽ تڪندو ناهيندا:

(i) 3 س. م، 4 س. م ۽ 5 س. م　　(ii) 4س. م، 5 س. م ۽ 4.5 س. م

(iii) 60 م. م، 80 م. م ۽ 10 س. م　　(iv) 3 س. م، 4 س. م ۽ 10 س. م

حل: (i) 3 س. م ، 4 س.م ۽ 5 س.م

جيئن تہ $3 + 4 > 5$, $3 + 5 > 4$ ۽ $4 + 5 > 3$ تہ پوءِ

ان پاسن جو جوڙ ٽي پاسي جي جوڙ کان وڏيڪ آهي.

ڏنل ڊيگهہ جو سيٽ هڪ ٽڪنڊو ناهيندو

(ii) 4 س.م ، 5 س.م ۽ 4.5 س.م

جيئن تہ $4 + 5 > 4.5$, $5 + 4.5 > 4$ ۽ $4.5 + 3 > 4$ تہ پوءِ

ڏنل ڊيگهہ جو سيٽ هڪ ٽڪنڊو ناهيندو.

(iii) 60 م.م، 80 م.م ۽ 10 س.م

جيئن تہ 10 =1 س.م تنهنڪري 60 م م= 6 س.م ۽ 80 م م = 8 س.م

هاڻ $6 + 8 > 10$, $6 + 10 > 8$ ۽ $8 + 10 > 6$ تہ پوءِ

ڏنل ڊيگهہ جو سيٽ هڪ ٽڪنڊو ناهيندو.

مثال 2: متين سڌيان کي ذهن ۾ رکي فيصلو ڪريو تہ ڪهڙا ڊيگهن جا سيٽ ٽڪنڊو ناهيندا.

(i) 2 س. م ، 4 س.م ۽ 7 س.م (ii) 5.5 س.م ، 5 س.م ۽ 9.5 س.م

حل: (i) 2 س. م ، 4 س.م ۽ 7 س.م

جيئن تہ $2 + 4 < 7$, $2 + 7 > 4$ ۽ $4 + 7 > 2$

هن قسم جي ڊيگهہ جو سيٽ ٽڪنڊو تتو ناهي سگهي.

(ii) 5.5 س.م ، 5 س.م ۽ 9.5 س.م

جيئن تہ $5.5 + 5 > 9.5$, $5.5 + 9.5 > 5$ ۽ $5 + 5.5 > 9.5$ تہ پوءِ

ڏنل ڊيگهہ وارو سيٽ ٽڪنڊو ناهي سگهي تو

سرگرمي

جيڪڏهن $a = 3$ cm

$b = 4$ cm

$c = 5$ cm

تہ پوءِ ΔABC ناهي سگهبو يا نہ

سڌيان 12.1.4 ڪنهن ٽپڪي کان جيڪو ليڪ کان ٻاهر هجي، ليڪ تائين عمود سڀ کان گهٽ مفاصلو ٿيندو.



مليل: ٽپڪي C کان $\overline{CD}$ ، ليڪ AB تي هڪ عمود ڪڍيو ويو آهي. جيڪو D ٽپڪي تي ملي ٿو. ۽ $\overline{CE}$ هڪ ٻيو ليڪ ٽڪر $\overline{AB}$ کي ٽپڪي E تي ملي ٿو

گهربل: $m\overline{CD} < m\overline{CE}$

ثابتي:

بيان	سبب / دليل
$\angle 1$, ΔCDE جي ٻاهرين ڪنڊ آهي	ٻاهرين ڪنڊ جي وصف مطابق.
$\therefore m\angle 1 > m\angle 3$	ٽڪنڊي جي ٻاهرين ڪنڊ، سامهون واري اندرين ڪنڊ کان وڏي هوندي آهي.
$\therefore m\angle 2 > m\angle 3$	$m\angle 1 = m\angle 2$ (هرهڪ گوني ڪند آهي)
$\therefore m\overline{CE} > m\overline{CD}$	وڏي ڪند جي سامهون وارو پاسو وڏو ٿيندو آهي.
ساڳي طرح اهو ثابت ڪري سگهجي ٿو ته $m\overline{CD}$ جي ڊيگهه ننڍي ٿيندي ڪنهن به ٻي ليڪ ٽڪر کان، جيڪو C کان $\overleftrightarrow{AB}$ تائين ڪڍيو ويندو.	مٿين طريقي ڪار سان

Q.E.D

شامل نتيجو:

1. ڪنهن ليڪ تي ٽپڪي ۽ ليڪ وچ ۾ مفاصلو ٻڙي آهي.

مشق 12.1

.1 ٽڪنڊي ABC جو اندريون ٽپڪو O آهي.

ثابت ڪريو ته $m\overline{OA}+m\overline{OB}+m\overline{OC}>\frac{1}{2}(m\overline{AB}+m\overline{BC}+m\overline{CA})$

.2 ٽڪنڊي ABC ۾ $m<B=70^0$ ۽ $m<C=45^0$ آهي. ٽڪنڊي جو ڪهڙو پاسو وڏي ۾ وڏو ٿيندو؟

.3 ٽڪنڊي ABC ۾ $m<A=58^0$ ۽ $m<B=65^0$ ٽڪنڊي جو ڪهڙو پاسو ننڍي ۾ ننڍو ٿيندو.

ورجايل مشق 12

.1 صحيح ۽ غلط بيانن تي (✓) ٽڪ ڪريو.

(i) ٽڪنڊي جي ٻن پاسن جو جوڙ ٽي پاسي کان وڏو ٿيندو آهي. T/F

(ii) ٽڪنڊي جي ٻن پاسن جي ڪٽ، ٽي پاسي کان وڌيڪ ٿيندي آهي. T/F

(iii) عمودي مفاصلو ڪنهن ٽپڪي کان ليڪ تائين ننڍي ۾ ننڍو فاصلو آهي. T/F

(iv) گوني ڪند ٽڪنڊي جي وڏي ۾ وڏي ڪند 100^o جي آهي. T/F

(v) ڪنهن ليڪ تي عمود هميشه 90^o جي ڪند ناهيندو. T/F

.2 خال پري جملن کي درست ڪريو.

(i) ڪنهن گوني ڪند ٽڪنڊي جي ________ وڏو پاسو آهي.

(ii) ڪنهن ڪند ٽڪنڊي ۾ گوني ڪند واري پاسن جو جوڙ ______ آهي. هئپا ٽينيوز جي ماپ کان.

(iii) ٽڪنڊي ABC ۾ $m\angle A = 50^o$ ۽ $m\angle B = 30^o$ ته __________ پاسو وڏو ٿيندو باقي جيٻين پاسن کان.

(iv) چوڪندي جي اريب جي ڊيگهه ________ آهي. ان جي پرواري پاسن جي جوڙ کان.

.3 صحيح جواب تي (✓) ڪريو.

(i) ٽيور پاسي ٽڪنڊي جي هڪ پاسي جي ماپ 6 س م آهي ته پوءِ ان جي مٽيان جي ماپ _____ ٿيندي 9 س م کان:

(a) گهٽ (b) وڌيڪ (c) برابر (d) ڪو به نه

(ii) مستطيل جي گهيري جي ماپ 22 س م آهي ته ان جي اريب جي ڊيگهه _______ ٿيندي 11 س م کان.

(a) برابر (b) وڌيڪ (c) گهٽ (d) ڪو به نه

اختصار Summary

- جيڪڏهن ڪنهن ٽڪنڊي جا ٻه پاسا ڊيگهه ۾ برابر نه هجن ته وڌيڪ پاسي جي سامهون واري ڪنڊ جو مقدار وڌيڪ هوندو.
- جيڪڏهن ڪنهن ٽڪنڊي جون ٻه ڪنڊون ماپ ۾ برابر نه هجن ته وڏي ڪنڊ جي سامهون واروپاسو، ننڍي ڪنڊ جي سامهون واري پاسي کان وڏو ٿيندو.
- ٽڪنڊي جي ڪنڊ ٻن پاسن جي ڊيگهه جي ماپ ٽئين پاسي جي ڊيگهه کان وڌيڪ هوندي آهي.
- ڪنهن ٽٻڪي کي جيڪو ليڪ کان ٻاهر هجي، ليڪ تائين عمود جو سڀ کان گهٽ مفاصلو ٿيندو.

يونٽ 13

عملي جاميٽري (ٽڪنڊن) جي

شاگردن جي سکيا جا حاصلات (SLOs)

هن يونٽ جي مطالعي کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا تہ:

- ٽڪنڊو ٺاهيندا جن ۾ مليل هجن
  - ٻہ پاسا ۽ وچ واري ڪنڊ
  - هڪ پاسو ۽ ٻہ ڪنڊون
  - ٻہ پاسا ۽ ڪنڊ، ڪنهن ٻہ هڪ پاسي جي سامهون واري (سيني، تنهي ممڪن ماپن سان)ٺاهيو:
  - ڪنڊ جو اڌ ڪندڙ
  - عمود
  - عمودي اڌ ڪندڙ
  - ٽڪنڊي جا مڌيان ۽ انهن جي ساڳئي نقطي تي ملڻ جي چڪاس
- ڏنل چوڪندي جي ايراضي جي برابر ٽڪنڊو ٺاهيو
- مليل ٽڪنڊي جي ايراضي جي برابر مستطيل ٺاهيو
- مليل مستطيل جي ايراضي جي برابر چورس ٺاهيو
- مساوي ايراضي جو ٽڪنڊو ڏنل ڊيگھ واري بنياد تي ٺاهيو

13.1 ٽڪنڊي جي بناوت

13.1.1هڪ ٽڪنڊو ڏاهيو جنهن ۾ مليل هجي

- ٻه پاسا ۽ وچ واري ڪنڊ
- هڪ پاسو ۽ ٻه ڪنڊون
- ٻه پاسا ۽ ڪنهن ٻه هڪ پاسي جي سامهون واري ڪنڊ. سيني ممڪن (ٽنهي) صورتن سان

جڏهن ٻه پاسا ۽ وچ واري ڪند مليل هجن.

مثال ٽڪنڊو ABC ڏاهيو جنهن ۾

$m\overline{AB}=4.8$ س م، $m\overline{AC}=3.2$ ۽ $m\angle B=75^\circ$

جوڙجڪ:

(i) 4.8 سينٽي ميٽر ڊگهو ليڪ ٽڪر $\overline{AB}$ کڍيو

(ii) ٽبڪي A کي چوٽي طور وٺي 75° ماپ واري ڪند XAB ڏاهيو.

(iii) $\overline{AX}$ مان 3.2 سينٽي ميٽر ڊگهو ليڪ ٽڪر $\overline{AC}$ کڍيو.

(iv) $\overline{BC}$ ڏاهيو.

گهربل ٽڪنڊو ΔABC ٺهي پيو.



. جڏهن هڪ پاسو ۽ ٻه ڪندون مليل هجن

مثال 01 ٽڪنڊو ΔABC ڏاهيو جنهن ۾

$m\overline{AB}=5.5$ س م، $m\angle A=75^\circ$ ۽ $m\angle B=40^\circ$

جوڙجڪ:

(i) 5.5 س م ڊگهو ليڪ ٽڪر کڍيو

(ii) ٽبڪي A کي چوٽي طور وٺي 75°ماپ واري ڪند XAB ڏاهيو

(iii) ٽبڪي B کي چوٽي وٺي 40° ماپ جي ڪند YBA اهڙي طرح ڏاهيو جو $\overline{BY}$ ۽ $\overline{AX}$ کي ٽبڪي C تي ڪاٽي اهڙي طرح کپين ABC گهربل ٽڪندو آهي.



مثال 02 تڪندو ABC ناهيو جنهن ۾

$m\overline{BC} = 5.8$ س م ۽ $m\angle B = 40^\circ$ ، $m\angle A = 65^\circ$



جوڙجڪ: اسان کي خبر آهي تہ ٽڪنڊي ABC ۾

$m\angle A + m\angle B + m\angle B = 180^\circ$

هتي $m\angle A = 65^\circ$ and $m\angle B = 40^\circ$ تہ پوءِ

$$
\begin{aligned}
m\angle C &= 180^\circ - (m\angle A + m\angle B) \\
&= 180^\circ - (65^\circ + 40^\circ) \\
&= 180^\circ - 105^\circ \\
&= 75^\circ
\end{aligned}
$$

هاڻ اسان اهڙو ٽڪندو ناهينداسين جنهن ۾

$m\overline{BC} = 5.8$ س م , $m\angle B = 40^\circ$ ۽ $m\angle C = 75^\circ$ آهي.

(i) 5.8 س م ڊگهو ليڪ ٽڪر $\overline{BC}$ ڪيو

(ii) ٽپڪي B کي چوٽي طور وٺي 40° ماپ واري ڪنڊ XBC ناهيو.

(iii) ٽپڪي C کي چوٽي طور وٺي ڪنڊ $m\angle YCB = 75^\circ$ ناهيو.

(iv) $\overline{BX}$ ۽ $\overline{CY}$ شعاع هڪبئي کي A وٽ ڪپين ٿا. اهڙي ريت ABC گهربل ٽڪندو آهي.

بہ پاسا ۽ ڪنهن بہ هڪ پاسي جي سامهون واري ڪنڊ (سيني ٿنهي صورتن ۾)

صورت I:

مثال 01 ٽڪندو ABC ناهيو جنهن ۾

$m\overline{BC} = 3.7$ س م $m\overline{AB} = 5.3$ س م , $m\angle A = 40^\circ$ ۽

جوڙجڪ:



(i) 5.3 س م ڊگهو ليڪ ٽڪر $\overline{AB}$ ڪيو

(ii) ٽپڪي A کي چوٽي طور وٺي $\angle BAX$ ناهيو جنهن جي ماپ 40° هجي.

(iii) ٽپڪي B کي مرڪز وٺي 3.7 س م جيترو هڪ قوس ڪيو. جيڪو $\overline{AX}$ کي C ۽ C′ ٽپڪن تي ڪٽي.

(iv) $\overline{BC}$ ۽ $\overline{BC'}$ ناهيو.

بہ ٽڪندا ABC′ ۽ ABC گهربل ٽڪند آهن.

صورت II:

مثال 02 تڪندو DEF ناهيو جنهن ۾

س م $m\overline{DE} = 5.6$ س م $m\overline{DF} = 2.5$, ۽ $m\angle E = 30°$

جوڙجڪ:



(i) 5.6 س م ڊگهو ليڪ ٽڪر $\overline{DE}$ ناهيو.

(ii) 30° ماپ واري ڪنڊ DEX ڪيو.

(iii) ٽپڪي D کي چوٽي طور وٺي 2.5 س.م رداس جيترو قوس ڪيو. جيڪو $\overline{EX}$ کي ڪنهن به ٽپڪي تي نه ٽوڪيپي. هن صورت ۾ ڏنل ماپن وارو ڪوبه ٽڪندو نه ٿو ناهي سگهجي

صورت III:

مثال 03 تڪندو PQR ناهيو جنهن ۾

$m\angle P = 55°$، ۽ $m\overline{PR} = m\overline{QR} = 4.7$ س.م

جوڙجڪ:



(i) 4.7 س.م ڊگهو ليڪ ٽڪر $\overline{PR}$ ناهيو.

(ii) 55° ماپ واري ڪنڊ XPR ناهيو.

(iii) ٽپڪي R کي چوٽي طور وٺي 4.7 س.م رداس جيترو هڪ قوس ڪيو، جيڪو $\overline{PX}$ کي ٽپڪي Q وٽ ڪٽي

(iv) ٽپڪن Q ۽ R کي ملايو.

ΔPQR گهربل ٽڪندو آهي.

نوٽ: مٿيون صورتون I ، II ۽ III مبهم صورتون آهن

مشق 13.1

1. تڪندو .PQR ناهيو جنهن ۾ $m\angle Q = 35°$ ۽ س.م $m\overline{PQ} = m\overline{QR} = 4.6$
2. تڪندو ABC ناهيو جنهن ۾ $m\angle A = 65°$ ۽ س.م $m\overline{AB} = m\overline{AC} = 5.1$
3. تڪندو LMN ناهيو جنهن ۾ $\angle M = 50°$ ۽ س.م $m\overline{MN} = 2.5$ س.م $m\overline{LM} = 3.7$
4. تڪندو ABC ناهيو جنهن ۾ $\angle B = 110°$ ۽ س.م $m\overline{BC} = 2.7$ س.م $m\overline{AB} = 3.5$
5. تڪندو XYZ ناهيو جنهن ۾ $\angle Z = 80°$ ۽ س.م $m\overline{YZ} = 5$ س.م $m\overline{XY} = 4.1$

6. هيٺيان ٽڪنڊا ΔABC ۽ ΔDEF, ΔLMN ناهيو.

(i) $m\overline{DE} = 5$ س م , $m\angle D = 45°$ and , $m\angle E = 60°$

(ii) $m\overline{LM} = 6$ س م , $m\angle L = 75°$ and , $m\angle M = 45°$

$m\overline{BC} = 5.8$ س م , $m\angle A = 30°$ and , $m\angle B = 45°$

7. ٽڪنڊو ABC ناهيو جڏهن ان جي ٻن پاسن جي ماپ ۽ هڪ پاسي جي سامهون واري ڪند جي ماپ مليل هجي.

(i) $m\overline{AC} = 4.5$ س م $m\overline{BC} = 4.1$ س م and $m\angle B = 75°$

(ii) $m\overline{BC} = 5$ س م, $m\overline{AB} = 5.5$ س م and $m\angle C = 70°$

(iii) $mAB = 5$ س م, $m\overline{BC} = 5.5$ س م and $m\angle A = 45°$

13.1.2: ناهيو

- ڪند جا اڌ ڪندڙ
- عمود
- عمودي اڌ ڪندڙ
- مڊيان

(i) ڏنل ٽڪنڊي جي ڪند جا اڌ ڪندڙ ناهيو.

مثال ٽڪنڊي ΔABC جي ڪندن جا اڌڪندڙ ڪيو.



مليل: ABC هڪ ٽڪنڊو آهي ۽ ∠A, ∠B , ∠C ان جون ڪندون آهن.

گهربل: ∠A, ∠B ۽ ∠C جا اڌ ڪندڙ ڪيڻ.

جوڙجڪ:

(i) ٽڪنڊو ABC ناهيو.

(ii) ٽپڪي B کي مرڪز وٺي مناسب رداس وارو قوس ڪيو، جيڪو $\overline{BC}$ ۽ $\overline{BA}$ کي ٽپڪن L ۽ M تي ڪپي.

(iii) ٽپڪي L کي مرڪز وٺي مناسب رداس جو قوس ڪيو.

(iv) هان ٽپڪي M کي مرڪز وٺي مناسب رداس جو قوس ڪيو جيڪو قوس کي P ٽپڪي تي ڪپي.

(v) P ۽ B کي ملائي $\overline{BP}$ ناهيو.

(vi) قدم (ii) کان (v) تائين ورجائي، $\overline{AR}$ ۽ $\overline{CQ}$ ناهيو جيڪي ترتيبوار ∠A ۽ ∠C جا اڌ ڪندڙ آهن.

(ii) ڏنل ٽڪنڊي جا عمودي ڳاهيو.

مثال ڪوبہ ٽڪنڊو ABC ونو ۽ ان جا عمود ڳاهيو.

مليل: ٽڪنڊو ABC

گهربل: ٽڪنڊي ABC جا عمود ڪيڻ

جوڙجڪ:



(i) ٽڪنڊو ABC ڪيو.

(ii) ٽپڪي A کي مرڪز وٺي مناسب رداس سان قوس ڪيو. جيڪو $\overline{BC}$ کي ٽپڪن D ۽ E وٽ ڪپي.

(iii) ٽپڪي D کي مرڪز وٺي $\overline{DE}$ جي ماپ جي اڌ کان وڌيڪ جيتري رداس جو قوس ڪيو.

(iv) وري ٽپڪيE کي مرڪز وٺي $\overline{BC}$ جي ٻاهرين پاسي رداس سان هڪ ٻيو قوس ڪيو جيڪو پهرين قوس کي ٽپڪي F تي ڪپي.

(v) ٽپڪن A ۽ F کي ملايو. اهڙي طرح $\overline{AF}$ ۽ $\overline{BC}$ کي ٽپڪ P وٽ ڪپي تہ $\overline{AP}$ ٽڪنڊي ABC جي چوٽي A کان هڪ عمود ٿيي پيو.

(vi) ساڳي طرح قدم (ii) کان (v) دهرايو $\overline{BQ}$ ۽ $\overline{CR}$, ڳاهيو جيڪي چوٽين B ۽ C کان ٽڪنڊي ABC جي رهيل پاسن تي عمود آهن.

(iii) ڏنل ٽڪنڊي جي عمود جا اڌ ڪنڊڙ ڳاهيو.

مثال ٽڪنڊي ABC جا عمودي اڌ ڪنڊڙ ڪيو.

مليل: هڪ ٽڪنڊو ABC

گهربل: ٽڪنڊي جي پاسن $\overline{BC}$,$\overline{AB}$ ۽ $\overline{CA}$ جا عمودي اڌ ڪنڊڙ ڪيڻ.



جوڙجڪ: (i) ٽڪنڊو ABC ڳاهيو

(ii) پاسي $\overline{AB}$ جو عمودي اڌ ڪنڊڙ ڪيڻ لاءِ ٽپڪي B کي مرڪز وٺي $\overline{AB}$ جي ماپ جي اڌ کان وڌي رداس سان $\overline{AB}$ جي ٻنهي طرفن ڏانهن قوس ڪيو.

(iii) هاڻ ٽپڪي A کي مرڪز وٺي ساڳي رداس سان $\overline{AB}$ جي ٻنهي طرفن ڏانهن قوس ڪيو، جيڪي اڳ ۾ ڪڍيل قوسن کي ٽپڪن P ۽ Q تي ڪٽين ٿا.

(iv) P ۽ Q کي ملايو. $\overline{PQ}$ جيڪو $\overline{AB}$ جو عمودي اڌ ڪندڙ آهي.

(v) قدم (ii) کان (iv) کي $\overline{BC}$ ۽ $\overline{AC}$ لاءِ ورجايو ته $\overline{ST}$ ۽ $\overline{LM}$, ٻہ ٽڪرا ملندا جيڪي $\overline{BC}$ ۽ $\overline{AC}$, جا ترتيبوار عمودي اڌ ڪندڙ آهن.
اهڙي طرح $\overline{PQ}, \overline{ST}$ ۽ $\overline{LM}$ گهربل عمودي اڌ ڪندڙ آهن.

(iv) ٽڪنڊي جا مڌيان ڪيو.

مثال



مثال ڪو بہ ٽڪنڊو وٺي، ان ٽڪنڊي جا مڌيان ٺاهيو.

مليل: ٽڪنڊو ABC

گهربل: ٽڪنڊي ABC جا مڌيان ڪڍڻ.

جوڙجڪ:

(i) ٽڪنڊو ABC ٺاهيو.

(ii) پاسن $\overline{AB}, \overline{BC}$ ۽ $\overline{AC}$ جا وچيان ٽپڪا D,E ۽ F تي ترتيبوار لکو.

(iii) A کي E سان، B کي F سان ۽ C کي D سان ملايو.
تہ جيئن $\overline{AE}, \overline{BF}$ ۽ $\overline{CD}$ مليل ٽڪنڊي ABCجا مڌيان آهن جيڪي هڪ ٻئي کي ٽپڪي G تي ڪپين ٿا.
اهو معلوم ٿيو تہ هر ٽڪنڊي جا مڌيان ساڳي ٽپڪي تي ملن ٿا ۽ انهن جي ملاپ جي ٽپڪي کي (Centroid) چئبو آهي. يعني هر مڌيان 2:1 ۾ ورهائجي وڃي ٿو. اصل ماپ سان اهو ثابت ڪري سگهجي ٿو تہ

$$\frac{m\overline{AG}}{m\overline{GE}} = \frac{m\overline{BG}}{m\overline{GF}} = \frac{m\overline{CG}}{m\overline{GD}} = \frac{2}{1}$$

مشق 13.2

1. هڪ ٽڪنڊو ڪڍو ۽ ان جا مڌيان ناهيو. ثابت ڪريو تہ اهي ساڳي ٽبڪي تي ملن ٿا.
2. هڪ ٽڪنڊو ڪڍو ۽ ان جا عمود ناهيو. ثابت ڪريو تہ اهي ساڳي ٽبڪي تي ملن ٿا.
3. هڪ ٽڪنڊو ڪڍو ۽ ان جا اندرين ڪندن جا اڌڪندڙ ناهيو ۽ ثابت ڪريو تہ اهي ساڳي ٽبڪي تي ملن ٿا.
4. ٽڪنڊو ABC ناهيو جنهن ۾ $m\overline{BC}=6$ س.م، $m\overline{CA}=4$ س.م، $m\overline{AB}=5$ س م ان جي ڪندن A ۽ B جا اڌڪندڙ ناهيو.
5. ٽڪنڊو PQR ناهيو جنهن ۾ $m\overline{PQ}=5.7$ س.م $m\overline{QR}=6.4$ س.م ۽ $m\overline{PR}=4.4$ س.م آهي، ان جي چوٽي R ۽ Q کان عمود ناهيو.
6. ٽڪنڊو $m\overline{TU}=7$ ناهيو جنهن ۾ $\angle U=30°$ $\angle T=60°$ ۽ ABC تہ ٽڪنڊي جي پاسن جا عمودي اڌ ڪندڙ ناهيو ۽ ثابت ڪريو تہ اهي ساڳي ٽبڪي تي ملن ٿا.
7. گوني ڪند ٽڪنڊو $\angle B = 45°$ ناهيو، جنهن ۾ $\angle C = 90°$ س م $m\overline{CB}=5$ ۽ ان جا مڌيان ناهيو.
8. ٽڪنڊو ΔXYZ ناهيو، ان جا ٽيئي مڌيان ناهي ثابت ڪريو تہ اهي هم ٽبڪا آهن.
   (i) $m\overline{YZ}=4.4$ س م , $m\angle Y = 45°$ and $m\angle Z = 75°$
   (ii) $m\overline{XY}=4.6$ س م , $m\ m\overline{XZ} = 4.6$ س م and $m\angle Y = 60°$
9. ٽڪنڊو ΔKLM ناهيو، جنهن ۾ $\overline{KL}=4.8$ س م، $\overline{LM}=5.2$ س م ۽ $m\overline{MK}=4.5$ ان جا عمود ناهي انهن جو هم ٽبڪي تي ملڻ جي چڪاس ڪريو.

13.2 برابر ايراضي واريون شڪليون

13.2.1 ٽڪنڊو ناهيو جيڪو ڏنل چوڪنڊي جي ايراضي جي برابر هجي.

مثال: ڏنل چوڪنڊي ABCD ۾ مليل ايراضي جي برابر هڪ ٽڪنڊو ناهيو. اسان کي خبر آهي تہ ساڳي بنياد وارن سيني ٽڪنڊن جي ايراضي برابر هوندي آهي. جن جو چوٽيون عمود کان بنياد تي هونديون آهن.



1. ABCD مليل چوڪندو آهي.
2. A ۽ C کي ملايو.
3. $\overline{AC}$ جي $\overline{DE}$ پوروچوٽ $\overline{DE}$ ناهيو جيڪو $\overline{BC}$ سان ملي. ۽ ان کي E تائين وڌايو.
4. A ۽ E کي ملايو تہ ABE گهربل ٽڪنڊو آهي.

13.2.2 ڏنل ٽڪنڊي ۾ مليل ايراضي جي برابر مستطيل ٺاهيو.



مثال ڏنل ٽڪنڊي ۾ مليل ايراضي جي برابر هڪ مستطيل ٺاهيو.

1. هڪ ٽڪنڊو ABC ٺاهيو.
2. $\overline{BC}$ جو عمودي اڌ ڪندڙ $\overleftrightarrow{PD}$ ٺاهيو.
3. $\overline{BC}$. جي پورروچوت. $\overline{PQ}$ تي، A ڪان هڪ ليڪ ٺاهيو.
4. $m\overline{PQ} = m\overline{DC}$. جي وٺو.
5. ته پوءِ CDPQ گهربل مستطيل آهي.

13.2.3 ڏنل مستطيل ۾ مليل ايراضي جي برابر چورس ٺاهيو.



مثال: مليل مستطيل ABCD ۾ ايراضي جي برابر هڪ چورس ٺاهيو.

جوڙجڪ لاءِ هيٺيان قدم آهن.

1. ABCD هڪ مليل مستطيل آهي.
2. $\overline{AD}$ پاسي کي E تائين وڌايو ته جيئن $m\overline{DE} = m\overline{CD}$ ٿئي
3. $\overline{AE}$ کي M تبڪي تي اڌ ڪريو.
4. M مرڪز وٺي $\overline{AM}$ رداس سان اڌ گول ٺاهيو.
5. $\overline{CD}$ کي وڌايو ته جيئن اهو اڌگول کي F تي ملي.
6. هڪ پاسي $\overline{DF}$ تان هڪ چورس DFQP ٺاهيو جيڪو گهربل چورس هوندو.

13.2.4 مليل ماپ جي بنياد تي مساوي ايراضي جو ٽڪنڊو ٺاهيو.

جوڙجڪ لاءِ هيٺيان قدم آهن



1. ABC مليل ٽڪنڊو آهي.
2. $\overline{AD}$ کي $\overline{BC}$ جي پورو چوٽ ٺاهيو.
3. B مرڪز وٺي x رداس سان هڪ قوس ٺاهيو جيڪو $\overline{AD}$ کي P تي ڪپي.
4. $\overline{BP}$ ۽ $\overline{CP}$ کي پاڻ ۾ ملايو.
5. تہ پوءِ BCP گھربل ٽڪنڊو آهي.

برابر بنياد $BP = x$ جو ٽڪنڊو ۽ مساوي ايراضي ٽڪنڊي جي آهي.

مشق 13.3

1. هڪ مستطيل ٺاهيو جنهن جو پروارا پاسا ترتيبوار 2.5س.م آهن. هڪ چورس ٺاهيو جنهن جي ايراضي ڏنل مستطيل جي برابر آهي.
2. مستطيل جي ايراضي جي برابر چورس ٺاهيو جنهن جا پروارا پاسا ترتيبوار 4.5 س.م ۽ 2.2 س.م آهن، چورس جي پاسن جي ماپ ڪريو ۽ ان جي ايراضي معلوم ڪري مستطيل جي ايراضي سان ڀيٽ ڪريو ۽ چڪاس ڪريو چورس جو گھيرا مستطيل جي گھيري کان ماپ ۾ گھٽ آهي.
3. ٽڪنڊو ٺاهيو، جنهن جو بنياد 4 س.م ۽ ٻيا ٻہ پاسا هر هڪ 3.6 س.م ۽ 3.8 س.م آهن ان کي برابر ايراضي سان مستطيل ۾ تبديل ڪريو.
4. ٽڪنڊو ٺاهيو جنهن جو بنياد، 6 س.م ۽ ٻيا پاسا هر هڪ 5 س.م ۽ 6 س.م آهن ڏنل ٽڪنڊي جي ايراضي برابر هڪ مستطيل ٺاهيو.

ورجايل مشق 13

1. خال پريو.

(i) ٽڪنڊي جو وڏي ڪنڊ جي سامهون وارو پاسو ________ آهي.

(ii) هڪ ليڪ ٽڪر جيڪو ٽڪنڊي جي چوٽي سان ملي ۽ مخالف پاسي تي عمود هجي تہ ان کي ________ چئبو آهي.

(iii) هڪ ليڪ ٽڪر جيڪو ٽڪنڊي جي چوٽي کان ناهي، سامهون واري پاسي جي وچين ٽپڪي سان ملي تہ ان کي ________ چئبو آهي.

(iv) ٽڪنڊي جي پاسن جا عمودي اڌ ڪندڙ آهن ____________

(v) ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ ٽڪنڊن کي يڪسا ن چئبو جيڪڏهن انهن جو ڪنڊون برابر آهن ۽ انهن جي پاسن جون ماپون ________ آهن.

2. صحيح جوا ب (✓) تڪ ڪريو.

(i) ٽڪنڊو جنهن جا ٽيئي پاسا يڪسا ن آهن چئبو آهي ________.

(a) اٽيور (b) گوني ڪند

(c) ٽيور پاسو (d) ٻيور پاسو

(ii) هڪ چوڪنڊو جنهن جي هر هڪند 90° جي برابر هجي ۽ سيئي پاسا يڪسا ن آهن. ان کي چئبو ________

(a) پورو چوٽ (b) مستطيل

(c) ٽريئيزيم (d) چورس

(iii) ٽڪنڊي جا مڌيان ________ آهن.

(a) هم ليڪ (b) يڪسان

(c) هم ٽبڪو (d) پورو چوٽ

(iv) ٽيورپاسي ٽڪنڊي جا ________ عمود پاڻ ۾ يڪسان آهن.

(a) ٻہ (b) ٽي

(c) چار (d) ڪو ٻہ نہ

(v) مستطيل جون اريبون هڪ ٻي سان ________ آهن.

(a) اڌواڌ (b) ٽن حصن ۾ ورهايل

(c) گوني ڪند تي ڪپيل (d) ڪو ٻہ نہ

(vi) ٽڪنڊي جا ______ هڪ ٻئي کي 2:1 جي نسبت ۾ ڪپين ٿا.

(a) عمود (b) ڪنڊن جا اڌ ڪندڙ

(c) عمودي اڌ ڪندڙ (d) مڌيان

(vii) جيڪڏهن ٻيور پاسي ٽڪنڊي جي بنياد جي هر هڪ ڪند 45 آهي تہ ٽي ڪند جي ماپ ______ آهي.

(a) 30° (b) 60°

(c) 90° (d) 120°

(viii) جيڪڏهن ٽڪنڊي جا ٽيئي مڌيان يڪسان آهن تہ ٽڪنڊو ________ آهي.

(a) گوني ڪند (b) ٽيورپاسو

(c) ٻيور پاسو (d) سوڙهي ڪند

(ix) جيڪڏهن ٽڪنڊي جا ٻہ ____ يڪسان آهن تہ اهو ٽڪنڊو ٻيور پاسو ٿيندو.

(a) عمود (b) مڌيان

(c) عمودي اڌ ڪندڙ (d) پاسا

خلاصو

- هن يونٽ ۾ اسان هينئين شڪلين ۾ تعلق رکندڙ تصورن جي جوڙجڪ بابت سکيو آهي.
- ٽڪندو ناهيوويوجنهن جا ٻہ پاسا ۾ وچ واري ڪنڊ مليل هجي.
- ٽڪندو ناهيوويوجنهن جو هڪ پاسو ۾ ٻہ ڪندون مليل هجن.
- ٽڪندو ناهيو ويو جنهن جا ٻہ پاسا ۾ ڪنهن هڪ پاسي جي سامهون واري ڪند مليل آهي.
- ٽڪنڊي جي ڪندن جا اڌ ڪندڙ ناهي انهن جي هم ٽبڪي جي چڪاس ڪرڻ.
- مليل ٽڪنڊي جا عمود ناهي انهن جي هم ٽبڪي جي چڪاس ڪرڻ.
- مليل ٽڪنڊي جا عمودي اڌ ڪندڙ ناهيو، انهن جي هم ٽبڪي جي چڪاس ڪريو.
- ٽڪنڊي جا مڌيان ناهڻ ۾ انهن جي هم ٽبڪي جي چڪاس ڪرڻ.
- ڏنل چوڪندي جي ايراضي برابر ٽڪنڊي ڪي ناهڻ.
- ڏنل ٽڪنڊي جي ايراضي جي برابر مستطيل جي جوڙجڪ ڪرڻ.
- ڏنل مستطيل جي ايراضي جي برابر چورس جي جوڙجڪ ڪرڻ.
- ڏنل ماپ جي بنياد تي مساوي ايراضي جو ٽڪندو ناهڻ.
- ٻہ يا ٽن کان وڌيڪ ليڪون هم ٽبڪي چئبيون، جيڪڏهن اهي مشترڪ ٽبڪي مان گذري ۾ ان ٽبڪي کي هم مرڪز ٽبڪو چئبو آهي.
- ٽڪنڊي جي ڪنهن جو اندريون اڌواڌ ڪندڙ ٽبڪي کي، ٽڪنڊي جو اندريون مرڪز (In centre) چئبو آهي.
- ٽڪنڊي جي پاسن جي عمودي اڌ ڪندڙ جي هم ٽبڪي کي احاطي جو مرڪز (Circum centre) چئبو آهي.
- مڌيان جو مطلب آهي تہ اهڙي ليڪ جيڪي ٽڪنڊي جي چوٽين کي مخالف پاسي جي وچين ٽبڪن سان ملائين.
- ٽڪنڊي جي عمودي مرڪز (Ortho centre) جو مطلب آهي ٽڪنڊي جي ٽن عمودن جو هم ٽبڪو.

یونٽ 14

ايراضي سان تعلق رکندڙ سڌيان
(Theorem Related with Area)

شاگردن جي سکيا جا حاصلات (SLOs)

هن يونٽ جي مطالعي کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا تہ:

- هيٺين سڌيان کي شامل نتيجن سان گڏ سمجهي سگهندا ۽ انهن کي استعمال ڪري لاڳاپيل حساب حل ڪندا.
- ساڳي بنياد ۽ ٻن پورو چوٽ ليڪن جي وچ ۾ لهندڙ پوروچوٽ چوڪندا ايراضي ۾ برابر آهن.
- برابر بنياد ۽ هڪ جهڙي عمود سان لهندڙ پوروچوٽ چوڪندا ايراضي ۾ برابر آهن.
- هڪ جهڙي بنياد ۽ هڪ جهڙي عمود سان لهندڙ ٽڪنڊا ايراضي ۾ برابر آهن.
- برابر بنياد ۽ هڪ جهڙي عمود سان لهندڙ ٽڪنڊا ايراضي ۾ برابر آهن.

تعارف

اسان ايراضي سان تعلق رکندڙ سڌيا پڙهنداسين.

14.1 ايراضي سان تعلق رکندڙ سڌيان

سڌيان 14.1.1

ساڳي بنياد ۽ بن هڪ جهڙين پورو چوٽ ليڪن جي وچ ۾ نهندڙ پورو چوٽ چوڪندا ايراضي ۾ برابر آهن.



مليل: ABCD ۽ ABEF ٻه پورو چوٽ چوڪندا آهن جن جو بنياد $\overline{AB}$ هڪ جهڙو آهي ۽ پورو چوٽ ليڪون $\overline{AB}$ ۽ $\overline{DE}$ ٻه ساڳيون آهن.

گهربل: پورو چوٽ چوڪندا ABCD ۽ ABEF ايراضي ۾ برابر آهن يعني ▰ABCD=▰ABEF

ثابتي:

بيان	دليل
مطابقت ۾ ΔADF↔ΔBCE	
$m\overline{BC} = m\overline{AD}$ … (i)	ABCDجا سامهون پاسا برابر آهن.
$m\angle BCE = m\angle ADF$ … (ii)	ABCDجون نسبتي ڪندون
$\angle E \cong \angle F$ … (iii)	ABEFجون نسبتي ڪندون
	S.A.S≅S.A.S
ΔBCE ≅ΔADE ▲ADF ≅▲BCE	
▲ADF+▰ABED =▲BCE + ▰ABED	يڪسان شڪليون ايراضي ۾ برابر آهن. ساڳي ايراضي بنهي پاسي جوڙ ڪرڻ.
تنهنڪري ▰ABEF = ▰ABCD	▰ABCD = ▰ABED+ ▲BCE ▰ABEF = ▲ADF+▰ABED

Q.E.D.

شامل نتيجو:

(i) پورو چوٽ چوڪندي جي ايراضي مستطيل جي ايراضي جي برابر آهي جيڪو ساڳي بنياد ۽ ساڳي عمود سان آهي.

سڌيان 14.1.2

برابر بنياد ۽ هڪ جهڙي عمود سان نهندڙ پورو چوٽ چوڪنڊا ايراضي ۾ برابر آهن.

مليل: ABCD ۽ EFGH بہ پورو چوٽ چوڪنڊا آهن. جن جا بنياد $\overline{BC}$ ۽ $\overline{FG}$ برابر آهن ۽ عمود پڻ برابر آهن.



گهربل: ▱ABCD = ▱EFGH

جوڙجڪ: ABCD ۽ EFGH پورو چوٽ چوڪنڊا اهڙي طرح ناهيو تہ جيئن سندن برابر بنياد $\overline{BC}$ ۽ $\overline{FG}$ ساڳي سڌي ليڪ تي هجن پوءِ B کي E سان ۽ C کي H سان ملايو.

ثابتي:

بيان	دليل
پورو چوٽ چوڪنڊا ABCD ۽ EFGH پورو چوٽ ٽڪرن جي وچ ۾ آهن. تہ پوءِ A,D,E ۽ H ٽيڪا سڌي ليڪ تي آهن جيڪا $\overline{BC}$. جي پورو چوٽ آهي.	هنن جا عمود برابر آهن.
$m\overline{BC} = m\overline{FG}$	مليل
$m\overline{BC} = m\overline{EH}$	EFGHهڪ پورو چوٽ چوڪنڊو آهي ۽ $m\overline{BC} = m\overline{FG}$
$m\overline{BC} = m\overline{EH}$ پوروچوٽ آهن.	پوروچوٽ ليڪن جا ٽڪرا بہ پوروچوٽ هوندا آهن
تنهنڪري EBCH هڪ پورو چوٽ چوڪنڊو آهي.	هڪ چوڪنڊو، ٻن پورو چوٽ پاسن سان پورو چوٽ چوڪنڊو آهي.
هاڻ	
▱ABCD =▱EBCH … (i)	سڌيان14.1.1
پَر ▱EFGH=▱EBCH… (ii)	سڌيان14.1.1
تہ پوءِ ▱EFGH = ▱ABCD	(i) ۽ (ii) مان

Q.E.D

سڌيان 14.1.3

ساڳي بنياد ۽ ساڳي عمود سان ٺهندڙ ٽڪنڊا ايراضي ۾ برابر آهن.



مليل: ٽڪنڊا ABC ۽ DBC، ساڳي بنياد $\overline{BC}$ ۽ پورو چوٽ ليڪن $\overline{BC}$ ۽ $\overline{AD}$. تي آهن.

گهربل:

$\blacktriangle ABC = \blacktriangle DBC$

جوڙجڪ: $\overline{BE}$ پورو چوٽ $\overline{CE}$ جي ناهيو، جيڪي $\overline{AD}$ تي ملن ۽ انهن کي وڌايو E تائين. $\overline{CF}$ پورو چوٽ

ثابتي: $\overline{BD}$ جي ناهيو جيڪو $\overline{AD}$ تي ملي ۽ F تائين وڌايو.

بيان	دليل
BCAE پورو چوٽ چوڪندو	جوڙجڪ
$\blacktriangle ABC = \frac{1}{2}$ (▰BCAE) … (i)	اريب $\overline{AD}$ پورو چوٽ چوڪندي کي تقسيم ڪري ٿي. BCAE ۾ ٽڪنڊن جي ايراضي جي برابر آهي.
ساڳي طرح BCFD بو هڪ پورو چوٽ چوڪندو آهي.	جوڙجڪ
$\blacktriangle DBC = \frac{1}{2}$ (▰BCFD) … (ii)	اريب CD پورو چوٽ چوڪندي کي تقسيم ڪري ٿي. BCFD ۾ ٽڪندي جي ايراضي جي برابر آهي.
$\blacktriangle DBC = \frac{1}{2}$ (▰BCFD) … (ii)	سڌيان 14.1.1
تہ پوءِ ▰BCAE = ▰BCFD … (iii)	
$\blacktriangle ABC = \blacktriangle DBC$	(i)، (ii) ۽ (iii) مان

Q.E.D

سڌيان 14.1.4

برابر بنياد ۽ برابر سان ٺهندڙ ٽڪنڊا ايراضي ۾ برابر آهن.

مليل: ٽڪنڊا ABC ۽ DEF، جيڪي ترتيبوار $\overline{BC}$ ۽ $\overline{EF}$ برابر بنياد ۽ عمود تي آهن.



ڳھربل:

▲ABC = ▲DEF

جوڙجڪ: $\overleftrightarrow{AD}$ ۽ $\overleftrightarrow{BF}$ ناھيو جنھن ۾ B, C, E, F ٽپڪا ھجن.
ٽڪنڊا ABC ۽ DEF برابر بنياد $\overline{BC}$ ۽ $\overline{EF}$ سان سڌي ليڪ تي آھن. $\overline{BX} \parallel \overline{CA}$ ۽ $\overline{FY} \parallel \overline{ED}$. ناھيو تہ جيئن ٽپڪا X ۽ $Y, \overleftrightarrow{AD}$ تي ھجن.

ثابتي:

بيان	دليل/سبب
ٽڪنڊا ABC ۽ DEF ساڳين پورو چوت ليڪن تي آھن.	مليل (عمود برابر آھن)
BF XY	
∴▰BCAX =▰EFYD ... (i)	ستيان 14.1.2.
$\blacktriangle ABC = \frac{1}{2}$(▰BCAX) ... (ii)	پورو چوت چوڪندي جي اريب ٻن برابر ٽڪنڊن ۾ ورھائي تي
$\blacktriangle DEF = \frac{1}{2}$ (▰EFYD) ... (iii)	ساڳيو سبب
تنھنڪري ▲DEF = ▲ABC	(i), (ii) ۽ (iii) مان

Q.E.D

شامل نتيجو:

ساڳي سڌي ليڪ تي نھنڊڙ ٽڪندا جن جون ساڳيو چوٽيون ۽ برابر بنياد ھجن تہ ايراضي ۾ برابر ٿيندا.

مشق 14.1



1. مليل شڪل، ABCD هڪ پورو چوٽ چوڪندو ۽ EFCD هڪ مستطيل آهي جنهن ۾ $\overline{AL} \perp \overline{DC}$ ثابت ڪريو تہ

(i) $\blacksquare ABCD = \blacksquare EFCD$

(ii) $\blacksquare ABCD = m\overline{DC} \times m\overline{AL}$



2. مليل شڪل ۾، جيڪڏهن چوڪندي جي اريبون ان کي چئن برابر ٽڪندن ۾ ورهائين تہ ٻڌايو تہ اهو پورو چوٽ چوڪندو آهي.



3. مليل شڪل ۾ $\overline{BC} \parallel \overline{AD}$ هڪ ABC گوني ڪند ٽڪندو آهي B، چوٽي ڪان، جنهن ۾ س م $m\overline{BC} = 7$ آهي. $m\overline{AC} = 11$ ۽ ΔABC جي ايراضي معلوم ڪريو.

4. ثابت ڪريو تو ٽڪندي جا مڌيان، ان کي ٻن برابر ايراضي وارن ٽڪندن ۾ ورهائن ٿا.

5. ثابت ڪريو تہ مستطيل جي آمهون سامهون وارن پاسن جي وچين ٽپڪن سان ملائيندڙ ليڪ ٽڪر ان کي ٻن برابر مستطيلن ۾ تقسيم ڪندو.

6. جيڪڏهن ٻہ برابر ايراضي وارا پورو چوٽ چوڪندا جن جو ساڳيو ۽ برابر بنياد هجي تہ انهن جا عمود ٻہ برابر ٿيندا.

7. ثابت ڪريو تہ ٽپور پاسي ٽڪندي جي ڪند جو اڌ ڪندڙ ان کي ٻن برابر ايراضي وارن ٽڪندن ۾ تقسيم ڪندو.

8. ثابت ڪريو تہ رامبس، ان جي اريبن سان چئن برابر ايراضي وارن ٽڪندن ۾ تقسيم ٿيندو.

ورجايل مشق

.1 هيٺ مليل لاءِ صحيح جي لاءِ T ۽ غلط لاءِ F ان جي سامهون ٽڪ ڪريو.

(i) بند شڪل جي ايراضي مطلب، اهو حصو جيڪو ليڪن سان شڪل کي بند ڪري. T/F

(ii) مستطيل جي اريب، ان کي ٻن يڪسان ٽڪنڊن ۾ ورهائي ٿي. T/F

(iii) يڪسان شڪلين کي مختلف ايراضي هوندي آهي. T/F

(iv) پورو چوٽ چوڪنڊي جي ايراضي بنياد ۽ اوچائي جي ضرب اپت برابر آهي. T/F

(v) ٽڪنڊي جي مڏيان جو مطلب انهن جي چوٽي کان، سامهون وري پاسي تي عمود آهي. T/F

(vi) ٻن پورو چوٽ ليڪن جو عمودي مفاصلو ڪنهن وقت مختلف به ٿي سگهي ٿو. T/F

(vii) چوٽي واري ٽبڪي کان ناهيل عمود هميشه سامهون پاسي کي اڏو اڏ ڪندو. T/F

(viii) ٻہ ٽڪنڊا ايراضي ۾ برابر ٿيندا، جيڪڏهن انهن جو ساڳيو بنياد ۽ برابر عمود هجن. T/F

.2 صحيح جواب کي (✓) ٽڪ ڪريو.

(i) جيڪڏهن ٻن ليڪن جي وچ جو عمودي مفاصلو ساڳيو آهي ته اهي ليڪون _________ آهن.

(a) هڪ ٻئي تي عمود (b) هڪ ٻئي سان پورو چوٽ

(c) هڪ ٻئي کي ڪپيندڙ (d) ڪو به نہ

(ii) جيڪڏهن ٻن ٽڪنڊن جي ايراضي برابر آهي ته پوءِ _________ يڪسان پڻ ٿيندا.

(a) ضروري نہ آهي. (b) ضروري آهي ته

(c) بلڪل (d) ڪو به نہ

(iii) ٽڪنڊي جي چوٽيءَ واري ٽبڪي کان، سامهون پاسي تي ٺهندڙ عمود کي _________ چئبو آهي.

(a) مڏيان (b) عمودي اڏ ڪندڙ

(c) عمود (d) ڪنڊ جو اڏ ڪندڙ

(iv) پورو چوٽ چوڪندا جن جو ساڳيو بنياد ۽ ساڳيو عمود هجي ______ آهن.

(a) يڪسان (b) ايراضي ۾ برابر

(c) هڪ جھڙا (d) هي سڀ

(v) پورو چوٽ چوڪندن جا برابر بنياد هجن ته انهن جي ساڳي ايراضي ٿيندي جيڪڏهن:

(a) انهن جو عمود برابر آهن (b) انهن جو عمود ساڳيو آهي

(c) اهي ساڳي پورو چوٽ ليڪن جي وچ ۾ هوندا

(d) هي سڀ

(vi) ΔABC ۽ ΔDEF جا برابر بنياد ۽ برابر عمود هجن ته پوءِ اهي ٽڪندا ______ آهن.

(a) ايراضي ۾ برابر (b) يڪسان

(c) هڪ جھڙا (d) هن مان ڪو به نه

خلاصو

- هن يونٽ ۾ اسان ڪجھ ضروري عملن کي ظاهر ۽ بيان ڪيو آهي ۽ هيٺيان سٽيان انهن جي شامل نتيجن سان گڏ ثابت ڪيا آهن.
- ساڳي بنياد ۽ ٻن پورو چوٽ ليڪن جي وچ ۾ لهندڙ پورو چوٽ چوڪندا ايراضي ۾ برابر آهن.
- برابر بنياد ۽ هڪ جھڙي عمود سان لهندڙ پورو چوٽ چوڪندا ايراضي ۾ برابر آهن.
- هڪ جھڙي بنياد ۽ هڪ جھڙي عمود سان لهندڙ ٽڪندا ايراضي ۾ برابر آهن.
- برابر بنياد ۽ هڪ جھڙي عمود سان لهندڙ ٽڪندا ايراضي ۾ برابر آهن.
- شڪل جي ايراضي جو مطلب، بند شڪل جو اهو حصو جيڪو حد جي ليڪن سان بند ٿيل هجي.
- مستطيلي حد جو مطلب ٽڪندن ۽ انهن جي اندرين جو ميلاپ.
- ٽڪندي جي ايراضي جو مطلب، اها ايراضي جيڪا ٽڪندي جي حدن تي هجي.
- ٽڪندي جي اوچائي يا عمود جو مطلب ته عمودي مفاصلو جيڪو بنياد کان ان جي سامهون واري چوٽي تائين هجي.

15 يونٽ

ٽڪنڊي جي پاسي جو واڌارو

(Projection of a Side of a Triangle)

شاگردن جي سکيا جا حاصلات

هن يونٽ جي پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا تہ:

- ڪنھن ويڪري ڪند ٽڪنڊي ۾ ويڪري ڪنڊ جي سامھون واري پاسي جي ماپ جو چورس، ٻنھي سوڙهين ڪنڊن وارن پاسن جي چورس جي جوڙ سان گڏ مستطيل تي مشتمل هڪ پاسي ۽ ان واڌاري جي ٻيڻ جي برابر آهي.
- ڪنھن ٽڪنڊي ۾ سوڙهي ڪنڊ جي سامھون واري پاسي جو چورس، سوڙهي ڪند جي انھن گھٽيل پاسن جي چورس جي ڪٽ سان گڏ مستطيل جي هڪ پاسي ۽ ان جي واڌاري جي ٻيڻ جي برابر آهي.
- ڪنھن ٽڪنڊي ۾ ڪن بہ ٻن پاسن جي چورس جو جوڙ، ٽئي پاسي جي اڌ جي چورس سان گڏ، ان پاسي ڪي اڌواڌ ڪندڙ مڌيان جي چورس جي ٻيڻ جي برابر آهي.

15.1 تڪنڊي جي پاسي جو واڌارو

هينيان سڌيان، شامل ننڍن سان ڳنڍ سمجهي انهن جي استعمال سان لاڳاپيل حساب ڪريو.

سڌيان 15.1.1

ڪنهن ويڪري ڪنڊ ٽنڊي ۾ ويڪري ڪنڊ جي سامهون واري پاسي جو چورس، ٻنهي سوڙهين ڪنڊن وارن پاسن جي چورس جي جوڙ سان ڳنڍ مستطيل تي مشتمل هڪ پاسي ۽ ان جي واڌاري جو ٻيل جي برابر آهي.



مليل: ٽنڪنڊو ΔABC، جنهن جي ويڪري ڪنڊ A چوٽي آهي.

گهربل: $a^2 = b^2 + c^2 + 2cx$

جوڙجڪ: $\overline{BA}$ تي هڪ عمود $\overline{CD}$ ناهيو جنهن ۾ $\overline{AD}$ وڌارو آهي $\overline{BA}$ جو ۽ ان کي $\overline{AC}$ سان ملايو جيئن $m\overline{BC} = a$, $\overline{CA} = b$, ۽ $m\overline{AB} = c$,$m\overline{AD} = x$ ۽ $m\overline{CD} = h$.

ثابتي

بيان	سبب / دليل
گوني ڪنڊ ٽڪنڊي CDA ۾ $m\angle CDA = 90^0$	جوڙجڪ
تنهنڪري $(m\overline{AC})^2 = (m\overline{AD})^2 + (m\overline{DC})^2$	پيٿاگورس سڌيان مطابق
جيئڪو $b^2 = x^2 + h^2$ ... (i) ,	مفروضي طور
گوني ڪنڊ ٽڪنڊي ΔCDB ۾ $m\angle CDB = 90^0$	جوڙجڪ
تنهنڪري $(m\overline{BC})^2 = (m\overline{BD})^2 + (m\overline{CD})^2$	پيٿاگورس سڌيان مطابق
جيئڪو $a^2 = (c + x)^2 + h^2$ ... (i)	
يا $a^2 = c^2 + 2cx + x^2 + h^2$ ... (ii)	$m\overline{BD} = m\overline{BA} + m\overline{AD}$
$a^2 = c^2 + 2cx + b^2$	$b^2 = x^2 + h^2$
ته پوءِ $(m\overline{BC})^2 = (m\overline{AB})^2 + 2(m\overline{AB})(m\overline{AD}) + (m\overline{AC})^2$	

Q.E.D

مثال: تکندو ΔABC جنهن جي ويڪري ڪند A چوٽي تي آهي. جيڪڏهن $\overline{CD}$ ، D تيڪي تائين وڌيل پاسي $\overline{BA}$ تي عمود هجي ۽ $m\overline{AC}=m\overline{AB}$ آهي تہ پوءِ $(m\overline{BC})^2=2(m\overline{AB})(m\overline{BD})$ ثابت ڪريو. تيندو.



مليل: تکندو ΔABC جنهن ۾ ڪند $m\angle A$ هڪ ويڪري ڪند آهي ۽ $m\overline{AC}=m\overline{AB}$. $\overline{CD}$ عمود آهي $\overline{BA}$ تي جنهن کي D تائين وڌايو.

گهربل:

$$(m\overline{BC})^2=2(m\overline{AB})(m\overline{BD})$$

ثابتي.

بيان	Reasons
تکندي ΔABC ۾	
$(m\overline{BC})^2=(m\overline{AB})^2+2(m\overline{AB})(m\overline{AD})+(m\overline{AC})^2$	سڌيان 15.1.1
$(m\overline{BC})^2=(m\overline{AB})^2+2(m\overline{AB})(m\overline{AD})+(m\overline{AB})^2$	مليل $m\overline{AC}=m\overline{AB}$
$(m\overline{BC})^2=2(m\overline{AB})^2+2(m\overline{AB})(m\overline{AD})$	$2m\overline{AB}$ کي مشترڪ ڪرڻ سان
$(m\overline{BC})^2=2m\overline{AB}(m\overline{AB}+m\overline{AD})$	$m\overline{BD}=m\overline{AD}+m\overline{AB}$
$(m\overline{BC})^2=2(m\overline{AB})(m\overline{BD})$	

Q.E.D

مشق 15.1

.1 $\overline{AB}$ جي ڊيگهہ ۽ تکندي ABC جي ايراضي معلوم ڪريو جڏهن

(i) $m\overline{AC}=3cm,\ m\overline{BC}=6cm$ and $m\angle C=120^0$

(ii) $m\overline{CD}=m\overline{BC}\ \cos(180^0-m\angle C)$

$$(m\overline{BC})^2=(m\overline{AC})^2+(m\overline{AB})^2+2(m\overline{AB})(m\overline{AD})$$

.2 تڪنڊي ΔABC ۾ $m\overline{AC}$ جي ڊيگهه معلوم ڪريو، جڏهن $m\overline{BC}=6cm$, س.م ۽ $m\overline{AB}=4\sqrt{2}\ cm$ آهي. $m\angle ABC=135^0$ جيڪڏهن ممڪن هجي ته تڪنڊي ΔABC جي ايراضي معلوم ڪريو.

.3 تڪنڊي ΔABC ۾ $m\overline{AC}$ جي ڊيگهه معلوم ڪريو جڏهن ممڪن هجي ته تڪنڊي ABC جي, $m\overline{BC}=6\sqrt{2}\ cm$ ايراضي معلوم ڪريو.

سڌيان 15.1.2

ڪنهن تڪنڊي ۾ سوڙهي ڪنڊ جي سامهون واري پاسي جو چورس سوڙهي ڪنڊ جي، انهن

گهٽيل

پاس جي چورس جي ڪٽ سان گڏ مستطيل جي هڪ پاسي ان جي واڌاري جي ٻيڻ جي برابر آهي،

مليل: تڪنڊو ABC

$\angle CAB$ سوڙهي ڪنڊ آهي A چوٽي تي ΔABC

جنهن ۾ $m\overline{AB}=c$ ۽ $m\overline{BC}=a,\ m\overline{AC}=b$



گهربل:

$$(m\overline{BC})^2=(m\overline{AC})^2+(m\overline{AB})^2-2(m\overline{AB})(m\overline{AD})$$

جيڪو $\text{i.e. } a^2=b^2+c^2-2cx$

جوڙجڪ: $\overline{AC}$ تي عمود $\overline{CD}$ ناهيو، ته جيئن $\overline{AD}$ واڌارو آهي $\overline{AC}$ جو $\overline{AB}$ تي،

۽ $m\overline{AD}=x$ $m\overline{CD}=h$

ثابتي:

سبب / دليل	بيان
جوڙجڪ	گوني ڪند ٽڪنڊي ΔCDA ۾ $m\angle CDA = 90^0$,
پيٿاگورس ٿيوريم مطابق	تنهنڪري $\left(m\overline{AC}\right)^2 = \left(m\overline{AD}\right)^2 + \left(m\overline{CD}\right)^2$
مفروضي طور	جيڪو $b^2 = x^2 + h^2 \quad \ldots$ (i)
جوڙجڪ	گوني ڪند ٽڪنڊي ΔCDA ۾ $m\angle CDB = 90^0$
پيٿاگورس ٿيوريم مطابق شڪل مان	$\left(m\overline{BC}\right)^2 = \left(m\overline{BD}\right)^2 + \left(m\overline{CD}\right)^2$
$\therefore\ m\overline{BD} = m\overline{AB} - m\overline{AD}$	جيڪو $a^2 = \left(c - x\right)^2 + h^2$
	$a^2 = c^2 - 2cx + x^2 + h^2$
مساوات استعمال ڪرڻ سان	يا $a^2 = c^2 - 2cx + b^2$
	$a^2 = c^2 + b^2 - 2cx$
	تنهنڪري $\left(m\overline{BC}\right)^2 = \left(m\overline{AC}\right)^2 + \left(m\overline{AB}\right)^2 - 2\left(m\overline{AB}\right)\left(m\overline{AD}\right)$

Q.E.D

اپولونيس ۽ اپولونيس جا ٿيوريم

اپولونيس هڪ عظيم جاميٽري ۽ فلڪيات جو ماهر هو.

اسان هن جو مشهور ٿيوريم بيان ڪري ثابت ڪريون ٿا.

ٿيوريم 15.1.3 (اپولونيس ٿيوريم)

ڪنهن ٽڪنڊي ۾ ڪن ٻه پاسن جي چورس جو جوڙ، ٽئي پاسي جي اڌ جي چورس سان گڏ ان پاسي کي اڌوڙ ڪندڙ مڊيان جي چورس جي ٻيڻ جي برابر آهي.



مليل: تڪندو ΔABC جنهن ۾ $\overline{AD}$ سڌيان $\overline{BC}$ کي D ٽپڪي تي اڌواڌ ڪري ٿو.

اهڙي طرح جو . $m\overline{BD} = m\overline{CD}$

گهربل:

$$\left(m\overline{AB}\right)^2 + \left(m\overline{AC}\right)^2 = 2\left(m\overline{BD}\right)^2 + 2\left(m\overline{AD}\right)^2$$

جوڙجڪ: ناهيو $\overline{AF} \perp \overline{BC}$

ثابتي:

بيان	سبب / دليل
تڪنڊي ΔADB ۾ جڏهن $\angle ADB$ سوڙهي آهي. تنهنڪري $\left(m\overline{AB}\right)^2 = \left(m\overline{BD}\right)^2 + \left(m\overline{AD}\right)^2 - 2\left(m\overline{BD}\right)\left(m\overline{FD}\right)$...(i)	ΔADF گوني ڪند تڪندو آهي جنهن جي F گوني ڪند آهي. جوڙجڪ. سڌيان 15.1.2 کي استعمال ڪري.
هان تڪنڊي ΔADC ۾ جنهن ۾ $\angle ADC$ ويڪري ڪند آهي D تي تنهنڪري	سپليمينٽ $\angle ADB$ جي
$\left(m\overline{AC}\right)^2 = \left(m\overline{CD}\right)^2 + \left(m\overline{AD}\right)^2 + 2\left(m\overline{CD}\right)\left(m\overline{FD}\right)$ $\left(m\overline{AC}\right)^2 = \left(m\overline{BD}\right)^2 + \left(m\overline{AD}\right)^2 + 2\left(m\overline{BD}\right)\left(m\overline{FD}\right)$...(ii)	سڌيان 15.1.1 $m\overline{CD} = m\overline{BD}$
تنهنڪري	(i) ۽ (ii) کي جوڙ ڪرڻ سان
$\left(m\overline{AB}\right)^2 + \left(m\overline{AC}\right)^2 = 2\left(m\overline{BD}\right)^2 + 2\left(m\overline{AD}\right)^2$	eqs. (i) and (ii)

Q.E.D

مشق 15.2

1. تڪنڊي ΔABC ۾ $m\angle A=30^0$ m, ته ثابت ڪريو ته

$$\left(m\overline{BC}\right)^2=\left(m\overline{AC}\right)^2+\left(m\overline{AB}\right)^2-\sqrt{3}\left(m\overline{AB}\right)\left(m\overline{AC}\right).$$

2. تڪنڊي ΔABC ۾ حل ڪريو جڏهن س.م $m\overline{BC}=\quad cm$ ، س.م $m\overline{AC}=5cm$ ۽ $m\angle A=60^0$

3. تڪنڊي جي مليل پاسن 3 س.م، 4. س.م ۽ 5 س.م سان ٺڪنڊو سوڙهي ڪنڊ، ويڪري ڪنڊ يا ڳوني ڪنڊ ٽيندو معلوم ڪريو.

4. تڪنڊي جي مليل پاسن 4 س.م، 7 س.م ۽ 8 س.م سان ٺڪنڊو ويڪري ڪنڊ، سوڙهي ڪنڊ يا ڳوني ڪنڊ ٽيندو معلوم ڪريو.

ورجايل مشق 15

1. خال ڀريو.

(i) ڳوني ڪنڊ ٽڪنڊي ΔABC ۾ $\left(m\overline{AC}\right)^2$ _________ $+\left(m\overline{AB}\right)^2$

(ii) تڪنڊي ΔABC ۾، ٻه پاسا 4 س.م جي برابر آهي ان کي چئبو _______ ٽڪنڊو.

(iii) تڪنڊي ΔABC ۾ $m\angle B=90^0 m\angle B=90^0$ ته _________ $=\left(m\overline{AB}\right)^2+\left(m\overline{BC}\right)^2$

(iv) 8 س.م، 15 س.م ۽ 17 س.م _________ جا پاسا آهن.

2. تڪنڊي ΔABC ۾ $\overline{AC}=3$ س.م $\overline{BC}=6$ س.م ۽ $\angle C=120^0$ ته معلوم ڪريو.

خلاصو

- ڪنهن ويڪري ڪنڊ ٽڪنڊي ۾ ويڪري ڪنڊ جي سامهون واري پاسي جو چورس، ٻنهي سوڙهين ڪنڊن وارن پاسن جي چورس جي جوڙ سان گڏ مستطيل تي مشتمل هڪ پاسي ۽ ان واڌاري جي ضرب جي برابر آهي.
- ڪنهن ٽڪنڊي ۾ سوڙهي ڪنڊ جي سامعون واري پاسي جو چورس، سوڙهي ڪنڊ جي انهن گهٽيل پاسن جي چورس جي ڪٽ سان گڏ مستطيل جي هڪ پاسي ۽ ان جي واڌاري جي ضرب جي برابر آهي.
- ڪنهن ٽڪنڊي ۾ ڪن ٻه ٻن پاسن جي چورس جو جوڙ، ٽئي پاسي جي اڌ جي چورس سان گڏ، ان پاسي کي اڌواڌ ڪندڙ مڌيان جي چورس جي ضرب جي برابر آهي.

یونٽ 16

تجزياتي / محددي، جاميٽري جو تعارف

Introduction to Coordinate Geometry / Analytical Geometry

شاگردن جي سکيا جا حاصلات

هن يونٽ جي پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا تہ:

- تجزياتي جاميٽري جي تعرف ۽ وضاحت ڪرڻ.
- مفاصلي جي فارمولا کي حلڪري، ڪارتيسي متاچري ۾ مليل ٻن ٽپڪن جي وچ ۾ مفاصلو معلوم ڪندا.
- فاصلي جو فارمولا استعمال ڪري ٻن ٽپڪن جي وچ ۾ مفاصلو معلوم ڪري سگهن.
- هم ليڪ ٽپڪن جي تعريف ڪري، هم ليڪ ۽ غير هم ليڪ ٽپڪن ۾ فرق ڪري سگهن.
- مفاصلي جو فارمولا استعمال ڪري ٿي يا وڌيڪ ٽپڪا هم ليڪ ٽپڪا آهن.
- مفاصلي جو فارمولا استعمال ڪري ثابت ڪن تہ ٿي غير هم ليڪ ٽپڪا ٺاهين ٿا.
  - ٽپور پاسو ٽڪندو
  - ٻپور پاسو ٽڪندو
  - ڳوني ڪند ٽڪندو
  - اٽپور پاسو ٽڪندو
- مفاصلي جو فارمولا استعمال ڪري ثابت ڪندا تہ، چار غير هم ليڪ ٽپڪا ٺاهين ٿا.
  - هڪ چورس
  - مستطيل
  - پوروچوٽ چوڪندو
- ٻن قليل ٽپڪن کي ملائيندڙ جو وچ وارو ٽپڪو معلوم ڪرڻ لاءِ فارمولا جي سجاڻپ ڪري سگهندا.
- مفاصلي جو فارمولا ۽ وچ واري ٽپڪي معلوم ڪرڻ جو فارمولا استعمال ڪري جاميٽري سان تعلق رکندڙ مختلف نتيجن کي حل ڪري چڪاس ڪندا.

تعارف

ڪارٽيسي محدد (Coordenate) 17 صدي ۾ (بيني ديڪارٽ لاطينگي نالو ڪارٽيسيوس) ايجاد ڪيو هن آلجبرا جي وچ ۾ پهريون پيرو منظم ڳانڍاپو مهيا ڪيو، جنهن رياضي جي ميدان ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو ڪارٽيسي محددي نظام استعمال ڪري اسان جاميٽري جون شڪليون (جهڙوڪ ليڪون ۽ موڙ) مساواتن سان بيان ڪري سگهون ٿا.

16.1 مفاصلي جو فارمولا

16.1.1 محددي جاميٽري جي وصف ۽ وضاحت ڪريو.

محددي جاميٽري رياضي جي اهم ۽ دلچسپ شاخن مان هڪ آهي. خاص طور تي اسڪول ۾ رياضي جي لاءِ ان جي مرڪزي حيثيت آهي اها آلجبرا ۽ جاميٽري ۾ گراف، ليڪن ۽ موڙن تعلق ڪي مهيا ڪري ٿي.

محددي نظام جي مدد سان، جاميٽري جي آلجبري مطالعي کي محددي جاميٽري / تجرباني جاميٽري چئبو آهي.

هي جاميٽري جي حسابن کي آلجبري صورت ۾ حل ڪرڻ ۾ مدد ڏي ٿو ۽ آلجبرا ۾ جاميٽري جو سجاڳپ ڏي ٿو. اهو جاميٽري جو حصو آهي جنهن ۾ عددن جا ترتيب ڏنل جوڙا متاچري تي ٽٻڪي کي جڳهه کي بيان ڪن ٿا. هتي محددي جاميٽري جو تصور (ڪارٽيسي جاميٽري) ۽ ان جون مساواتون، فارمولا واضح ڪيا ويندا.

16.1.2 ڪارٽيسي متاچري ۾ ٻن ٽٻڪن جي وچ ۾ مفاصلو ڪڍڻ لاءِ مفاصلي جو فارمولا حاصل ڪريو.

بيان:

ٻن ٽٻڪن جي وچ ۾ مفاصلو $P_1(x_1, y_1)$ ۽ $P_2(x_2, y_2)$ کي $|\overline{P_1P_2}|$ سان ظاهر ڪيو ويندو آهي جنهن جي هن طرح تعريف آهي.

$$|\overline{P_1P_2}| = \sqrt{(x_2 - x_1)^2 + (y_2 - y_1)^2}$$



مفاصلي جي فارمولا جو حل:

فرض ڪريو تہ $P_1(x_1, y_1)$ ۽ $P_2(x_2, y_2)$

۽ متاچري تي ٽيڪا آهن.

P_1 ۽ P_2 وٽان، $x-$ محور تي $\overline{P_1A}$ ۽ $\overline{P_2A}$ عمود ناهيو ۽ $x-$ محور جي پوروچوٽ $\overline{P_1C}$ پڻ ناهيو.

$$|\overline{P_1C}| = |\overline{AB}| = |\overline{OB}| - |\overline{OA}| = |x_2 - x_1|$$

$$|\overline{P_2C}| = |\overline{P_2B}| - |\overline{BC}| = |y_2 - y_1| \text{ ۽}$$

ΔP_1CP_2 کي گوني ڪند ٽڪندو سمجهيو. ۽ پيٿاگورس سڏيان استعمال ڪريو.

$$\therefore \quad |\overline{P_1P_2}|^2 = |\overline{P_1C}|^2 + |\overline{P_2C}|^2$$

$$\Rightarrow \quad |\overline{P_1P_2}|^2 = (x_2 - x_1)^2 + (y_2 - y_2)^2$$

$$\Rightarrow \quad |\overline{P_1P_2}| = \sqrt{(x_2 - x_1)^2 + (y_2 - y_2)^2}$$

نوٽ: مفاصلي جو فارمولا اصل نقطي $P(x, y)$ جو آهي

$$d = \sqrt{x^2 + y^2}$$

16.1.3 ٻن مليل ٽيڪن جو مفاصلو معلوم ڪرڻ لاءِ مفاصلي وارو فارمولا استعمال ڪريو.

هيٺيان مثال مفاصلي واري فارمولا جي استعمال ڪرڻ کي سمجهڻ ۾ مدد ڪندا.

مثال 01 ٻن ٽيڪن $P(2,3)$ ۽ $Q(-4,5)$ جي وچ ۾ مفاصلو معلوم ڪريو.

حل: مفاصلي وارو فارمولا استعمال ڪري $|\overline{PQ}| = \sqrt{(x_2 - x_1)^2 + (y_2 - y_1)^2}$ هتي

$$(x_1, y_1) = (2,3), (x_2, y_2) = (-4,5)$$

$$\therefore \quad |\overline{PQ}| = \sqrt{(-4-2)^2 + (5-3)^2}$$

$$\Rightarrow \quad |\overline{PQ}| = \sqrt{(-6)^2 + (2)^2} = \sqrt{36+4}$$

$$\Rightarrow \quad |\overline{PQ}| = \sqrt{40} = 2\sqrt{10}$$

مثال 02 هڪ گول 5 ايڪي رداس جو مرڪز $C(3,2)$ سان ناهيو ويو جنهن تي $L(6,6)$، $M(0,-1)$ ۽ $N(-2,-3)$ ٽپڪا مليل آهن معلوم ڪريو ته ڪهڙو ٽپڪو گول تي نہ آهي (سبب ڏيو).

حل: $C(3,2)$ گول جو مرڪز 5 ايڪا رداس سان آهي
۽ $L(6,6)$، $M(0,-1)$ ۽ $N(-2,-3)$ تي مليل ٽپڪا آهن
